واندو واسوُ

(ستن سنڌي ايڪانڪين جو مجموعو)

ليکڪ : ڪشور الواڻي

واندو واسوُ (ستن سنڌي ايڪانڪين جو مجموعو) ڪشور الواڻي

नवभारत

ठिठोली से ओतप्रोत वांदो वासु का मंचन

सिंधीयत शाम का आयोजन

नागपुर. सिंधी सदा सलामत संस्था की ओर से सिंधी गीत, संगीत एवं नाटक से ओतप्रोत कार्यक्रम सिंधियतजी शाम का आयोजन वसंतराव देशपांडे सभागृह में किया गया. राष्ट्रीय सिंधी भाषा विकास परिषद के उपाध्यक्ष घनश्याम कुकरेजा, नाग विदर्भ सेंट्रल सिंधी पंचायत के अध्यक्ष सुरेश जग्यासी, विनोद लालवानी, गोपाल खेमानी, कंचन जग्यासी, हरभगवान नागपाल की प्रमुख उपस्थिति रही. इस अवसर पर कुकरेजा ने कहा किसी भी भाषा के विकास में आवाजी कल्चर का विकास महत्वपूर्ण है. जिसमें गीत संगीत, नाटक तथा फिल्में महत्वपूर्ण भूमिका अदा करती है. संस्था अध्यक्ष मोहन सचदेव ने संस्था के उद्देश्य से अवगत कराया. उल्हासनगर की संगीत मंडली कमलेश कापर एंड पार्टी की संगीत संध्या तथा उसके बाद हास्य नाटक वांदो वासु का मंचन किया गया.

किशोर लालवानी द्वारा लिखित मोहन सचदेव द्वारा निर्देशित इस नाटक में मुख्य मोटवानी, परमेश्वर चेलानी, मीरा जग्यासी, अशोक तुलसानी, कनका तुलसानी, कमल जग्यासी, दिनेश केवलरामानी, परमानंद कुकरेजा, चंदू शोकानी ने अपनी अदाकारी का जलवा बिखेरा. संचालन नीलम ठाकवानी, पीटू राजपालानी ने किया. चकिन सचदेव, एकता बजाज, कीर्ति मूलचंदानी, देवेश लालवानी, भोकवानी, पवन चेलानी, प्रवेश हिंगोरानी ने सफलतार्थ प्रयास किये.

Navabharat Nagpur Plus Edition
22 Aug, 2019 Page No. 4

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واندو واسوُ

(ستن سنڌي ايڪانڪين جو مجموعو)

ليکڪ :

ڪشور لالواڻي

This book is published with financial aid from
National Council for promotion of Sindhi Language
(NCPSL, New Delhi)

books.sindhsalamat.com

واندو واسوُ

(ستن سنڌي ايڪانڪين جو مجموعو)

ليکڪ : ڪشور ديپچند لالواڻي
فليٽ نمبر 13، گرونانڪ سوسائٽي،
نارا روڊ، جري پٽڪا، ناگپور-440014.
موبائيل : 9552148401

سال : 2021 قيمت : 250 رپيا ڪاپيون : 500

I.S.B.N. نمبر : 978-93-91988-11-1

چپيندڙ : پاٽيدار آفسيٽ
احمدآباد.

پبلشر : اِسڪين ڪمپيوٽرس
3، راڌيشيام اپارٽمينٽ، پاٽيا، نروڙا روڊ،
احمدآباد-382340 موبائيل-9327007002

VAANDO VAASU

(Collection of Seven Sindhi Plays)

Author : Kishor Deepchand Lalwani
Flat No. 13, Gurunank Society, Nara Road,
Jaripatka, Nagpur-440014.
M. : 9552148401

Year : 2020
ISBN No. : 978-93-91988-11-1
Price : Rs. 250-00
Copies : 500
Printed by : PATIDAR OFFSET
Ahmedabad.

Published by : SCAN COMPUTERS
3, Radheyshyam Apartment,
Patia, Naroda Road, Ahmedabad-382340.
Phone (M) 9327007002
(All rights reserved with writer)

www.sindhsalamat.com

پيش لفظ



ناٽڪ ادب ۽ ڪلا نمائن جو روپ آهي. ناٽڪ نثر چاهي نظم ۾ باوري ٻنهي ۾ گڏيل روپ ۾ پڻ لکيو وڃي ٿو. ناٽڪ جي ياترا ناٽڪ نويس کان وٺي درشڪن تائين جو سفر آهي.

ائين ته ساهتيہ جي هر صنف جو جڙاوَ لفظن سان آهي. پر ناٽڪ جا لفظ درشيہ‌ميہ هوندا آهن جو ناٽڪ درشيہ ڪاويہ (ڏسڻ) ۽ شرويہ ڪاويہ (هئڻ) ٻئي تتو پاڻ سان گڏ ڪڍي هلي ٿو. ناٽڪ جي پاڻا مڪمل طور پيشڪش جي پاڻا آهي. ناٽڪ مڪمل تڏهن ٻڌجي ٿو جڏهن اُهو منچ، آڪاشواڻي، دوردرشن وغيرہ تي ساڪار روپ اختيار ڪري ٿو. قلم بند ڪيل ناٽڪ، ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل ناٽڪ اسڪرپٽ سڏجي ٿو ۽ اُهو جڏهن ڪنهن ہ ماڊيم وسيلي ڪردارن ذريعي پيش ٿئي ٿو، نثر ٿئي ٿو تڏهن مڪمل ناٽڪ سڏجي ٿو. ناٽڪ منچيہ وڌا آهي جنهن کي ’استوري آف ڊائلاگ‘ ہ ڪري سڏيو ويندو آهي.

نقل ڪرڻ اِنساني فطرت آهي. ناٽڪ جي جڙَ‌ئي فن ۽ نقل ڪرڻ آهي. ناٽڪ کارنامي ۽ گفتگوءَ ذريعي اڳتي وڌي ٿو. ناٽڪ ويهي پڙهڻ جي چيز نہ آهي پر اُها کيڏڻ جي شيءِ آهي ۽ ناٽڪ کيڏڻ لاءِ ’ناٽڪ گهر‘ يا ’ڪيلستان‘ جي سخت ضرورت پوندي آهي. جتي ڪري ڈيڪارٽ سان اُن جو پورو اثر ۽ آخرين مقصد حاصل ٿئي ٿو. نراڪار روپ مان ساڪار ٻڌجي ٿو ۽ اُن لاءِ رنگ

books.sindhsalamat.com

پومي‌ءَ ۾ ٻيون ڪلائون پوشاڪ، سيٽ سجاوٽ، چترڪاري، ڪاسٽيوم، ميڪ اپ، لائيٽ، نٽ، سنگيت ۽ نرت جي ہ ناٽڪ کي مدد وٺي پويٽي ناٽڪ هڪ مرڪب فن آهي.

ناٽڪ جا جدا جدا قسم ٿين ٿا. تختي جو ناٽڪ، ريڊيو ناٽڪ، دوردرشن ناٽڪ، ٽيلي پلي وغيرہ. لکڻي‌ءَ جي لحاظ کان ہ اُن جا قسم آهن ايڪانڪي ناٽڪ (ننڍو ناٽڪ) ۽ انڪي، ٽہ انڪي وغيرہ اُن ۾ وري کي ناٽڪ سڪدائڪ (خوشحال)، دڪدائڪ (غم‌ناڪ) ۽ فارس (مسخري‌ءَ) وارا ناٽڪ ٽيندا آهن. دڪدائڪ (ٽريجڈي) ناٽڪ جو مڪمل ماحول دڪ ۾ريو سڪدائي ناٽڪ (ڪاميڈي‌ءَ) جو سمورو ماحول سڪدائي ۽ فارس خود ہ خود مذاقيہ، طنزي عناصرن کي اظهاري ٿو. ڪاميڈي ناٽڪ کي ’سڪ انت‘ ۽ ٽريجڈي جي ناٽڪ کي ’دڪ انت‘ ہ ڪوٽيو ويندو آهي يا ڳالهہ غلط آهي.

سنڌي ناٽڪ جي تواريخ جاڻائي ٿي ته پهريون وڏو ناٽڪ سنڌي‌ءَ ۾ مرزا قليچ بيگ 1880ع لکيو ته وري تختي تي پيش ٿيل پهريون سنسڪرت ناٽڪ جينانند پرچاڻي‌ءَ جو ترجمو ڪيل ’نل د مينتي‘ 1894 آهي. اُن بعد سنڌي‌ءَ ۾ اصلوڪا چاهي انواد / اُلٿو ايڪانڪي چاهي طويل - وڏن ناٽڪ لکڻ جو سلسلو سنڌ کان وٺي ورهاڻي بعد اڃ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو ۽ ناٽڪ ڪيڏيا پڻ وڃن ٿا ته سائنس جي ترقي‌ءَ سان گڏ سنڌي ناٽڪ قدم در قدم ملائي ٽيلي پلي، ريڊيو پلي، دوردرشن پلي ہ قلم بند ۽ پيش ٿيندا رهن ٿا. فلمون ہ تيار ٿيون آهن ته ائبسرڈ ناٽڪ، تجرباتي ناٽڪ ہ جوڙيا ويا آهن. سنڌي ناٽڪ جديد ترين تڪنيڪ کي اپنايو آهي ته پيش ڪش جي لحاظ کان تجربا ہ

www.sindhsalamat.com

کیا آھن. نیون راھون، پیچرا ۽ جوڑیا آھن. ناٽکن جون سلور، گولڊن، ڊائمينڊ جبليون، مھاڻتسوَ سيمينار، کيا ويا آھن ۽ ويديشن ڈانھن سنڌي ناٽکن پير پڻ ڌريا آھن.

سنڌي ناٽکن جي وکاس ياترا ۾ انيک ناٽک کار، ناٽک نويس، اداکار، تکنيکي ماھر جڙيا آھن/ جڙن پيا اُنھن پنھنجي ناٽک کلا فن ماھريت سان سنڌي ناٽک کي اوج، وکاس، لوڪپرينا تي پھچايو آھي. اُنھن ۾ جيکي ناٽک نويس اول صنف ۾ آھن تن ۾ شري ڪشور لعلواڻي جنھن جو جنم 15 جون 1957 ۾ ناگپور مھاراشٽرا آزاد پارٽ ۾ ٿيو آھي جو نالو اول ترين اھم جڳھ والاري ٿو.

شري لعلواڻي ننڍپڻ کان ئي سنڌي ناٽکن سان اداکار طور جڙيل رھيو آھي. ھن لڳاتار کلا ساڌنا سان ھندي، مراٹي، ناٽکن ۾ ڪم ڪندي ناٽکن جي حوالي سان پنھنجي سڃاڻپ، مڃتا ۽ لوڪپرينا حاصل ڪئي آھي. ناٽکن ۾ اداکاري ڪندي ناٽکي فن ۽ منچ کلا جو آزمودو حاصل ڪندي ھنن ناٽک قلم بند ڪرڻ شروع کيا ۽ ھنن جو پھريون ايڪانکي ناٽکن جو مجموعو 'جھولي لعل تون ديا ڪر' 2003 ۾ شايع ٿيو.

منھنجي سڃاڻپ شري ڪشور لعلواڻيءَ سان 20 آگسٽ 1985 ۾ ٿي ھئي. تن ڏينھن ۾ مان 'استيج' تي ٿ ماھي سنڌي ناٽکن ۽ رنگ منچ جي مخزن شايع ڪندو ھوس. ھن خط ۾ لعلواڻيءَ ياد ڏياريو ھو ٿ ھن جي مونسان ملاقات آل اِنڊيا سنڌي ناٽک چٽاپيٽي (1982) جي موقعي تي ٿي ھئي جتي اسان ''وڻ'' ناٽک (اُلٽو ھدايتکار، اداکار مان جينو لالواڻي) ھئس. اُھو ڪشور پنھنجي گروپ سميت اُھو ناٽک ڈنو ۽ ماڻيو ھو ۽ اُن

books.sindhsalamat.com

ئي چٽاپيٽيءَ ۾ ناگپور جي مھان سنڌي رنگ ڪرمي سندر بٽاڻيءَ جي ھدايتکاريءَ ۾ ''سوريءَ سڌ ڪيو'' ناٽک پيش ڪيو ھو جنھن ۾ ڪشور لعلواڻي ۽ طور اداکار پنھنجي کلا جو جوھر ڏيکاريو ھو. خط ۾ ھن پنھنجي سڃاڻپ ڏيندي ڄاڻايو ھو ٿ مارچ 1985 ۾ ھن ھڪ عجيب داستان ناٽک ۾ ۽ رول ڪيو ھن لڳاتار اُنھن ۾ ناٽکن ۾ ڪم ڪيو ھو. جنھن کي لڳاتار ۽ دفعا پھريون نمبر انعام حاصل ٿيو ھو. ھن اِھو ۽ ڄاڻايو ھو ٿ منھنجو ڪتاب 'ناٽک کلا جو وکاس' ھن پڙھيو آھي. ھن 'استيج' مخزن لاءِ ناگپور ۾ ٿيندڙ 'سنڌي ناٽکن' جي چرپر بابت احوال شايع ڪرڻ لاءِ موڪلڻ جي 'آچ' ۽ ڪئي ھئي. جيڪا مون خوشيءَ سان قبولي ھئي. اُن بعد اسانجي ملاقاتن ۽ خط ۽ خط جو رابطو شروع ٿيو. لعلواڻيءَ 21-10-1985 ۾ سماجواد سنگرام اخبار ۾ 'ڪلا ۽ ڪلاڪار' ڪالم ۾ ھن جيڪا ناگپور ۾ ٿيل ناٽکن جي رپورٽ قلم بند ڪئي اُھا ۽ موڪلي ڏني ھئي.

1982 کان وٺي ڪشور لعلواڻيءَ جي ناٽکي سرگرمين کان اڃ ڏينھن تائين واقف ٿيندي مونکي محسوس ٿيو آھي ٿ ڪشور کلا جو ڏڻي. ناٽکن جو ماھر، لڳاتار گھرو اپياسي، نيمائتو کلا ساڌنا ڪندڙ ناٽکن سان وفادار ۽ جڙيل رھيو آھي. ھن جڏن ئي ناٽکن ۾ پير ڌريو آھي مڙي پنٽي نہ ڏنو آھي لڳاتار اڳتي-اڳتي قدم وڌايا آھن. ھن وقت ھو ناٽک کار، ناٽک نويس، اداکار، فلمکار جي روپ ۾ پارٽ پر ۾ مڃتا ۽ لوڪپرينا حاصل ڪري چڪو آھي. رٽائرڊمينٽ ڪانپوءِ ۽ ھن ناٽک شغل جاري رکيو آھي. صحيح معنيٰ ۾ ناٽکي جيو آھي.

ھن جا جملي يارھان ڪتاب شايع ٿيل آھن جن ۾ 9

www.sindhsalamat.com

ايڪانڪي ناٽڪن جا مجموعا ان سنڌيءَ ۾ ۽ هڪ هنديءَ ۾ آهي. باقي ٻہ ڪتاب هنديءَ ۾ جيون گاٿائون ۽ هڪ سنڌ جو سفرنامو آهي. لعلواڻي اُنهن خوش نصيب اِنسانن مان آهي، هند ڇاول سنڌ جي نہ صرف زيارت ڪري آيو آهي پر اُتي سنڌي ناٽڪ پيش ڪرڻ جو هن کي شرف ٻہ حاصل ٿيل آهي. هن سنڌيءَ اصلوڪا پنج طويل ناٽڪ جوڙيا آهن ۽ چار ناٽڪ مراٹيءَ مان سنڌيءَ ۾ انواد ڪيا آهن جن ۾ ''ناٽيہ سمرات'' (نٽ سمرات) ڪتاب جو انواد مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ شايع ڪيو آهي. پاڻ خود لعلواڻي هن وقت مرڪزي ساهتيہ اڪادمي نيو دهلي جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر ٻہ آهي. هن سنڌيءَ ۾ چار فلمون ٻہ فلم بند ڪيون آهن جيڪي پارت جي جدا جدا شهرن ۾ رليز ٿي ڪاميابي حاصل ڪري چڪيون آهن. لعلواڻيءَ جا جوڙيل گهٽا ناٽڪ جدا جدا رنگ منڊلين ذريعي سڏلتا سان منچ تي پيش ٿي چڪا آهن.

شري ڪشور لعلواڻيءَ انيڪ انعام، سنمان حاصل ٿيل آهن. هو گهٽين ئي سيپتڪ، سماجڪ سنستائن سان جڙيل رهيو آهي. سنڌيت جي هر ڪم ۾ اڳيان رهندي سرگرم بڻجندي هردل عزيز بڻيو آهي.

ناٽڪ نگار شري ڪشور لعلواڻي جي ستن انڊلني رنگن جو ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو ''واندو واسو'' ڏينهن جي روشنيءَ ۾ آيو آهي. 'اڄان تہ دل جوان آهي' وڏي عمر جي ٻڌي-ٻڌيءَ جي مڪ مان ٻڌندڙ سخن آهي. ٻڌي-ٻڌي جنهن جي زال-پٽي هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪري چڪا آهن اُنهن جي اڪيلائپ واري جيون آڌارت ناٽڪ آهي جيڪي شاديءَ جي نہ صرف

خواهش رکن ٿا پر تلاش ۽ ڪوشش ٻہ ڪن ٿا. ''هجئي ناڻو تہ گم لاڙڪاڻو' تکيو ڪلام ايڪانڪيءَ ۾ اُپري آيو آهي.

'هيڏانهن ٻڌو ٿا' جديد دؤر ۾ انٽرڪاسٽ مٽريج جو پنگتي مسئلو جيڪو سنڌين ۾ تکڙو تکڙو ڦهلجي ويو آهي کي پاڻ سان ڪٽي هلي ٿو. گجراتي - مراٹي ڇوڪرين جي سنڌي جوانن سان لوَ مٽريج ڪري سنڌي گهرن ۾ اڇڻ، پنهنجي ماترپاشا ۾ ڳالهائڻ ۽ گهر جي پاتين جو سنڌيءَ ۾ جواب ڏيڻ ۽ ننهرن کي سنڌي سيڪاري فئملين ۾ جذب ٿي وڃڻ جو سهڻو چٽ چٽيل آهي. سنڌي ننهن گهر ۾ آڻڻ جي مائٽن جي آرزو جديد دؤر جي تقاضا ۾ پوري نہ ٿيڻ جي حالت ۾ سنڌي سيڪارڻ جو سنسڪار ڏيڻ تي زور ڀريل آهي.

'ها مان ڳوناڻو آهيان' رشتن ناتن جي مني نوڪ جهونڪ جو، پيڪن ۾ موهہ هجڻ، شهري ۽ ڳوناڻي جيوت ۾ آيل بدلاوَ، انتظار، منين ڇڙبن جي سهڻي ايڪانڪي آهي.

'اڄيان وڏيل هٿ' سريش ببلاڻيءَ جي ڪهاڻيءَ جو ڪامياب ناٽيہ روپانتر آهي. پل ماڻسائي، ضرورت وقت اِنسان ئي اِنسان جي ڪم ايندو آهي، اُدار دلي، سخاوت ۽ سنڌيت جي پلي جي منورتيءَ جو چٽ چٽيل آهي.

'ڪُنتي' هڪ پاتري، مهاپارت آڌارت ڪنتيءَ جي ڪرشن سان گفتگو. استري هلاکي، ڏکن ئي ڏک جا چٽ چٽيندي راجا ماتا ڪُنتيءَ جي جيون گاٿا، دروارشيءَ جي وردان جي شڪتيءَ جو اثر ڪنواري ماءُ دانوير ڪرڻ جي سخاوت ۽ ڪرشن کي پٽن جي پارت ڪندي خيال رکڻ لاءِ عرض ڪيل آهي.

'ائين ٻہ ٿي سگهي ٿو' ادب، اديبن، ساهت سيا جي چٽن

کي ڪٽي سنڌي مشاعري جو چت چٽڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. ستيم، شوم، سندرم جو سنديش ڏيندڙ ڏاڏي پوٽي جو پيار زندهه دل اِنسان ۽ ماءُ پيءُ کي ائڊپ ڪرڻ جو نئون موضوع ايڪانڪي پاڻ سان ڪٽي آئي آهي.

'واندو واسو' واندو ماڻهو گهر جو جان، اِنسان خاندان سان نه محنت سان سڃاتو وڃي ٿو، ڏيءُ خوشبوءِ ذريعي واندي پيءُ جي ضمير کي جاڳائڻ، سنڌي سست نه پر محنت ڪش ٿيندا آهن ۽ نوجوان پيڑهيءَ کي سنڌي ڏڻن سان جوڙڻ سان گڏ هڪ نڪي واندي مل جو ريڪا چتر جوڙيل آهي.

استيج ناٽڪ آهن. سڪدائي آهن. سنڌيت جي جذبي سان سرشار آهن. سنڌي سنسڪارن جي ضرورت - اهميت طرف اِشارا ڪن ٿا. ڪشور کي سنڌي گانن، شاعريءَ سان لڳاؤ آهي. ناٽڪن ۾ شامل گانا-شاعري اُن جي تصديق ڪري ٿي. شاعريءَ جي لطف سان گڏ اصطلاح-پهاڪا هوليءَ جي سونهن وڌائين ٿا.

نهني-نماڻي ڪشور لعلواڻيءَ کي ڪتاب جي اشاعت لاءِ مبارڪون ڏيندي، هين نيت حاصلاتن کي حاصل ڪرڻ، سنڌي هولي، ادب، سنسڪرتيءَ جي وڌيڪ وڌيڪ حفاظت، سيوا ڪرڻ ۽ نيون ڪاميابيون حاصل ڪرڻ سان گڏ ڪشور لعلواڻيءَ جي صحتمند وڌي آورجا جو دعاگو آهيان.

-جينو لالواڻي

books.sindhsalamat.com

ناٽڪي جيو شري ڪشور لالواڻي

ساهتيہ جي صنف ۾ ناٽڪ کي بہ جوڳي جاءِ حاصل آهي. البت ٻين صنفن جي ٻيٺ ۾ ناٽڪ لکڻ کي قدر ڏکيو آهي جو اُن سان منجهہ بہ جڙيل آهي. منجهہ جون جيڪي ٽيڪنيڪ آهن اُهي ناٽڪ نويس کي سمجهڻ لازمي آهي جو اُنهن جي عمل کان سواءِ ناٽڪ نرجيو لڳندو آهي. لکيل ناٽڪ جڏهن تختي تي پيش ٿئي ٿو تڏهن ئي اُهو سجيوَ-ساکار روپ اختيار ڪري ٿو جو ناٽڪ جي ياترا ناٽڪ لکڻ کان وٺي منجهہ جو پڙدو کلڻ کان وٺي پڙدو ڪرڻ تائين درشڪن جي ردعمل سان پوري ٿئي ٿي. فلم بند ڪيل ناٽڪ صرف دستخط روپ آهي، اِستيج تي پيش ٿيل ناٽڪ هڪ مڪمل ناٽڪ روپ آهي.

سنڌيءَ ۾ ناٽڪ لکڻ ۽ اُن کي پيش ڪرڻ جي تاريخ تمام پراڻي آهي. سنڌ ۾ ڇا پارت ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناٽڪن جو هڪ سونهري يگ رهيو آهي. انيڪ ناٽڪ نويسن ناٽڪ جوڙيا آهن، انيڪ هدايتڪارن، ڪلاڪارن ناٽڪ کيڏيا آهن. البت ڪجهہ سالن کان سنڌي ناٽڪ کيڏڻ جي رفتار ڪافي ڍلي پئي رهي آهي. تنهن هوندي بہ ناٽڪ لکجن ٿا، کيڏجن ٿا ۽ کنهن بہ ماڌيم وسيلي عوام تائين پهچي منورنجن ڪن ٿا.

پارت ۾ جيڪي ڪامياب ناٽڪ نويس آهن ۽ نراشاوادي دؤر ۾ سرگرم آهن اُنهن ۾ شري ڪشور لالواڻيءَ جو نالو اول صف ۾ بيهاري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن صاحب هر قسم جا، هر ماڌيم اِستيج، آڪاشواڻي، دوردرشن، ويڊيو، فلم ناٽڪ لکيا آهن. هوُ صاحب ناٽڪ نويس سان گڏ سنو ڪلاڪار، ڊائريڪٽر ۽ ناٽڪي

www.sindhsalamat.com

تکنيکن جو ڄاڻو شخص آهي. هن جي ناڪ جيون جي ياترا اِسکولي جيون کان وٺي، ناگپور کان شروع ٿي اڄ ڏينهن تائين جدا جدا پڙاوَ، منزلون طيءِ ڪندي ڪاميابيءَ طرف وڌندي پيئي رهي آهي. هن پارٽ پر جي انيڪ شهرن ۾ ناڪ ڪيا آهن. ناڪ چٽاپيٽين، فيسٽيول ۾ شرڪت ڪئي آهي ۽ اِنعام پڻ حاصل ڪيا آهن. هن جي قلم‌بند ڪيل اِسڪرين پلي تي سنڌيءَ ۾ ڪامياب فلمون ۽ ٽيليفلمون آهن. شري ڪشور لالواڻي هنديءَ ۾ ۽ ناڪ سرگرمين ۾ سڌائين سرگرم رهيو آهي. هن جڏهن کان ناڪ لکڻ شروع ڪيا آهن تڏهن کان اڳتي-اڳتي وڌندي ناڪن کان ڪڏهن به منهن نه موڙيو آهي. جتي به ناڪ جو سڏ هوندو آهي هوُ حاضران حضور هوندو آهي. ايترو ڪجهه هجڻ کان پوءِ به هن ۾ ڪوبه ايمان، اجايو ڏيکاوَ ۽ ڪجهه هجڻ جي پاونا، وڏائيءَ جو ذرو به انش نظر نه ايندو آهي. هوُ نماڻو، نهنو، دوستن جو دوست آهي. هر ڪنهن ڪلاڪار، اديب، شخصن کي مانُ-عزت ڏيندڙ آهي. هن ۾ سهڪار جي پاونا پڻ اوت-پروت ٽيل آهي. اِنڪري پارٽ جي ناڪ گروپن، ڪلاڪارن سان هن جو نياءُ ۽ سهڪار ٽيندو پئي آيو آهي. هن کي سنڌ جي ياترا ڪرڻ ۽ اُتي ناڪ ڪرڻ جو سونهري موقعو پڻ حاصل ٽيل آهي. هن سنڌ جو سفرنامو پڻ جوڙيو آهي جو پڙهڻ لائق آهي. مختصر ۾ اِئين چوان ته هوُ صحيح معنيٰ ۾ سچيار، ايماندار ناڪي جيوَ آهي.

هن جا انيڪ ناڪن جا مجموعا شايع ٿي لوڪپريتا حاصل ڪري چڪا آهن. هن وقت ''واندو واسو'' ايڪانڪي ناڪن جو مجموعو توهانجي مبارڪ هٿن ۾ آهي. خود پڙهندا امين ٽيندا جو هي ناڪ اِسٽيج تي پيش ٿي چڪا آهن. مان شري ڪشور لالواڻيءَ کي نئين ڪتاب لاءِ دل جي گهرائين سان شڀ ڪامنائون ڏيان ٿو.

-ڊاڪٽر روشن گولاڻي

books.sindhsalamat.com

فهرست

نمبر	نالو	پيج نمبر
۱.	اڃان ته دل جوان آهي	۱۳
۲.	هيڏانهن ٻُڌو ٿا	۲۵
۳.	ها... مان ڳوناڻو آهيان	۴۹
۴.	اڳيان وڌيلُ هٿ	۶۶
۵.	ڪُنتي	۸۱
۶.	اِئين ٻه ٿي سگهي ٿو	۹۰
۷.	واندو واسوُ	۱۱۶

www.sindhsalamat.com

١. ”اڄان تہ دل جوان آهي“

(پردو کُلڻ تي منچ ۾ ورهايل نظر اچي ٿو. ساڄي پاسي مئريج بيورو جي آفيس ڏيکاري ويڄي ٿي. پٺ تي وڏن اکرن ۾ بورڊ لڳل آهي ”اسين شاديون ڪرائيندا آهيون“. سامهون ٽيبل تي فائيلون، فوٽن جو آلبم ۽ ٻيا سامان رکيل آهن. ٽيبل جي سامهون ٻہ ٽي ڪرسيون رکيل آهن. پُٺيان پٺ تي ڇڪاڻ جو فوٽو نظر اچي ٿو.

منچ جي ٻئين حصي ۾ ”اسين شاديون ٽوڙائيندا آهيون“ وارو بورڊ لڳل آهي. هيءَ طلاق وٺڻ وارن جي آفيس آهي. پهرين آفيس جو مالڪ شريچند ڪنوارو آهي تہ بين آفيس جي مالڪياڻي ويچاريبائي وڏوا آهي. عمر 40 سال اٽس پر پرسنالٽي سُٺي اٽس. هِڪ 65 سالن جو ٻُڍو ڪوڙومل دُکي سُر ۾ گانو ڳائيندي اچي ٿو.)

ڪوڙومل : (دُکي سُر ۾ گانو ڳائيندي) هلي آءٌ هلي آءٌ سُهڻا، هلي آءٌ هيڏي هيڏي آءٌ. ڪي ٻہ ٽي دم گڏ گذاريون... (رُڪي ٿو)

شريچند : واهہ واهہ، ماسٽر چندر جو گيت واهہ واهہ واهہ واهہ هلي آءٌ هلي آءٌ سُهڻا هلي آءٌ هيڏي هيڏي آءٌ. هيءٌ گيت جيڪو دُکہ ۾ ڳائي ٿو سو ضرور دُکي پراڻي هوندو. بزرگ پيارا هلي آ هلي آ هيڏي هيڏي آءٌ.

ڪوڙومل : (غصي ۾) بزرگ ڪنهن کي ٿو چئين ڙي. ڏسين نہ ٿو مان اڄان جوان لڳو پيو آهيان. ٻہ ٽي وار اڇا ٿيا تہ توهان جوان اسان کي پنهنجي جماعت

کان ئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندءُ ڇا؟

شريچند : غلطي ٽي وئي ڪاڪا، معاف ڪيو. گانو ٻُڌي برابر محسوس ٿيو تہ اوهان دل جا جوان آهيو.

ڪوڙومل : (خوش ٿي) ها، لڳي ٿو هاڻي توکي منهنجي ڳالهہ پوريءَ طرح سمجهہ ۾ اچي وئي. وٺُ ڳالهہ جي ڳاڻي کي هيءَ مئريج بيورو جي آفيس ئي آهي نہ.

شريچند : صحيح سُڃاتو اٿوَ ڪاڪا.

ڪوڙومل : وري ڪاڪا، منهنجو نالو ڪوڙومل آهي.

شريچند : ها تہ ڪاڪا منهنجو مطلب آهي سيٺ ڪوڙامل، شادي ڪرائڻي اٿوَ تہ هتي مون وٽ ۽ جي شادي ٽوڙائڻي اٿوَ تہ هوڏي ويچاريبائيءَ وٽ وڃو.

ڪوڙومل : زال ئي کونهي تہ شادي ڪنهن کان ٽوڙائبي جوراور.

شريچند : يعني تہ ڪاڪي مٿي سُرڳ ۾ ويئي ڇا؟

ڪوڙومل : هِتان وڃڻ کانپوءِ ڪنهن کي ٿي خبر پوي تہ سُرڳ ۾ وئي الائي نرڳ ۾.

شريچند : ويچاري ڪاڪي.

ڪوڙومل : سمجهان ٿو من سڀ ٿو سمجان، تون ڪاڪو ۽ ڪاڪي ڇئي مون کي ٻُڍو ثابت ڪرڻ ٿو چاهين نہ، پر مان ٻہ تنهنجو پيءُ آهيان.

شريچند : شڪر اٿئي مالڪ، مونکي پيءُ تہ ملي ويو.

ڪوڙومل : مستي ڇڏِ ۽ نالو لِکُ.

شريچند : ها ها ڇو نہ اچو وهو.

ڪوڙومل : ڪنهن تي وهان؟ ڪُرسي تہ آهي ئي ڪونہ.

شريچند : اوهہ ها ها برابر، ڪُرسي هوڏي طلاق واري آفيس ۾ ڪٽي ويا هوندا.

كؤڙومل : ٻنهي آفيسن لاءِ هڪ ئي ڪُرسي رکي اٿوَ؟

شريچند : ٻي ڪُرسيءَ جي ضرورت ئي ڪونہ پوندي آهي. اسان گراهڪن کي بيني بيني ئي روانو ڪري ڇڏيندا آهيون.
(ڪاکي کي ڪُرسي آڻي ڏئيس ٿو. كؤڙومل ڪُرسيءَ تي وِهي ٿو. شريچند هِڪ فارم هٿ ۾ کڻي) ها سائين، تہ توهان جي پوٽي لاءِ فارم پرڻو آهي؟

كؤڙومل : مونکي پوٽو آهي ئي ڪونہ ادا.

شريچند : تہ پوءِ پُٽ لاءِ پرڻو هوندوَ.

كؤڙومل : (غصي ۾) نہ، پُٽ لاءِ بہ نہ پرڻو آهي.

شريچند : باقي؟

كؤڙومل : مونکي پنهنجو فارم پرڻو آهي.

شريچند : تہ... تہ... تہ...؟

كؤڙومل : ٻاتن وانگر چو ٿو ٻَالهائين؟

شريچند : منهنجو مطلب آهي هِن عمر ۾؟

كؤڙومل : مطلب؟

شريچند : هاڻي توهان ئي ٻُڌايو صبح جو اٺين بجي ياڄي مارڪيٽ ويجهو آهي تہ ياڄي تازي ملندي آهي شام جو ويجهو آهي تہ ڪاڪڙ ڪوڪڙ ئي ملندي نہ. زندگيءَ جو حساب بہ ياڄي مارڪيٽ وانگر اٿوَ ڪاڪا. توهان جي لاءِ چوڪريِ ٻولهڻ معنيٰ جوَ جي پريل ٻُوڙ مان ڪڪڙ جو داڻو ٻولهي ڪيڙ.

كؤڙومل : بابا مان بہ تہ ڪڪڙ جو داڻو آهيان. (روئندي) جڏهن ڪان تنهنجي ڪاکي ويئي آهي اُباڻڪو ٿي پيو آهيان. گهر تہ ڇڙ ڪائڙ ايندو آهي. نہ نيرن ڊنگر جي ڪانوان نہ منجهند.

شريچند : ڏاڍو بُرو ٿيو. خير، جيڪو ايشور کي منظور.

كؤڙومل : ڇا جو بُرو ٿيو، دنيا ۾ جيڪو آيو آهي تنهن کي تہ اوس وڃڻو ئي آهي نہ. انهن جو خال پرڻ لاءِ کو ٻيو ايندو ئي ايندو. ڪنهن جي وڃڻ سان دنيا بيهجي ويندي ڇا؟ توهان کي ڪرڻو ڇاهي خال ئي تہ پرڻو آهي هن زندگيءَ جو.

شريچند : (خوش ٿيندي) تہ اِها ٻَالهہ آهي. پر بہ هن عمر ۾ ؟ ماڻهو ڇا چوندا؟
(ويچاري ٻائي هنن جون سڀ ٻَالهيون ٻُڌي رهي آهي.)

كؤڙومل : ڇا چوندا؟ ڪنهنجي همٿ آهي جو كؤڙويمل کي ڪجهہ چوي، توکي کو اعتراض آهي ڇا؟

شريچند : مان ڇو اعتراض ڪندس پيلا. سائين منهنجو ڪم ئي تہ جوڙڻ آهي. اسان تہ چاهيون ٿا سڀ سُکي رهن، خوش رهن، آباد رهن، تڏهن بہ مون سوچيو پئي تہ توهان کي ٻيو کو رستو سُجهايان.

كؤڙومل : يعني تہ هن جي پنيان پنيان مان بہ متي هليو وڃان؟

شريچند : اِهو مان ڪيئن چوندس پيلا. مون پئي سوچيو ٻاهر گهٽيءَ جي ڪابي پاسي ٻُڌا آشرم آهي اُتي وڃي هڪ دفعو...

كؤڙومل : شرم نٿو اچيئي. پڙهين کي موڪل ٻُڌا آشرم ۾. لکن جي پراپرٽي پئي آهي، اُها ڪنهن کي ڏئي وڃان. اڃايو منهنجو وقت نہ وڃاءِ، ڦٽاڦٽ منهنجو نالو رجسٽر ڪر ۽ ڦٽاڦٽ ڪنهن ڇوڪريِءَ جو بايوڊيٽا ۽ فوٽو ڪڍي ڏيکار. پندرهن ڏينهن ۾ مائٽي ٽيڙ گهرجي. توکي پنهنجي گهٽي في

کپي تون بہ وات کول، هجئي ناڻو تہ گهر لاڙڪاڻو... ڪيئن؟

شريچند : ٻُڌايو نالو ٻُڌايو.

ڪوڙومل : ڪوبہ نالو هجيس شريديوي، شرميلا، ماڌوري، ديپڪا. پر هجي جوان ۽ ڏسڻ وڻان.

شريچند : چوڪريءَ جو نہ توهان جو نالو ٻُڌايو توهان جو، پورو ٻُڌڻ بہ ڪونہ ٿو اچيس هليو آهي شادي ڪرڻ.

ڪوڙومل : چا ٿو چئين؟

شريچند : چوان ٿو توهانجا تفصيل ڏيو.

ڪوڙومل : اِئين چئُہ نہ. هي وٺ تفصيل چا سڄو ٽائيپ ڪيل بايوڊيٽا ڪٽي آيو آهيان فوٽوءَ سوڌو.

شريچند : (بايوڊيٽا ڏسي) واهہ سائين واهہ توهان جو ڪم تہ چوکو آهي.

ڪوڙومل : تون بہ چوکو ڪم ڪر ۽ ڦٽاڦٽ چوڪريِ ڳولهي ڏي.

شريچند : ايڏي اُتاولائي، هان هي وٺو فارم پري ڏيو.

ڪوڙومل : هيڏو سارو بايوڊيٽا جو ڏنومان۽، فارم وري چا جو پرڻو آهي؟

شريچند : چڏيو! توهان صحيح ڪيو، مان فارم پريان ٿو.

ڪوڙومل : خرچي برچيءَ جي چنتا نہ ڪجان۽، هجئي ناڻو تہ گهر لاڙڪاڻو... ڪيئن؟

شريچند : هجئي ناڻو تہ گهر لاڙڪاڻو...؟ مونکي لڳي ٿو انهيءَ نالي سان مان ڪو ناٽڪ بہ ڏنو آهي.

ڪوڙومل : آهي نہ. مان اِهو ناٽڪ پنج دفعا ڏٺو آهي.

شريچند : تہ چئبو توهان بہ سنڌي ناٽڪن جا شونقين آهيو.

ڪوڙومل : واهہ واهہ گورڌن رامناڻيءَ چا تہ رول ڪيو هئو،

books.sindhsalamat.com

تنهن سان گڏ شانتا واڌواڻي. جوڙي ڪيڏي پئي ٺهڪي. انهن کي ڏسي مونکي تنهنجي ڪاڪيءَ جي ياد ايندي آهي.

شريچند : واهہ ڪاڪا واهہ.

ڪوڙومل : وري ڪاڪو؟ مان ڪو ٻُڌو آهيان چا؟ ٻُڌ، پهرين لائين ۾ ويهي ناٽڪ ڏسندو آهيان. باقي رول ٻول ڪرڻ پاڻ کان ڪونہ پُڇجي. ويچارا ناٽڪ منڊلين وارا اسپانسرشپ وٺي ويندا آهن ۽ ڏهہ پندرهن پاسيون ڏيئي ويندا آهن، مان بہ خوش تہ منهنجا ٻُڌا دوست بہ خوش. سيئي گڏجي پهرين لائين ۾ ويهي هيرو هيروئن کي ڏسندا آهيون ۽ ناٽڪ جي مؤج بہ ماڻيندا آهيون.

شريچند : پوءِ تہ توهان ڪم جا ماڻهو آهيو. منهنجي بہ هڪ ناٽڪ منڊلي آهي.

ڪوڙومل : پهرين چوڪريِءَ جي تہ ڀالهہ ڪر؟ اُها اڃ ۾ چڏي ڏنئہ.

شريچند : ٻُڌايو ڪهڙي ٽائيپ جي چوڪريِ ڪپيوَ؟

ڪوڙومل : سُهڻي، سنهڙي ۽ سهاڻجهڙي. سياڻُ سُنو هجيس، اصل پراون پنهنجو. سڄي گهر کي سنياڻي ۽ مون سان بہ ٺهڪي هلي. جيئن ناٽڪ جا هيرو هيروئن پاڻ ۾ ٺهڪي هلندا آهن. اِئين نہ ٿئي جو سال کن ۾ ئي طلاق وٺڻو پوي.

شريچند : پو چاهي، اسان جي پاسي واري آفيس آهي نہ. هي پت تي ڏسو بورڊ هِن پاسي ''اسين شاديون ڪرائيندا آهيون'' ۽ هُن پاسي ''اسين شاديو ٽوڙائيندا آهيون''، ڏاڍا ڪيس ايندا آهن. اڇڪلهہ جي جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾ سهن

www.sindhsalamat.com

شڪتي رهي ئي ڪونہ آهي، هنيمونْ پورو ٿيو مس تہ طلاق جي تياري چالو.

ڪؤڙومل : (پت تي بوربہ ڏسي پوءِ ويچاري ٻائيءَ ڏي نهاري ٿو.) هيءَ ويچاري اِئين مُنهن لاهي ڇو وينـي آهي؟

شريچند : ڇا ڪري، هن جو نالو ئي ويچاريٻائي آهي. جوانيءَ ۾ گهوٽ گذاري ويس.

ڪؤڙومل : ٻي شادي ڪونہ ڪيائين؟

شريچند : ڪوشش تہ ڏاڍي ڪيائين، مونکان اڳُ هيءَ ئي تہ هِتان جي مئنيجر هئي. هتي رهي ڪري ٻہ پنهنجي شادي ڪونہ ڪراي سگهي. لاچار ٿي هاڻي پنهنجو هوڏي ٽرانسفر ڪرايو اٽائين. انهن جي جڳهہ تي مان آيو آهيان.

ڪؤڙومل : ويچاري.

شريچند : ويچاري نہ؟ ويچاريٻائي. عمر چڙهندي ٿي وڃيس، هاڻي تہ ايڏا وڏيڪ ويچاري ٿي پئي آهي.

ڪؤڙومل : گهڻي عمر اٽس.

شريچند : هوندس چاليهارو ڪن.

ڪؤڙومل : تہ پوءِ هلي نہ. تون هيئن ڪر، فلحال اِهو فارم نہ پر، مان ويچاريءَ سان ملي اچان ٿو.

شريچند : اون هون، ويچاري نہ؟ ويچاري ٻائي. پر ڪاڪا توهان تہ مئريج بيورو ۾ نالو لکائڻ آيا آهيو نہ.

ڪؤڙومل : بنا مئريج بيورو جي شاديون ڪونہ ٿيندیون آهن ڇا؟ اڙي ڪو سُنو گهر ملي وڃي تہ ويچار ڪجي ڪِن نہ.

شريچند : پر ڪاڪا.

books.sindhsalamat.com

ڪؤڙومل : خبردار جي مونکي ڪاڪو چيو اٽئي تہ، ايان منهنجي عمر ئي گهٽي آهي. منهنجو نالو ڪؤڙومل آهي، ديوان ڪؤڙومل واسوُمل محبوباڻي...

(ڪؤڙومل ڪُرسي ڪٽي طلاق واري آفيس ڏي ويچاري ٻائيءَ جي سامهون رکي ٿو.)

ويچاريٻائي: اچو، اچو.

ڪؤڙومل : مان هن ڪُرسيءَ تي ويهي سگهان ٿو ويچاري...

ويچاريٻائي: توهان پاڻ ڪُرسي ڪٽي آيا آهيو تہ وهڻ لاءِ ئي آندي هوندَوَ، ڪُرسيءَ جي پاسي ۾ بيهي تہ ڪونہ رهندا.

ڪؤڙومل : واهہ ڇا تہ سينس آف هيوُمر آهي. منهنجو نالو...

ويچاريٻائي: مان توهان ٻنهي جون سپ ڳالهيون ٻُڌيون آهن. اسان ٻئي هڪٻئي جي آفيس جي پوري خبر رکندا آهيون. ڏسو، جيڪو شادي ڪندو سو ڪڏهن نہ ڪڏهن طلاق وٺندو ۽ جيڪو طلاق وٺندو سو ٻيهر شادي ڪرڻ جو ويچار تہ ضرور ڪندو ئي نہ. ٻنهي جا گراهڪ لڳہ ڀڳہ ساڳيا ئي آهن.

ڪؤڙومل : يعني تہ سُنو ٽائيم پاس ڪندا آهيو. پلا توهان رهندا ڪٽي آهيو؟

ويچاريٻائي: پنهنجي گهر ۾.

ڪؤڙومل : وري مستي، گُڊ سينس آف هيوُمر. پلا توهان جو گهر ڪٽي آهي؟

ويچاريٻائي: گرلس اِسڪول جي پُنيان.

ڪؤڙومل : اڙي واهہ. مان گرلس اِسڪول جي اڳيان رهندو آهيان.

(شريچند هنن ٻنهي جون ڳالهيون ڏيان سان ٻُڌي

www.sindhsalamat.com

رهيو آهي.)

ويچاريءَائي: يعني تہ اسان ٻنهي جي وچ ۾ رُڳو گرلس اِسڪول آهي.

ڪوڙومل : ڏسو نہ، هيترو ويجهو رهي ڪري بہ اسان هڪ ٻئي کي ڪونہ سڃاڻون. اڇ تائين گڏيا بہ ڪونہ آهيون.

ويچاريءَائي: اسان ٻنهي جي وچ۾ اِسڪول جو اچي ويندو آهي.

ڪوڙومل : وري مستي. مونکي مستي ڏاڍي وڻندي آهي. هاڻي توهان منهنجي باري ۾ تہ سڀ جاڻي ورتو پنهنجي باري ۾ ڪجهہ ٻُڌايو نہ.

ويچاريءَائي: مان چا ٻُڌايانوَ، بس مان اڪيلي آهيان، هي بہ سال اڳہ گذاري ويا.

ڪوڙومل : منهنجي هوءَ بہ گذاري ويئي آهي.

ويچاريءَائي: توهانجي هوءَ ۽ منهنجو هوُ ٻئي پاڻ ۾ سُرڳ ۾ گڏجندا هوندا نہ.

ڪوڙومل : ضرور، جي ٻئي سُرڳ ۾ ويا هوندا تہ. منهنجي سڀاڳيءَ جي سُرڳ ۾ ويڻ جي اُميد گهٽ آهي، هاڻي توهان بہ اڪيلا آهيو ۽ مان بہ اڪيلو.

ويچاريءَائي: برابر. اسان ٻنهي جو درد ساڳيو ئي آهي.

ڪوڙومل : ۽ اسان جو درد ورهائڻ وارو ڪوبہ ڪونهي.

ويچاريءَائي: چوندا آهن ڏکہ ورهائڻ سان ڏکہ هلکو ٿيندو آهي.

(شريچند هنن ٻنهي جون ڳالهيون ڏيان سان ٻُڌي رهيو آهي. شريچند پنهنجي ڪُرسيءَ تان اُٿي ٻنهي جي وچ۾ اچي ٿو.)

شريچند : (ٻنهي جي وچ۾ اچي) مونکي توهان ٻنهي جي ويچارن تي شڪ ٿو ٿئي. ڪٿي اِئين نہ ٿئي جو

books.sindhsalamat.com

توهان ٻئي...

ڪوڙومل : اِئين ٿيو بہ تہ توکي ڪهڙو فرق پوندو؟

شريچند : (فارم ڏيندي) فرق ڪيئن نہ پوندو؟ منهنجي مئريج بيورو جي رجسٽريشن جا 2000 رپيا ۽ شادي پکي ٿيڻ جا 10000 ڪير پريندو؟ توهان کي جيڪي ڪرڻو آهي ڪيو، پهريون منهنجو هي فارم پريو. (ويچاري ءَائيءَ کي) ۽ تون ويچاري ءَائي ''چوندا آهن ڏک ورهائڻ سان ڏک هلکو ٿيندو آهي.'' ڪلهہ تائين تہ تنهنجا ويچار مون سان ملندا هئا، اڄ هي پئسي وارو ٻُڌو ملي ويو تہ انهيءَ جي ها ۾ ها ٿي ملائين... اڪيُن لوُنگہ ڏِنا جعفر ويا وسري.

ڪوڙومل : تو مونکي لوُنگ ڇيو. (فارم واپس ڏيندي) وچ مان فارم بہ ڪونہ پريندس ۽ پئسا بہ ڪونہ ڏيندس.

شريچند : (فارم واپس وٺي) توهان ئي ڇيو هڻو هجئي ناڻو تہ گهر لاڙڪاڻو.

ڪوڙومل : مان تہ اِئين ڪونہ ڇيو هڻو. پر نيڪ آهي توکي ڏهہ هزار ملي ويندا.

شريچند : ڏهہ نہ ٻارهن هزار.

ڪوڙومل : (ويچاريءَائيءَ کي) چا ٻئي ڇيو مون؟

ويچاريءَائي: توهان ٻئي ڇيو ڏک ورهائڻ سان ڏک هلکو ٿيندو آهي.

ڪوڙومل : مان ڇيو هڻو يا تو ڇيو هڻو؟

ويچاريءَائي: هاڻي توهان ۾ ۽ مون ۾ ڪو فرق ڪونهي.

ڪوڙومل : هان، ها ها، برابر. اسان ٻنهي ۾ ڪو فرق ڪونهي.

شريچند : چا برابر. ٻئي ساڳي ڳالهہ ڪيئن ٿا چئي سگهو؟

www.sindhsalamat.com

كؤڙومل : هتي ڪيڏو ڊسٽربنس آهي. ڇو نه ڪنهن اِنڊين ڪافي هائوس ۾ ويهي ڪافي پيئون ۽ خيالن جي ڏي-وٺ ڪيون.

ويچاريبائي: اڙي واهه توهان ته منهنجي دل جي ڳالهه ڪري ورتي. هتي سامهون ئي اِنڊين ڪافي هائوس آهي.

شريچند : (ويچاري بائيءَ کي) واهه، بن سالن کان منهنجي پاسي ۾ وهندي آهين ۽ ڪٽ چانهه پيئندي آهين ۽ ڪڏهن مون ڏي اک ڪٽي به ڪونه نهاريو اٽئي. هاڻي پئسي وارو ڪاڪو ملي ويئه ته ڪافي پئڻ ٽي ويين...

كؤڙومل : (وچ ۾ ڪٽيندي) تون گهڙي گهڙيءَ پئسن جي ڳالهه ڇو ٿو ڪرين؟ زندگيءَ ۾ پئسو ئي سڀ ڪجهه آهي ڇا؟ دل، ارمان، اِڇائون، لالسائون اِنسان جي زندگيءَ کي ڪيڏو نه رس ٽيون پهچائن. انهن کي دٻائي رکڻ سان ڪنهن ڏينهن ڦوڪٽي وانگيان نه ڦاٽي پون. من، هيءُ من ته آزاد پکيءَ وانگر هوندو آهي. هن کي پڃري ۾ بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته اندر ئي اندر ختم ٽي ويندو. ڏِسُ. ڇا نالو اٽئي ها شريچند. هاڻي آهي اسان جي زندگيءَ جي پڇاڙي. هن عمر ۾ اسان کي توهان جوانن وانگر نه گهمڻو ڦرڻو آهي ۽ نه وري مؤج مستي ڪرڻي آهي. بس هِڪ اهڙو جيون ساٿي کپي جيڪو پويون سفر سولو ڪري. مونکي ويچاري بائيءَ ۾ اهي سڀ گُڻ نظر ٿا اچن.

ويچاريبائي: واهه ڇا ته توهان جا ويچار آهن ۽ ڇا ته انداز

books.sindhsalamat.com

آهي پنهنجن ويچارن کي بيان ڪرڻ جو. هيءَ ويچاريبائي توهان جي ويچارن تي موهت ٽي ويئي آهي.

كؤڙومل : مان ته پهرين نظر ۾ ئي سمجهي ويو هوس ته هيءَ ئي منهنجي جيون سنگني نهي سگهندي آهي.

شريچند : ۽ هوءَ شري‌ديوي، شرميلا، ماڌوري، ديپڪا.

كؤڙومل : اُهو ته مان توسان مستي پيو ڪيان ۽ هن ويچاري بائيءَ جي پريڪشا پيو ونان.

ويچاريبائي: مان توهان جي امتحان ۾ پاس ٽي ويس نه.

كؤڙومل : بلڪل. تو هيترو ٻُڌڻ کان پوءِ به مون تي وشواس رکيو. هيءُ نه رکي سگهيو.

ويچاريبائي: ته پوءِ هلون اِنڊين ڪافي هائوس.

كؤڙومل : هاڻي اِنڊين ڪافي هائوس ڇو. پهريون باغيچي ۾ ٿا هلون پوءِ ملتي پليڪس ٿيٽر ۾ هلي سئنيما ڏسنداسين.

ويچاريبائي: ها اِهو صحيح رهندو، جلدي هلو.

(كؤڙومل ۽ ويچاري بائي هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ ٻانهون وجهي ٻاهر وڃن ٿا. شريچند اُنهن کي ويندي ڏسندو رهي ٿو.)

شريچند : هيءَ ويچاري ته مونکي ئي ويچارو ڪري ويئي.

كؤڙومل : من، مان پلي ٻُڌو ٽي ويو هجان پر دل ته اڃان جوان آهي.

شريچند : هل، شريچند اسان پلا ۽ اسان جو مئريج ببورو پلو.

(فائيل ڪٽي الماڙيءَ ۾ رکي ٿو.)

(سماپت)

www.sindhsalamat.com

٢. ”هيڏان ٻُڌو ٿا“

(پردو کُلڻ تي بزنيسمئن يش جي گهر جو نظارو. يش جي زال اِندوُ هڪ اِسڪول ۾ هيڊماسٽرياڻي آهي. اُنهن جي وڏي نونهن هِمانگي گجراتي آهي. هِمانگي موبائيل تي پنهنجي گهوٽ منوءَ سان ڳالهائي رهي آهي.)

هِمانگي: منوُ ڪيان ڇي؟ پوُل گيا...آج پاپاجي کا برٿ ڊي هئ نا... ڪيڪ کا آرڊر ديا ڪِ نهين؟مُجهي مالوُم ٿا تيري کو گهر کي چنتا نہ ٿيِ... واندا نهين، مئن سبجي لينيِ بازار جائوُنگي تو ڪيڪ کا آرڊر ديکي آئوُنگي. توُ جلدي آئوُجو. او ڪي. (فون بند ڪري) يي منوُ پي نا ڪمال کا پُلڪڙ هئ... اب ڪيا ڪروُن؟ مُجهي هي جلدي سي بازار جانا پڙيگا.

(پرس کڻي باهر وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿي ايتري ۾ يش اندر داخل ٿئي ٿو.)

هِمانگي: پاپاجي... هئپي برٿ ڊي...

يش : اڙي واهہ، توکي منهنجو جنم ڏينهن ياد آهي هِمانگي.

هِمانگي: يي پي ڪوئي بات هئ پاپاجي، مئن اپنا برٿ ڊي پوُل جائوُنگي پر آپڪا نهين پوُلونگي هان.

يش : ماءِ سويٽ ڊاٽر اِن لاءِ... (هيڏي هوڏي نهاري) هِتلر اِسڪول مان ڪونہ آئي آهي ڇا؟

هِمانگي: ڪيا پاپاجي آپ ممبجي کو هِتلر بول رهي هو.

يش : ڏهہ هِتلر مٹا هوندا تڏهن تنهنجي سِسُ جو جنم ٿيو هوندو.

هِمانگي: ممي کو آني دو آپڪي شڪايت ڪروُنگي.

يش : منهنجي جنم ڏينهن تي منهنجي شڪايت ڪندينءَ؟

هِمانگي: اوهہ ساري پاپاجي. اڇا آپ هاٿ منهن ڏو لو مئن آپڪي ليئي چاءِ بناکر لاتي هوُن.

يش : سسُٽي کي تہ اچڻ ڏي.

هِمانگي: ممي کي لِئي قِر سي چاءِ بن جائيگي، آپ ڪيا تب تڪ ائسي هي بئني رهوگي.

يش : جي سسُٽي چيو ہہ دفعا چانهہ چو ٿي ناهين تہ پوءِ چا جواب ڏيندينس؟

هِمانگي: آپ چنتا مت ڪرو. مئن آپڪيِ ”هيڏان ٻُڌو ٿا“ کو بڙي پيار سي سنيال لونگي.

يش : ”هيڏان ٻُڌو ٿا“ نہ ”هيڏانهن ٻُڌو ٿا.“

هِمانگي: هان هان وو هي، وو هيِ. جب ممي‌جيِ آپڪو غصي ۾ ”هيڏان ٻُڌو ٿا“ بولتي هئ تو همکو ٻُهت هسي آتي هئ.

يش : ويئر اِز اور لِٽل ماسٽر.

هِمانگي: اُسکا تو سويري سي اتا پتا هيِ نهين هئ.اري هان مئن ڪيون بازار جا رهي ٿيِ، اُسيِ کو بول ديتي هوُن لاني کو.

يش : ڪيا لانا هئ؟

هِمانگي: آپڪي ڪام کي چيز نهين هئ. آپ هاٿ منهن ڏوکر آئو. (يش اندر وڃي ٿو. هِمانگي ديپوُ کي فون لڳائي ٿيِ.) ديپوُ ڪيان ڇي؟... هون دوست کي ساٿ نہ ٿيِ. پنکي کي آواز آ رهي هئ. چوري پڪڙي گئي، توُ آ گهر پي ممبجيِ کو سب بتاتي هوُن... پوُري پول پٽي کولوُنگي قِر ميرا ايک ڪام ڪريگا؟ پاپاجي کي لئي برٿ ڊي ڪيڪ لانا هئ. ڪريم والا...

ڪڇ نهين هوگا. مڻ سب سنڀال لوڻگي. پاپاجي کو ٻُڌائجي هوگي... پنڪي ني پي لئي آئو. پنڪي ماري نائي ٻين ڇي... جلدي آئوُجو.

(فون بند ڪري ٿي. ٻاهران اِندوُ اچي ٿي.)

اِندوُ : (دڙڪا ڏيندي) ڪنهن سان پئي ڳالهائين فون تي؟

هِمانگي : ديپوُ سي.

اِندوُ : مان سڀ ٻُڌان پئي. توهان ڏير پاڃائي ملي ڪري ڪوئي پلان پيا ناهيو نہ.

هِمانگي : ڪڇ نهين. وو تو ائسي هي هم سڀني ملڪر ايڪ سرپرائيز ڊسائڈ ڪيا هئہ.

اِندوُ : رهڻ ڏي، مونکي نہ ٻُڌاءِ... ٽڪجي ٽُٽجي گهر اچون ۽ اڇڻ شرط هِن لاڏليءَ جا انگل ٻُڌون.

(سوفا تي وهي ٿي.)

هِمانگي : (سيرئس ٿي) پاني لي آئون ممي.

اِندوُ : ها ڪٽي اڇُ.

هِمانگي : (خوش ٿي) اور هان مڻ آپڪي لِئي پي چاءِ بناڪر لاتي هوُن. وئسي پي پاپاجي ڪي لِئي بنا هي رهي ٿي.

اِندوُ : هي اچي ويا آهن؟

هِمانگي : هان...

(اندر رنڊڪي ڏانهن وڃي ٿي.)

يش : (اندران ايندي) اچي وئيئن اِندوُ.

اِندوُ : ها...

يش : ويهہ تہ گڏجي چانهہ ٽا پيئون. سُنو ٽيو جو ٽائيم تي آئي آهين نہ تہ ويچاري هِمانگيءَ کي ہہ ہہ دفعا چانهہ ناهڻي پوي ها.

اِندوُ : ڏاڍو قياس ٿو اچيوَ هن تي.

books.sindhsalamat.com

يش : چو نہ اچي. نيٺ ہہ نونهن آهي اسان جي. نونهن ٽيندي آهي ڏيءُ برابر.

اِندوُ : ٻاراڻي ٻُڌِي اٽس.

يش : عمر ہہ تہ ٻاراڻي ئي اٽس نہ.

اِندوُ : چوويهن سالن جي ٽي وئي آهي. اڃا پاڻ کي ٻار پئي ٽي سمجهي. اسان جي پُٽ سان عشق ڪرڻ مهل ٻاراڻي عمر ڪونہ هئس.

يش : ڏيري-ڏيري سڀ سکي ويندي. اسان وينا آهيون نہ سيکارڻ لاءِ.

اِندوُ : گهر ۾ ٽريننگ سينٽر کوليو اٿوَ.

يش : (کلي ڪري) مان چو ٽريننگ سينٽر کوليان. تون آهين نہ هيڊ ماسٽرياڻي.

اِندوُ : مونکان سکڻ واري ناهي. ڪجهہ چوانس ٽي تہ روڻ ٽي ويهي رهي.

يش : اِندوُ پريم سان سمجهائيندينءَ تہ سڀ سکي ويندي تون اُٽندي وهندي دڙڪا ڏيندئيس تہ ڪيئن ڪم هلندو؟

اِندوُ : منوءَ الائي ڇا ڏنائينس جو هن تي هرڪُ هاري وينو، سو ہہ ہيءِ ذات واريءَ تي.

يش : گڏ پڙهيا ڳڙهيا آهن. هِڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سُڃاڻن... ہيو تہ ہيو سندس پيءُ ہہ منهنجو ڪلاس ميٽ رهي چڪو آهي. ڏنل واڻنل گهر مليو آهي. اسان کي ہيو چا ڪپي پلا.

اِندوُ : ڪلاس ۾ سنڌي چوڪريون ڪونہ هئس چا؟ اِهي چو نہ وڻيس.

يش : اهو مان ڪيئن چوان.

(هِمانگي هڪ ٽري ۾ پاڻي، بسڪيٽ ۽ چانهہ ڪٽي

www.sindhsalamat.com

اچي ٿي ۽ ٻنهي کي ڏئي ٿي.)

هِمانگي: پاپاجي، ممبِجي... بتائو مئني چاءِ ڪٿسي بنائي هئہ؟

يش : (چانهہ جو ڊُڪ پريندي) فرسٽ ڪلاس.

اِندوُ : (چانهہ جو ڊُڪ پريندي) اون... ڪنڊ ڪيڏي وِڏي اٿئي؟ خبر اٿئي نہ تہ هِي گهٽ ڪنڊ واري چانهہ پيئندا آهن. (يش کي) توهان ڪجهہ چئوس ڇو نہ ٿا؟

يش : چانهہ تہ سُني آهي نہ، مونکي وڻي ٿي.

هِمانگي: ٿئنک يوُ پاپاجي، مئن آپڪي پريڪشا ۾ پاس ٿئي گئي نا.

يش : (ڪلندي) ٿئي گئي، ٿئي گئي...

هِمانگي: ڪل سي ڪم شڪر والي چاءِ پلائوُنگي. (هِمانگي ڪِلندي ڪِلندي اندر وڃي ٿي.)

اِندوُ : چاڙهيوس، ايجا مٽي تي چاڙهيوس. توهان بہ نہ سيني کي زبردستي خوش ڪرڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهيو. ڪمائوُ پُٽ جي زال اٿوَ نہ انهيءَ ڪري.

يش : ڪٽان جي ڀالهہ ڪاڏي ٿي ڪٽي وڃي اِندوُ. پرائي جائيءَ سان پريم سان ئي ڀالهائڻ گهرجي. انهيءَ ۾ ڪمائيءَ واري تہ ڪا ڀالهہ ئي ڪونہ آهي. ديپوُ بہ اڳتي هلي ڪمائيندو. ايجا هاڻي آمريڪا مان ايم.بي.اي. ڪري آيو آهي.

اِندوُ : بند ڪيو توهان جي فلاسافي.

يش : (وات تي آڱر رکي) ماڻهو نئين نونهن لاءِ الائي چا چا ڪندا آهن، پر مان ڏسان ٿو جڏهن ڪان هِمانگي گهر ۾ آئي آهي تنهنجا تہ نٽ ئي نري ويا آهن.

اِندوُ : وري ڀالهايوَ؟

يش : اِندوُ گرهستيءَ جي گاڏي هلندي آهي سيوا، پيار ۽ پنهنجائپ سان.

books.sindhsalamat.com

اِندوُ : (غصي ۾) توهان کي ڪهڙي خبر تہ منهنجي اندر ۾ ڪيڏو مونجهارو آهي. پُٽ کي ڪيڏن نازن سان پالي نپائي وڏو ڪيوسين، هن کي اِن لائق بڻايوسين تہ هوُ ملٽي نئشنل ڪمپنيءَ ۾ نوڪريءَ تي لڳو. مونکي لڳي پيو ڪنهن سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪندو جيڪا اسان جي ٻولي، اسان جي سيڻتا ۽ اسان جي سنسڪرتيءَ سان پوُريءَ طرح واقف هوندي پر نہ، هن جي مٽان تہ گجراتِڻ جو پوُت سوار هئو.

يش : ڏيري ڀالهاءِ هِمانگي نہ ٻُڌي وئي.

اِندوُ : مان ڇو ڏيري ڀالهايان، مان ڪنهن کان ڏکان ٿي چا؟

يش : خبر اٿئي ڪاليج جي ڏينهن ۾ منهنجو بہ هِڪ مهاراشٽرين ڇوڪريءَ سان عشق هوُندو هئو.

اِندوُ : چا چيوَ؟

يش : چا تہ شِڪل هوُندي هئس، اصل ماڏري ديکشِت. اُها بہ تہ مهاراشٽرين آهي نہ. مِنڙو آواز، مُکہ تي هميشهہ ڪِل. پر هاءِ ڙي قسمت... مائٽن سنڌي ڇوڪري ڀُولهڻ جي چڪر ۾ منهنجو فيوُچر ئي فيوُز ڪري ڇڏيو.

اِندوُ : (غصي ۾) هاڻي بہ وڃي ڪيو نہ انهيءَ سان شادي. (اُٿي ڪري اندر وڃي ٿي.)

يش : هيءَ تہ رُسي ويئي. هاڻي چا ٿيندو. مان تہ چرچو پئي ڪيم، هيءَ سچ سمجهي ويني. هاڻي ضرور ڏماکو ٿيندو. منهنجو جنم ڏينهن منهنجي آفت جو ڏينهن نہ ثابت ٿئي. (هِمانگي رنڊڪي مان اچي ٿي.)

هِمانگي: سوُ ٿئي گيو پاپاجي. ممي مُنهن ڦُلا ڪي بئني ڇي.

يش : اڙي يار مان تہ مذاق ۾ چيومانس تہ مان بہ جيڪر

www.sindhsalamat.com

اِنٽر ڪاسٽ مئريج ڪيان هان تہ ڪيڏو نہ سُنو ٿئي هان... بس انهي ڳالهہ تي رُسي ويئي.

هِمانگي : بس اِتني سي بات، آپ چنتا مت ڪرو پاپاجي مئن ممي ڪو سنڀال لوُنگي.

يش : مونکي اِهڙي مذاق نہ ڪرڻ گهرجي هان نہ. سڌ ڪرين تہ معافي گُهرانس.

هِمانگي : پاپاجي، پتي پتني ۾ هميءِ مذاق چالي ڇي. ٿوري دير غصا ڪريگي، ڦِر هسني لڳيگي، ممي اوُپر سي ناريل کي سمان ڪڙڪ ڇي، پر اَندر سي ايڪدم نرم، آئيسڪريم کي سمان.

يش : تو چڱو سُڃاڻي ورتو آ پنهنجي سَسُ کي.

اِندوُ : (اندران اچي) هيڏانهن ٻُڌو ٿا؟

يش : ضرور ٻُڌان ٿو، ٻُڌڻو ئي پوندو.

اِندوُ : مذاق نہ ڪيو، منهنجي ڳالهہ ڏيان سان ٻُڌو.

يش : ها چئہ.

اِندوُ : اٿو صفا ختم ٿيڻ تي آهي، تيل بہ ويجي ٿورو ئي بچيو آهي... ڪرياڻي واري وٽان جلدي وڃي وٺي اچو. (غصي ۾) سڄي گهر جو ڏيان مونکي ئي رکڻو پوندو آهي ۽ ها ڪنڊ ضرور وٺي اچجو.

يش : (باهر وڃڻ لاءِ اُٺندي) جو حڪم مهاراڻي صاحبا.

اِندوُ : ۽ ها، جلدي واپس اچجو... ياد رهندءُ نہ، ڪِن چني لکي ڏيانوَ تہ چا-چا وٺي اچڻو آهي.

يش : پڳوان اينرو دماغ تہ ڏنو ئي آهي جو بہ ٽي شيوُن ياد ڪري سگهان.

هِمانگي : ڪميس مان گانڊ ٻانڌي جائو پاپاجي.

(زور زور سان ڪِلي ٿي.)

اِندوُ : انهيءَ ۾ ڪِلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. مونکي خبر آهي

books.sindhsalamat.com

تہ هي پُڇجي ويندا آهن. ڪنهن ڳالهہ جي جاڻ نہ هجي تہ وچ ۾ نہ ڳالهائجي. جڏهن بہ وڏا ڳالهائيندا هجن تہ ٻارن کي وچ ۾ ڪِل ڪِل نہ ڪرڻ گهرجي.

(هِمانگي اُداس ٿي اندر هلي ٿي وڃي.)

يش : ڪري ڇڏيئہ نہ ويچاريءَ کي ناراض. اِندوُ تنهنجي انهي سُياوَ جي ڪري ئي سيني کي تڪليف ٿيندي آهي. تنهنجي ٽوڪ ٽوڪ ۽ ڪريٽيسيزم ٻارن کي پرپُٽ ڳالهائڻ جو چانس ڏيندي آهي. توکي خبر ناهي تنهنجي پرپُٽ ٻار تنهنجي باري ۾ چا-چا چوندا آهن.

اِندوُ : مان هن کي ڊسيپلين سيکاري رهي آهيان ۽ توهان... توهان کي لڳي ٿو اسان جا ٻار مئچيور ٿي ويا آهن، اصل ڪونہ ٿيا اٿوَ. مٿان وري هيءَ توهان جي لاڏلي نونهن، اِها تہ اُنهن کان بہ ٻہ قدم اڳتي آهي.

يش : سچ تہ اِهو آهي اِندوُ تہ تو هِمانگيءَ کي نونهن جي روپ ۾ ايجا تائين سويڪار ئي نہ ڪيو آهي. ويچاريءَ جي پنيان ئي پئجي ويئي آهين. رُڳو انهيءَ ڪري تہ هوءَ سنڊي ڪونهي. پرائي جائيءَ کي اڪين جو ڪنڊو ٿي سمجهين.

اِندوُ : ڏسو هاڻي توهان مونکي پاشڻ ڏيڻ بند ڪيو. مان چڱيءَ طرح سمجهان ٿي تہ مونکي چا ڪرڻو آهي. مونکي گهر ۾ اِنڊسيپلين بلڪل پسند ناهي.

(باهران هِمانگي جو پيءُ پاسکر پنچمتيئا اچي ٿو.)

پاسکر : يش پائي، سوُ ڇي؟

يش : اڙي پاسکر پائي. آئو آئو. ڪيا هال هئہ؟ آج اِڏر ڪا راستا ڪئسي پتڪ گيا.

پاسکر : (اِندوُءَ کي) نمستي اِندوُبين، مجا مان ڇي ني.

اِندوُ : هان هان بلڪل بڙهيا، آپ بئنِئي نا.

www.sindhsalamat.com

پاسکر : وو کيا هئہ اِندوُبين، هماري پتني هئہ نيِ، ڪل سي هماري پيِڇي پڙي هئہ ڪِ هِمانگي ني لئي آئو، هِمانگي ني لئي آئو سهي هئہ جي. تو مڻ بولا آج يش پائي سي اور آپ سي ڇُٽي ليڪي هِمانگي ڪو هفتا پر ڪي ليئي ليڪي جاتا هوُن. سهي هئہ جي.

اِندوُ : آپ بئنِئي نا، مڻ آپڪي لِئي چاءِ بناڪر لاتي هوُن.
(اِندوُ اندر رڌڻي ڏانهن وڃي ٿي.)

يش : پاسکر پائي ٻُهت اِچا هوُئا آپ سميہ پر آ ڳئي، نهين تو تيريِ سمڌن تو ميريِ پوُري ڪلاس لي ليتي.

پاسکر : تُمکو اِسکوُل ڪي ٽائيم سي بول رها هوُن، ڪيي ٽيچر سي شادي نهين ڪرنا، ليڪن توُ مانتا نهين نا. سهيہ هئہ جيِ.

يش : ڪيا سهي هئہ؟

پاسکر : يي هيِ ڪِ وو سيڪو اپنا سٽوڊنٽ سمجهتي هئہ، سهي هئہ جيِ.

يش : بلڪل سهي هئہ.

پاسکر : دوستون ڪيِ نهين سُنيگا نہ تو ائسا هيِ هونا هئہ، يي لي برٿ ڊي ڳفت. (ڪيسي مان هِڪ پئڪيٽ ڪڍي ڏئين ٿو.) هئپي برٿ ڊي.

يش : واهہ تُجهي ميرا جنم دِن ياد هئہ.

پاسکر : اري مڻ تو پوُل ڳيا ٿا، صبُح صبُح هِمانگي ني ياد دِلايا. وو سپ مِلِڪر تيرا سرپرائيز برٿ ڊي منا رهي هئن.

يش : مُجهي تو نهين مالوُم. اِندوُ ني يي نهين بتايا.

پاسکر : پاپي ڪو يِ ڪهان مالوُم هئہ، يي سپ بچون ڪا پلان هئہ.

يش : اؤر اُنڪي ليڊر هئہ هِمانگي. سچ يار، هِمانگي ڪي

books.sindhsalamat.com

گهر ۾ آني سي اِس گهر ڪي رونق بڙهہ ڳئي هئہ. تووني اؤر پاپي ني مِلڪر اِسڪي اِتني اچي پرورش ڪيِ هئہ.

پاسکر : يش پائي، ايڪ هيِ بيني چي. اِسکا تو خيال رکنا هيِ پڙتا هئہ نا. هِمانگي ڪي شادي ڪي باد تيري سمڌن ٻُهت هيِ اڪيلي هو ڳئي هئہ. ڪيي ڪيي تو روتي هئہ اِسڪي غم ۾. سهي هئہ جيِ.

يش : پاپي ڪو ڪيون نهين لايا؟

پاسکر : اري يار اُسڪي سٽسنگ والي منڊلي ڪا پروگرام ٿا، وو اُڌرچلي ڳئي اؤر مڻ اِڌر.
(هِمانگي ڪِچن مان هِڪ ٽري ۾ چانهہ، بسڪوُٽ ۽ ڊوڪلا ڪڍي اچي ٿي.)

هِمانگي : (چانهہ سينٽر ٽيبل تي رکندي) جئہ شري ڪرشن پاپا.

پاسکر : جئہ شري ڪرشن ڈيڪرا، مجا مان چي؟

هِمانگي : مڻ تو بلڪل مجي ۾ هوُن پاپا... آپ ڪئسي هئن؟ ممي ڪو نهين لائي؟

يش : يهي بات اپي مڻني يي اِسکو ياد دِلائي. ديکہ پاسکر، رشتا هوني سي پهلي هم دوست هئن. توُ سمڌيون ڪي طرح گهر ۾ آئيگا تو اڳلي بار اينٽري نهين مليگي هان.

(ها ۾ ڪنڌ لوڏائي ٿو.)

پاسکر : توُ هان بول رها هئہ يا نهين بول رها هئہ.

يش : سهي هئہ جيِ.

(سپ ڪِلن ٿا.)

هِمانگي : اري آپ لوگ ليجئي نا، مڻني اپني هاٿون سي ڊوڪلا بنايا هئہ.

پاسکر : اچا تو سسُر جيِ ڪي برٿ ڊي ڪيِ تياري چل رهي

www.sindhsalamat.com

هئہ.

يش : (ڪِلي ڪري) مونکي تہ سرپرائيز خبر پئجي ويئي.

هِمانگي : (پاسکر کي) يي ڪيا پاپا. آپڪو بولا ڻا نہ ڪِسي کو نهين بتانا هئہ. ويري بئڊ. منوُ ناراض هو جائيگا.

يش : منوُ ءِ توسان ناراض، اِمپاسيبل، هوُ تہ توسان دل-و-جان سان پيار ڪندو آهي.

پاسکر : پگوان دونو کي جوڙي سلامت رکي. سهي هئہ جِي.

يش : تنهنجو پيءُ تنهنجي موکل ونڊ آيو آهي.

هِمانگي : تو مئن جائون پاپاجِي. پر آج نهين ڪل، آج تو آپڪا برٿ ڊي هئہ نا.

پاسکر : هان سهي هئہ. آج بچي لوگہ مستيان ڪرينگي، ٿڪ جائينگي.

(باهران منوُ اچي ٿو.)

منوُ : (پاسکر کي) جئہ شري ڪرشن پاپاجي.

پاسکر : جئہ شري ڪرشن ڏيکرا.

منوُ : (پيري پوندي) آج بڙي دنون باد آئي پاپاجي.

پاسکر : تُم دونون ني يش کي ليئي جو سرپرائيز سوچي هئہ ني وو اِسکو بتاني آيا ڻا. سهي هئہ جِي.

يش : بلڪل سهي هئہ.

منوُ : (هِمانگي کي) واٽ اِز دِس هِمانگي؟

يش : توهان سيني جو سيڪريٽ اوپن ٿي ويو. ٿئنڪ يوُ پاسکر.

منوُ : پاپا.

يش : ڪوئي ڀَالهہ ناهي پُٽ. ماڻهين لاءِ تہ اڄا تائين سيڪريٽ ئي آهي نہ، اسان ماڻهين کي سرپرائيز ڏيندا سين.

منوُ : ويري گُڊ پاپا.

books.sindhsalamat.com

هِمانگي : هان، بهُت مزا آئيگا.

(اندران اِندوُ اچي ٿي.)

اِندوُ : هيڏانهن ٻُڌو ڻا؟

يش : (سيني کي اِشارو ڪندي) ٽاپڪ چينج، ٽاپڪ چينج... ها ها ٻُڌان ئي پيو ٿو.

پاسکر : (اِندوُءَ کي) پاپيجِي ايک رڪويسٽ ٿي. هِمانگي کو ڪُجھ دِنون کي ليئي ڇُٽي دي ديتي تو اِسکي مان کا من بهل جاتا.

اِندوُ : اِسکا پتي منوُ بئنا هئہ نا، اِسسي پوُڇ لو. وو هان کهتا هئہ تو مُنجهي کيون اعتراض هوگا پلا.

يش : پاڻن پري هوُ توکان موکل ٿو ڳُهري، چو تہ تون هِن گهر جي وڏي آهين.

منوُ :ممي ها چئہ نہ.

اِندوُ : ڏنوَ ها پاڻ کي چوٽي اٽس، چوارائي مونکان ٿو.

يش : پاسکر پائي آپ تو هان هِي سمجهو، باقي هم نپٽ لينگي.

پاسکر : تو مئن هِمانگي کو ليني ڪل آتا هون. سهي هئہ جِي.

منوُ : آپ چنتا مت ڪرو پاپاجي، مئن خود هِمانگي کو چوڙني آئونگا. اِس بهاني مميجِي سي پِي مِل لوُنگا.

هِمانگي : پاپا ڪُجھ ڪائو تو سهي.

(هِڪ ڊوڪلو پليٽ مان ڪڍي واٽ ۾ وجهي ٿو.)

پاسکر : اپنا جو اصوُل هئہ، ڪم ڪائو اؤر غم ڪائو. سهي هئہ جِي.

يش : هان.

پاسکر : (وري ڊوڪلو ڪائيندي) چل پائي يش، فِر ملتي هئن.

يش : آتي رها ڪر يار، اڇا لگتا هئہ.

www.sindhsalamat.com

پاسکر : ضرور، ضرور.

(باهر وڃي ٿو.)

يش : (اِندوءَ کي) تون به اصل تِکن لفظن ۾ ماڻهن جو سواگت ڪندي آهين. هاڻي هوءَ منهنجو دوست ئي نه پر اسان جو سيڙ به آهي.

هِمانگي : (منوءَ کي) سُنو جي، آپ هاٿ مُنهن ڌوکر آئو، مئن آپڪي ليئي چاءِ بناکر لاتي هوُن.

(پليٽون کڻي اندر وڃي ٿي.)

اِندوُ : ڏِنئہ نہ ڪيئن تو تي آردر هلائي ويئي.

يش : وري اِها ئي ڳالهہ، تون به تہ مون تي آردر هلائيندي آهين. پوءِ؟

اِندوُ : توهان تہ بس ڪيو.

منوُ : ممي، جڏهن مونکي ڪنهن ڳالهہ تي آبجيڪشن ناهي تہ توهان ڇو...

يش : منوُ...

منوُ : ساري پاپا پر...

اِندوُ : پر ڇا؟ چئہ نہ چُپ ڇو ٿي وئين.

يش : اِندوُ آهي تہ خير نہ.

اِندوُ : هن کان تہ موهنيءَ جي ڏيءُ ڪيڏي نہ سُني هئي.

يش : موهني، تنهنجي ڪِتي پارٽي واري ساهيڙي. اُها تہ مينهن آهي مينهن. وِهندي آهي تہ سڄو سوفا لُڏندو آهي.

اِندوُ : مان اِنهي جي نہ اُن جي ڏيءُ جي ڳالهہ ٿي ڪريان.

يش : ڏيءُ وري ڪهڙي گهٽ اٽس. جهڙو هاٿيءَ جو ٻچو. هِمانگي سان تہ انهيءَ جي ڪمپئريزن ئي ڪونہ آهي.

اِندوُ : سنڊياڻي تہ آهي نہ. ڏسو مان چئي ٿي ڇڏيانوَ، ديپوءَ پيري اَهڙي غلطي اصل نہ ڪبي. ديپوُءَ لاءِ مان سنڊي

books.sindhsalamat.com

ڇوڪري ئي ڳولهيندس. منوءَ منهنجي نہ ٻُڌي تہ ڇا ٿيو، ديپوُ منهنجي چئي ۾ آهي. اُهو منهنجي پڪ ٻُڌندو.

(هِمانگي چانهہ ڪٽي اڇي ٿي.)

هِمانگي : (منوُءَ کي) اڙي آپ ايڏي تڪ يهين هئن، هاٿ منهن ڌوني نهين گئي. مئني تو چاءِ پِي بنا لِي.

اِندوُ : ڪوئي ڳالهہ ناهي، چانهہ پِي پوءِ فريش ٿيندو. ويچاري کي ماڻُ پيءُ سان ڳالهائڻ ۾ نٿي ڏئي.

هِمانگي : ساري ممي، ميرا وو مطلب نهين ٿا. (منوُءَ کي) ليڃئي، چاءِ.

اِندوُ : هيڏانهن ٻُڌو ٿا، مون ڇا پئي چيو؟

يش : تو پئي چيو تہ ديپوُءَ لاءِ سنڊي ڇوڪريِ ڳولهيندا سين.

اِندوُ : ها اِهو منهنجو پڪو فيصلو آهي.

هِمانگي : مئن تو ديپوُ کي ليئي اپني مؤسيري بهن چنڪي کا رشتا چلاني والي ٿي... ليڪن...

(منوُءَ ڏي نهاري ٿي. منوُ ڪنڌ لوڏائي نہ نہ ٿو ڪريس.)

يش : ها ها چئہ نہ.

هِمانگي : ڪُڇ نهين ديپوُ سي پوُڇتي هئن، ڪهين اُسکي نظر ۾ ڪوئي لڙڪي هو تو.

اِندوُ : اڇُ اڇي تہ مان ٿي پڪ ڪيانس.

منوُ : ديپوُءَ جو ويچار آمريڪا ۾ ئي سيٽل ٿيڻ جو آهي ممي.

هِمانگي : هان ممي، اُسکو ائسي لڙڪي چاهيئي جو شادي کي باد هميشا کي ليئي آمريڪا جانا پسند ڪري.

اِندوُ : واهہ توهان کي ڇڙ سڀ خبر آهي.

يش : دِل جي ڳالهہ ياءُ پاڃائيءَ سان نہ شيئر ڪندو تہ ڪنهن

www.sindhsalamat.com

سان ڪندو.

اِندوُ : ڇو، مان هيڏانهن هوڏانهن جي آهيان ڇا؟

منوُ : ممي، تون هر ڳالهه تي ناراض ڇو ٿي ويندي آهين؟

هِمانگي : هماري ممیجي تو ورلڊ ڪي بيسٽ ممي هئہ.

اِندوُ : مسڪا نہ مار. مونکي خبر آهي تہ تون مونکي ڇو ٿي مسڪا مارين.ضرور ڪو مطلب هوندو.

هِمانگي : نهين ممي مئن دِل سي ڪهہ رهي هوُن.

يش : پرنسيپل صاحبا، پنهنجا ڏينهن وسري وئينءَ ڇا. تون بہ منهنجي ممیءَ کي اِئين ئي مسڪا ماريندي هئينءَ.

اِندوُ : اسان جي ڳالهہ ٻي هئي. اڇڪلهہ جون ڇوڪريون ڊپلوميٽ هونديون آهن.

يش : هوندا ڪي اڪسيپشنس. اسان جا ٻار اَهڙا ڪونہ آهن.

اِندوُ : توهان ئي سيني کي مٿي تي چاڙهيو آهي. اِنهيءَ ڪري گهر ۾ ڪو ڊسيپلين ئي ڪونہ رهيو آهي.

يش : تنهنجو اِهو ڊسيپلين اِسڪول ۾ ئي رکي ايندي ڪر. هيءُ گهر آهي.

اِندوُ : توهان ٻارن جي ها ۾ ها ملائي غلطي ٿا ڪيو.

يش : او. ڪي. ائڪسيپٽڈ.

اِندوُ : ڇا ائڪسيپٽڈ.

يش : مان پنهنجي غلطي مڃان ٿو. ائز يوزُوئل.

اِندوُ : توهان غلطي مڃو يا نہ مڃو، آءِ ڊونٽ ڪيئر.

(اِندوُ اُٿي ڪري اندر وڃي ٿي.)

منوُ : (پيءُ کي) ڪري ڇڏيوَ نہ گڙبڙ گهوٽالو. توهان ويهين صديءَ جا ڪپلس نہ ڏاڍا ڊفيڪلٽ هيو.

هِمانگي : آپ چنتا مت ڪرو جي. پاپا ممي کو منا لينگي، پاپا اپني هار ماننے ۾ ايڪسپرٽ هئن.

منوُ : ءِ ممي انهيءَ ۾ ئي خوش ٿيندي آهي. پر ممیءَ کي

books.sindhsalamat.com

منائڻ سؤلي ڳالهہ ناهي.

هِمانگي : بهُت آسان هئہ.

منوُ : توکي ڪهڙي خبر؟

هِمانگي : پڇلي ايڪ سال سي اُنکي ساٿ رهہ رهي هوُن. آپ تو دن ۾ آفيس چلي جاتي هئن.

منوُ : تون تہ اڳئين سال آئي آهين، مان گذريل ٢٦ سالن کان ممیءَ سان رهيو پيو آهيان. بڙي آئي ممي کو سمجهني والي.

هِمانگي : وات بڙي آئي، ايڪ عوُرت هي عوُرت کو اڇي طرح پهچانتي هئہ.ڪيون پاپاجي.

يش : منهنجو خيال آهي مان اندر وڃان.ايڪويهين صديءَ جا زال مڙس ڏاڍا ڊفيڪلٽ هوندا آهن.

(يش اندر وڃي ٿو.)

هِمانگي : ديکا، آپني پاپاجي کو پي ناراض ڪر دِيا.

منوُ : مئني نهين توُني ڪيا هئہ.

هِمانگي : چاءِ ڪئسي لگي.

منوُ : ونڊرفل.

هِمانگي : مئني اپني هاٿون سي بنائي هئہ. ڪيي تعريف تو ڪري نهين هو بيبي ڪي.

منوُ : تعريف ڪيان.

هِمانگي : ڪرو نا.

منوُ : (گانو ڳائيندي)

تيري آنکون کي سوا دُنيا ۾ رکا ڪيا هئہ،
يي اُني صُحب چلي، يي جُهکي شام ڍلي.

هِمانگي : آپکو نہ ملتي نئشنل ڪمپني کي نؤڪري ڇوڙڪر فلمي دُنيا ۾ چلي جانا چاهيئي. گاني گاکر لڙکيان پٽانا آپ خوب جنتي هو، بيسُري آواز پر پي لڙکيان

www.sindhsalamat.com

دوڑکر آتي هئن.

منوُ : گانو ڪونہ ٿو ڳايان، هي منهنجو اصلي پيار آهي. بيسُري آواز تي نہ وچ...دِل جي گهراين کي ڏِسُ. پاونائون کو سمجهو جانم. پيار آهي تہ پيار جو اِظهار بہ ڪبو، نہ تہ توکي خبر ڪيئن پوندي تہ مان توکي ڪيترو پيار ڪندو آهيان.

هِمانگي: مئن جانتي هوُن، يوُ لوَ مي سو سو مچ.

منوُ : ڪيترو...

هِمانگي: هيترو، اؤر مئن پي آپکو بهُت پيار ڪرتي هوُن.

منوُ : تو ڦر دير ڪِس بات کي هئ، اؤر پاس آئو نا.

هِمانگي: نا بابا، تيري پرنسپل ممي سي بهُت ڈر لگتا هئ، ڪهين وو آ گئي اؤر همين رومانس ڪرتي ديکہ ليئا تو.

منوُ : (چپڻي وڃائي) ممي ڪي تہ تون هيئن پٽائي چڏيندينءَ.

هِمانگي: وو تو ميري بائين هاٿ کا کيل هئ.
(ٻئي کِلن ٿا. ٻاهران ديپوُ ۽ پنکي اچن ٿا. هنن جي هٿن ۾ گفٽس جا پئکيٽ ۽ ڪيڪ جو باڪس آهي.)

ديپوُ : اگر توهان جو رومانس وارو ڪلاس ختم تي ويو هجي تہ اسان اندر اچون.

منوُ : تون نہ هميشهہ غلط ٽائيم تي اينٽري مارينڈو آهين، سڄو موُڈ خراب ڪي ويو.

ديپوُ : ڇا پائوُ، رومانس ڪرڻو ئي اٿوَ تہ پاپيءَ کي وٽي ڪنهن سُني هوٽل ۾ ويجو نہ. مونکي ۽ پنکيءَ کي هِتان جي سيني هوٽلن جي جاڻ آهي. آسڪ اس اينِي ٽنگہ.

پنکي : (اڳتي وڌي) ست سري اڪال پئيا. ست شري اڪال پاپي. ساري پاپي آپکو دِسترب ڪيا.

books.sindhsalamat.com

ديپوُ : اڙي ڪوئي بات نهين. باد ۾ رومانس ڪر لينگي، شاديشُدا هئن، هماري سمان ٽوڙي هي هئن ڪِ باد ۾ چانس نهين مليگا.

پنکي : پاپي آپکا ديو بهُت هي شيطان هو گيا هئ.

ديپوُ : پيار اِنسان کو شيطان بنا ديتا هئ.

هِمانگي: رُڪو. ممِيجي کو آني دو، آج تو تُم دونو کي پيار کي وات لگني والي هئ.

پنکي : ڪيون پاپي؟

هِمانگي: ممِيجي ني فائينل ڊسيزن لي ليئا هئ ڪِ ديپوُ کي لئي سنڈي لڑکي هي پسند ڪرينگي. ديپوُ ممِيجي کي آگي ڪُچ پي بول نهين سڪتا. تو توُ گئي ڪام سي.

پنکي : نهين نا پاپي. آپ هي ڪُچ ڪرو نا. مئن اِسکي بغير نهين رهہ سڪتي. (ديپوُءَ کي) آپ اپنا فائينل فيصلا سُنائو. ميري سي شادي ڪروگي يا نهين.

ديپوُ : نہ چوندس تہ...

پنکي : مئن جا رهي هوُن.

هِمانگي: ڪِدر؟

پنکي : سوُسائيڊ ڪرني.

ديپوُ : (منوءَ کي) پائوُ، هيءَ تہ هر ڳالهہ ۾ اوور رئيڪٽ ڪندي آهي. پائو ۽ پاپيءَ کان سِکہ، ڪيڈي ڊفيڪلٽ سِچوئيشن ۾ رومانس ٿا ڪن. ويچارا بہ گهڙيون اڪيلي ۾ ڳالهائيندا تہ ممي جا ڊڪا ڪائيندا.

پنکي : پئيا-پاپي تو بهُت هي اچي هئن اؤر...

ديپوُ : ها چئہ اڳتي چئہ.

پنکي : ممِيجي، پاپاجي پي بهُت اچي هئن. مئن بهُت خوش هون، مُجهي وو سپ مِلا هئ جسکي مئني هميشهہ چاهہ

www.sindhsalamat.com

رکي ٿي.

منوُ : ديپوءَ جي باري ۾ ڪُجھ نہ ٿي چئين.

پنڪي : ديپوُ تو سچمُچ... بھُت اڇا...

ديپوُ : اڇڻ واري طوفان جي باري ۾ سوچيو اٿئي؟

پنڪي : طوفان؟

ديپوُ : منھنجي ممي، يعني تنھنجي ٽيڻ واري سسُ. پاپيءَ ڇا چيو، منھنجي لاءِ سنڊي چوڪريِ ڳولھي رھي آھي، جي ھن کي اسانجي پيار جي تِرُ ۾ ينَڪ لڳي ته اسان ٻنھي جي جيون ۾... (ھِمانگيءَ کي) پاپي ھاڻي توھان جو ئي آسرو آھي.

پنڪي : چنتا مت کرو، ھِمانگي پاپي سڀ سنڀال ليندي.

منوُ : سو کانفيڊنٽ.

ديپوُ : پاپي ته ماءُ وانگر ھوندي آھي نہ اُھا پنھنجن ٻارن کي کيئن ٿي دُکي ڏسي سگھي. اسان کي ھر مصيبت مان ٻاھر ڪڍندي. اسان جي ھِمانگي پاپيِ.

ھِمانگي : (منوُءَ کي) ”ھيڈانھن ٻُڌو ٿا.“

منوُ : ٻُڌو ٿا نہ ٻُڌو ٿا... ٻُڌو ٿا.

پنڪي : (ديپوُءَ کي) وات از دِس؟

ديپوُ : پاپي سنڊي پئي ٿي سکي بلڪل ممي‌ءَ جي نقل ڪندي آھي.

پنڪي : اِسکا مطلب کيا ھئہ؟

منوُ : ھن کي ھنديءَ ۾ چئبو آھي ”اي جيِ، سُنتي ھو.“

ديپوُ : توکي ھينئر نہ چوڻو آھي، متان ھاڻي کان ئي پرئڪٽس شروع ڪرين.

منوُ : مان ته چوان ٿو توھان ٻئي اڃ ئي ممي‌ءَ کي پنھنجا ويچار ٻُڌائي ڇڏيو.

ھِمانگي : پر ممي کا غصا تو آج ساتوين آسمان پر ھئہ.

books.sindhsalamat.com

ديپوُ : اِھو اسان توھان تي چڏيو آھي پاپي، ڇئو سنياڻي وڻندءُ نہ... آن... آن... آن... دئٽس لائڪ اي گُڊ گرل.

ھِمانگي : ديپوُ آءِ ول ڪِل يوُ.

ديپوُ : پر ممي غصي ۾ ڇو آھي؟

منوُ : ممي‌ءَ کي غصو اڇڻ لاءِ کو ڪارڻ ڪپندو آھي ڇا؟

ھِمانگي : آپ لوگ برٿ ڈي کي تياري ڪرو مئن ممي پاپا کو ليکر آتي ھوُن اؤر جما تو آپکي پيار کي باري ۾ پي بتاکر آتيِ ھوُن.

منوُ : توکي منھنجي مدد جي ضرورت آھي.

ھِمانگي : ڈونٽ وري...

(ھِمانگي اندر وڃي ٿي.)

پنڪي : مُجھي ٿو بھُت ٽينشن ھو رھا ھئہ.

ديپوُ : ھا پائوُ اڇ اسان جي پريڪشا جي گھڙي آھي.

منوُ : رليڪس ديپوُ، ھِمانگي ويني آھي نہ. اسان جي شاديءَ وقت ۾ ممي ڪاڻي تيار ھئي.

ديپوُ : تنھنجو سھرو پاپا جو دوست ھئو، اِنڪري ڳالھہ جلدي نھي ويئي.

منوُ : منھنجي ۾ ته ممي‌ءَ جي اڳيان ڳالھائڻ جي ھمٿ نہ پئي ٿئي... پر ھِمانگيءَ ئي مورچو سنياليو. ھِمانگيءَ پاپا کي پٽايو، پاپا ممي‌ءَ کي.

پنڪي : يعني ھِمانگي پاپي کي ھوتي ھُئي ھمکو ڊرني کي ضرورت نھين ھئہ.

منوُ : ھوءَ ڈھہ ڳالھيون ٻُڌي وڻندي پر اُف نہ ڪندي. ڈسون ٿا يار، پھريون پاپا جي برٿ ڈي جون تياريون ٿا ڪيون...

ديپوُ : (پئڪيٽ کوليندي) ھي ڪيڪ ۽ ھي گفٽون. مان پاپا جي لاءِ فل سوُٽ آندو آھي پائوُ.

www.sindhsalamat.com

پنڪي : يي ٽي-شرٽ ميري طرف سي ڀئيا.
منوُ : تمام سُنو، پاپا ته ڏاڍو خوش ٿي ويندا.
يش : (اندران ايندي) ڪهڙي ڳالهه تي خوش ٿي ويندس ڀائي.
پنڪي : (اڳتي وڌي يش کي پيري پوندي) ست سري اڪال پاپاجي.
يش : جيتي رهو بيٽا.
پنڪي : ديپوُ اؤن مئن آپڪي ليئي گفٽ ليڪر آئي هئن.
منوُ : پاپا هيءَ ديپوُءَ جي آمريڪا واري دوست آهي.اصل هتان جي آهي، آمريڪا پڙهڻ ويئي ۽ اُتي ٻنهي جي دوستي ٿي ويئي. ديپوُ ۽ هيءَ...
يش : خبر آهي، اندر بم ڦٽجي ڇُڪو آهي. بس دونهون هتائڻ باقي آهي.
ديپوُ : ويچاري پاپي...
يش : هِمانگيءَ ۾ ڏاڍو پيشنس آهي يار الائي ڪيئن هيڏو ٻُڌندي آهي پاڻ کان ته جيڪر سهن ڪونه ٿئي.
منوُ : ڇو توهان ٻه ته گذريل ٽيهن سالن کان ممي جي سهن ڪري رهيا آهيو.
يش : ماڻهين کي نندپڻ کان ئي ڊسيپلين وارو ماحول ملیو هئو. ڪئپٽن رامچنداڻيءَ جي ڏيءُ آهي نه گهر ۾ همیشه فوجي ماحول ملیس. وري اِتفاق سان اِسڪول جي پرنسيپال ٽهي ويئي. پوءِ ته پنج ئي آڳريون گيهه ۾ اڇي ويس. دِل جي ڏاڍي سُٽي آهي. ٿورو ڏنگ سان هئندل ڪريس ته آئيسڪريم وانگر پگهلجي ويندي آهي. هِمانگي انهيءَ ڪم ۾ ڏاڍي هوشيار آهي.
ديپوُ : ٻُڌين ٽي نه؟ توکي ٻه هِمانگي پاپيءَ وانگر ٽهڪو پوندو نه ته ممي جي بندوق جي گولي ڪائڻ لاءِ تيار رهه.

books.sindhsalamat.com

پنڪي : مُجهي تيرا چٹليننج منظور هئه.
يش : اِها ٽي نه ڳالهه، پوءِ گهرايو هِتلر کي، منهنجو مطلب آهي توهان جي ممیءَ کي.
(اِندوُ اندران اچي ٽي اڳيان اڳيان اِندوُ ۽ ٻُنيان هِمانگي. ملٽري بئنڊ وڄي ٽي.)
اِندوُ : هيڏانهن ٻُڌو ٿا؟ مان هي سڀ چا ٻُڌي رهي آهيان، مونکي اِهو رشتو بلڪل منظور ناهي.
پنڪي : (اڳتي وڌي پيري پوندي) ست سري اڪال چائيجي.
ديپوُ : چائيجي نهين ٻيجي بول.
اِندوُ : ٻيجي.
ديپوُ : ها ممي، سُس ٻه ته ماءُ برابر هوندي آهي نه.
اِندوُ : مان چيم نه ته مونکي اِهو رشتو بلڪل منظور ناهي.
هِمانگي : ممي هي ٻئي هڪ ٻئي سان پيار ڪندا آهن. پنڪيءَ جهڙي ڇوڪريِ ڏيئو ڪٽي ڳولهيندا سين ته ٻه نه ملندي. ديپوُ آمريڪا ۾ ئي سيٽل ٿو ٽيڻ چاهي. هن کي اهڙي ڇوڪريءَ جي ئي تلاش هئي جيڪا هن سان گڏ اُتي وڃي رهڻ لاءِ تيار ٿئي.
منوُ : ها ممي، پنڪي سچ پچ سُٽي ڇوڪريِ آهي.
اِندوُ : هِمانگي چئي ٽي انهيءَ ڪري؟ جوءِ جو مڇوُ.
يش : (پنڪيءَ کي) تنهنجا ماءُ پيءُ هن رشتي سان خوش آهن نه.
ديپوُ : ها پاپا، مان اُنهن سان ملي چڪو آهيان.
يش : اِندوُ اسان کي هروپرو لڪير نه ڇِڪڻ گهرجي. اِهو صحيح آهي ته اسان جي ٻولي، اسان جي سيٻتا ۽ اسان جي سنسڪرتيءَ تي اسان کي ناز آهي. هي ٻه ته اسان جي سنسڪرتيءَ تي ناز ٿيون ڪن نه. ٻارن جي خوشيءَ ۾ ئي اسان جي خوشي آهي. هِمانگي ته

www.sindhsalamat.com

سنڌي ٻالهائڻ ۾ سکي ويئي آهي. صحيح ٻالهه آهي نه...

هِمانگي: ها پاپا، ٿوري ٿوري گالائيندي آهيان. ممي آپ چنتا مت کرو، ناکرجي سپ نيڪ کرينگي. مئن خود پِي سنڌي سيکونگي اؤر پنڪي کو پِي سِکائونگي. هم سنڌي سماج کي ساري تيوهار ملکر منائينگي.

منوُ : اسان ۾ گجراتي ۽ پنجابي ڈِڻ ملهائيندااسين. ڈاڏو مزو ايندو.

پنڪي : ها ممي‌جِي ديپوُ ني بتايا ڪِ سنڌي سيِيتا، سنڌي سنسڪرتي بهُت اونچِي ڪوٽي کي هئہ. مئن آپکو شڪايت کا کوئي موڪا نهين دونگي.

هِمانگي: يي ديکو ممي‌جِي، پنڪي اؤر ديپوُ ني هي مِلکر پاپاجي کي برٿ ڈي کي تياري کي هئہ.

يش : ڈسين ٿي کيڈي پيار سان منهنجو جنم ڈينهن ٿا ملهائن.

(ٿوري دير شانتي)

اِندوُ : هيڈانهن ٻُڈو ٿا؟

يش : ٻُڈڻ لاءِ تيار آهيان.

اِندوُ : (ڪِلندي) کيڈيون منڙيون ۽ پياريون آهن منهنجون نُهرُ. (هِمانگيءَ کي ٻاکر پائيندي) توتي کيڈا ظلم کيم پر تو مجال جي منهنجي اڳيان کڈهن وات کوليو هجئي. کڈهن ب ڪُجهه نہ ڪُچيو. ٻڳوان توکي وڏي همٿ ڈني آهي. (يش کي) مان ئي چرِي آهيان جن ۾ارن جا سنسڪار سُنا آهن اُنهن کي وڏيڪ ڊسيپلين ۾ رکڻ جي ضرورت ئي ڪونہ آهي.

يش : مس مس هڪڙو پاٺ ياد ڪيو اٿئي.

هِمانگي: پاٺ؟

books.sindhsalamat.com

يش : پاٺ يعني ليس. ۾ارن کي سچو ڈينهن پئي چوندي، يي ليسن ياد کرو، وو ليس ياد کرو ۽ پاڻ...

اِندوُ : هيڈانهن ٻُڈو ٿا؟

يش : وري چا ٿيو؟

اِندوُ : هئپي برٿ ڈي...

(سڀ خوس ٿي کيڪ ڪٽين ٿا. خوشيءَ جي ميوزڪ وڄي ٿي.)

(سماپت)

www.sindhsalamat.com

٣. ”ها... مان ڳوناڻو آهيان“

(پردو کُلڻ تي هِڪ وچولي پريوار جي هڪ سوسائٽيءَ جي فليٽ جو نظارو. هال جي وچ ۾ سوفا سيٽ آهي. پنيان بالڪنيءَ مان سوسائٽيءَ ۾ اندر اچڻ جو مين گيٽ نظر ايندو آهي. بئنڪ مئنيجر موهنلال هيڏانهن هوڏانهن ڦيرا پائي رهيو آهي ۽ انهيءَ جي زال موهِني سوفا تي ويهي موبائيل تي نمبر گهمائي رهي آهي.)

موهِني : اوهه شِٽ، موبائيل ۾ سوَچ آف اٿس... هاڻي ڇا ڪيون، هيتري دير کان پئي ٿي ٽراءِ ڪيان، پر مجالا جو فون چالو رکي.

موهن : بئلنس ختم ٿي ويو هوندس.

موهِني : بئلنس نه چارجنگ ختم ٿي ويئي اٿس.

موهن : توکي ٻُڌايو ويو هئو؟

موهِني : ها فون ڪيائين.

موهن : (کِلي ڪري) چارجنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ؟

موهِني : ڏسو، اِهو سچُ آهي ته منهنجو پيءُ اسان جي شاديءَ جي برخلاف هئو، انهيءَ جو مطلب اِهو ته نه آهي ته توهان اُٿندي وهندي منهنجي پيڪن جي باري ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو.

موهن : مان اِهڙو ڇا چيو؟

موهِني : توهان کي منهنجو پاڻُ اصل نه وٺندو آهي.

موهن : پاڻي آهي به ڏاڍو سوُڪڙي نه، ڊلي پئنٽ ۽ سوڙهي خميس پائي اِنترويوُ ڏيڻ ويو آهي.

موهِني : هن کي کهڙي جاڻ ته ٽِپ ٽاپ ڪيئن رهبو آهي،

books.sindhsalamat.com

نندڙي شهر مان آيو آهي.

موهن : شهر مان ڪِن کيڙي مان...

موهِني : پاڇورا کيڙو ڪونه آهي، تعلقه پليس آهي.

موهن : تنهنجا ڳوناڻا پيڪا جتي رهندا اُهو کيڙو ئي چوارائيندو نه، ساڳيو مان آهيان، ڪيئن ٽِپ-ٽاپ سوُٽ خميس پائي، ٽاءِ لڳائي آفيس ويندو آهيان، تنهنجو پاڻُ ته ٽاءِ به مونکان اوڏر ورتي ۽ ٻڌائي به مونکان ئي ويو.

موهِني : توهان بئنڪ مئنيجر آهيو، نندپڻ کان ئي بمبئيءَ ۾ رهندا آهيو.

موهن : هيءَ وري ٻي، ڳوناڻن جي ڏيءُ، پاڻ ڀري بمبئي نه مُمبئي... چئبو آهي.

موهِني : ها ها اِهو ئي. منهنجو پاڻُ به مئنيجر نهي ويندو ته توهان وانگر ٽِپ-ٽاپ گُهمندو.

موهن : چپراسي نهي وڃي ته وڏي ٻَالهه آهي. ۽ اڪر انگريزيءَ جا نه ٿو ٻَالهائي سگهي، هليو آهي پُٽ مئنيجر نهڻ.

موهِني : بس... (سيريس ميوزڪ)

موهن : وات هئپنڊ؟

موهِني : (موبائيل لڳائيندي) هزار دفعا چيو ٿي مانس ته موبائيل چالو رکندو ڪر.

موهن : اچي ويندو، چنتا ڇو ٿي ڪرين؟

موهِني : توهان کي ڇاهي، هن کي ڪُجهه ٿي ويو ته ممي پاپا مونکي ئي چوندا ته نندڙي پاڻُ جو خيال نه رکيائين.

موهن : ڪُجهه ڪونه ٿيندس، ۲۵ سالن جو ٿي ويو آهي، ڪو نندڙو ٻار ڪونه آهي.

موهِني : هن کان اڳ ڪڏهن به ايتري دير ڪونه ڪئي اٿائين. ايڏي دير اِنترويوُ هلندو آهي ڇا؟

www.sindhsalamat.com

موهن : ضروري آ اُتي ئي وينو هجي. جوان آهي... ڪِتي ڪا مادرن چوڪريِ ڏسي هليو ويو هوندو اُنهيءَ جي پنيان نريمن پائنٽ تائين.

موهِني : وري...؟

موهن : منهنجو مطلب آهي ته ٽاءِ پاتل اٽس، چوڪريون ته اڳيان پنيان گُهمنديون ئي هوندس نه.

موهِني : توهان جو روز ٽاءِ پائي آفيس ويندا آهيو پوءِ توهان جي پنيان ٻ چوڪريون گُهمنديون آهن.

موهن : اسان جي اِهڙي قسمت ڪٿي... ڪاش اِئين ٿئي هان ته ڳوناڻيءَ جي پلي چو پوان ها.

موهِني : پوءِ، چو ڪيوَ مونسان شادي؟

موهن : ممي، منهنجي ممي يعني تنهنجي سُس منهنجي پنيان پڳجي ويئي، چيائين ''منهنجي پياري ساهيڙيءَ جي ڏيءُ آهي، سُشيل آهي، سُلڇڻي هي، رنڌڻي جي ڪم ۾ هوشيار آهي... گهر ناهي رکندي، مونکي کهڙي خبر ته بمبئيءَ ۾ اچي ڪري ٻ ڳوناڻي...

موهِني : بمبئي نه مُمبئي...

موهن : ها ها اِهو ئي. ڪالهه خبر اٽئي چا ٿيو؟

موهِني : چا؟

موهن : اسان جي بئنڪ ۾ هِڪ چوڪريِ ڪم ڪندي آهي، ائشوريه راءِ.

موهِني : ائشوريه راءِ توهان جي بئنڪ ۾ ڪم ڪندي آهي... واو...

موهن : دنيا ۾ هڪ ئي ائشوريه راءِ آهي؟ هن چوڪريءَ کي هندي صفا نه اچيس. چينئيِ شهر مان هاڻي هاڻي ٽرانسفر ٿي آئي آهي. سيني سان اِشارن ۾ ڳالهائيندي

books.sindhsalamat.com

آهي.

موهِني : پوءِ...؟

موهن : پوءِ چا، آفيس جا جوان چوڪرا ٻ هن سان اِشارن ۾ ڳالهائي ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. تنهنجي پاڻ جو ٻ اِهڙو ئي حال نه ٿئي... آفيس جا انگريز هن سان اِشارن ۾ ڳالهائيندا... هي مئن... هاڻ آر يوُ؟ ڪم هيئر... (ڪِلي ڪري) ۽ هوُ بُٽ بڻيو بينو هوندو. (وري ڪِلي ٿو.)

موهِني : هِن کان پوءِ هڪ ٻ اکر غلط ڳالهايو اٽوَ ته ڏسي ونجو. لکن ۾ هِڪ آهي منهنجو پاڻ.

موهن : مان کنهن جي باري ۾ چو غلط ڳالهائيندس يما. جيڪو سچ آهي سو ئي ٿو چوان. خئراتي اِسکول ۾ داخلا ونڊ ويو ته ماستر هٿ جو آڱريون لوڏائي پُڇيس... ''بُڌاءِ هي ڳٽيون آڱريون آهن؟'' آخر تائين جواب نه ڏيئي سگهيو. هاڻي بُڌاءِ هڪ هٿ ۾ وڏ ۾ وڏ پنج آڱريون ئي ٿيندیون هوندیون ڪِن نه ننڍپڻ کان ئي دفر آهي تنهنجو سکيلڈو...يا...ءُ...

موهِني : توهانجو ٽي ويو...؟

موهن : ها ٽي ويو.

موهِني : پنهنجن مائٽن کي ڏِنو اٽوَ. هِڪ نمبر جا ڪنجوُس ۽ مکيچوُس آهن. توهانجو پيءُ اموُل بٽر جي پئڪيٽ کي ڦلڪي اڳيان رکي چوندو آهي ڦلڪو سٽيو ٽي ويو.

موهن : واهه گونگي گاڻ ٻ ڳالهائي ٽي.

موهِني : آخر ارڏانگِني ڪنهن جي آهيان؟

موهن : پيٽ گاڻ، پاڻ گڏهه.

موهِني : توهان بئنڪ جا مئنيجر آهيو يا جناورن جا ڊاڪٽر.

موهن : (موُڊ چينج ڪري) موهِني ڊارلنگ...

موهِني : (ڪلي ڪري) جناورن جو ڊاڪٽر انگريزي ٿو ڳالهائي.

www.sindhsalamat.com

موهن : ڊارلنگ، منهنجي ڀالهه ته ٻڌ نه.

موهني : (موبائيل لڀائيندي) ترسو... اوف وري سوچ آف... (دريءَ کان ٻاهر ڏسي ٿي) هي ڏسو بادل ڇانئجي ويا آهن... بجلي ڪڙڪي رهي آهي... ڇاڪ مينهن وسيو.

موهن : پلي وسي نه.

موهني : مينهن پوندو ته لوڪل گاڏيون بند ٿي ويندیون. لوڪل بند، موبائيل بند، ڪيئن ڪندو منهنجو پاڻ. اڳئين سال جو مينهن ياد اٿوَ نه... پوُرا ٻه ڏينهن لوڪل ٽرينون بند ٿي ويون هيون. توهان پورا ٻه ڏينهن اُتي آفيس ۾ ئي رهي پيا هئا... جي هن سال به اِئين ٿيو ته منهنجو پاڻ ڪٽي رهندو؟

موهن : اِستيشن جي پلئٽفارم تي.

موهني : دِس از ٽوُ مچ هان...

موهن : واو... انگريزي.

(موهن جو موبائيل وڄي ٿو.)

موهني : ڏِسو، ممي يا پاپا جو فون هجي ته اُنهن کي نه ٻڌائجو ته موُلو گم ٿي ويو آهي. (فون کڻجي ٿو) چا ٿيو؟ فون کڻجي ويو چا؟

موهن : ڪمپنيءَ وارن جو فون هئو.

موهني : مونکي لڳو منهنجي پيڪن مان فون آهي.

موهن : اهي ڇو مونکي فون ڪندا، اُنهن کي ته مان ڏنو ٻه ڪونه وٺندو آهيان.

موهني : پراڻيون ڀالهيون وسري وڃو. هاڻي اِهو سوچيو ته موُلي کي ڪيئن ڳولهيون.

موهن : موهني ڊارلنگ، تون وڌيڪ ٽينشن ۾ نه اچُ. تنهنجو پاڻ گم ڪونه ٿيو آهي، پهريون ٻه چار دفعا هِتي اچي اِنترويوُ ڏيئي ويو آهي... هر دفعي ڏهه ڏهه ڏينهن

books.sindhsalamat.com

رهي ويو آهي.

موهني : وري طعنا...

موهن : منهنجي اهڙي مجال جو مان ساهرن مائِٽن کي طعنا هڻندس.

موهني : رهڻ ڏيو، سڄو ڏينهن منهنجن پيڪن کي پيا گهٽ وڌ ڀالهائيندا آهيو، ڪهڙي چوڪريِ هوندي جا پيڪن جي گِلا ٻُڌڻ پسند ڪندي.

موهن : اڙي موهني ڊارلنگ، مان ته توسان مستي ڪندو آهيان، تون غصي ۾ هوندي آهين ته ڏاڍي سُهڻي لڳندي آهين، توکي غصو ڏيارڻ لاءِ هيءُ ناٽڪ...

موهني : چڏيو.

موهن : چا چڏيان؟

موهني : مستي ڪرڻ چڏيو، بار آهيو چا؟

موهن : مستي ڪرڻ چڏيان ۽ پيار ڪرڻ.

موهني : وري مستي.

موهن : مان سوچيو اڄ آفيس مان ڇُٽي ورتي آهي ته ٻه گهڙيون ويهي پيار جون ڀالهيون ڪنداسين. تنهنجو پاڻ ٻه اِنترويوُ ڏيڻ ويو آهي ته ٿوري نويڪلائي... گذريل ڏهن ڏينهن کان هوُ گهر ۾ هئو ته...

موهني : گهمي ڦري ساڳئي ٽريڪ تي واپس اچي رهيا آهيو.

موهن : سچ ته چيم. پاڻ گهر ۾ وينو هجي ته گهوٽ ڏي ڪير ڏيان ڏيندو.

موهني : مان توهان کي اِگنور ڪندي آهيان.

موهن : نه بور ڪندي آهين.

(موهني بالڪنيءَ ڏي وڌي سوسائٽيءَ جي ٻاهرئين گيٽ ڏي نهاري ٿي.)

موهن : ڪونه آيو نه؟

www.sindhsalamat.com

موهني : نہ.
(موهن موهنيءَ ڏانهن ڏيان سان ڏسي ٿو.)
موهني : (موهن جي ويجهو اچي) چا ٿا ڏسو؟
موهن : ڪجهہ بہ ڇڪ، هن ساڙهيءَ ۾ تون سمارٽ ٿي لڳين.
موهني : نئين ساڙهي آهي ، انهيءَ ڪري... توهان کي لڳي ٿو... هونئن بہ سُندرتا ڏسڻ واري جي نظرن ۾ هوندي آهي.
موهن : هائو رومانٽڪ!
موهني : سوچيو هوم اڄ توهان چُٽي ورتي آهي تہ ڪاڏي گهمڻ هلوُن ها.
موهن : آءِ ايم ريڊي، هلون.
موهني : اڪيلا ڪيئن هلنداسين؟
موهن : اڪيلا ڇو، اسان ٻئي گڏ هلنداسين نہ.
موهني : موُلي جي بنا؟
موهن : هي پِگهوان... وري موُلو. هوُ ننڍڙو ٻار آهي چا جو اسان هن کي هنج ۾ ڪٽي گهمائيندا سين. اڙي هوُ ٻاهران آيو آهي، هُن کي شانتيءَ سان وڏو شهر گهمڻ ڏي ڪِن گهر ۾ بندڪري رکندينئس، گڊ فار نٿند. اسان جي بہ پرائيوسي ختم ڪري ڇڏي اٿائين. هاڻي هلون يا گهر ۾ ئي ڏُني جمائي وهڻو پوندو.
موهني : جيسين موُلو نہ ايندو مان گهر مان ٻاهر ڪونہ نڪرندس.
موهن : نيڪ آ، گهر ۾ ئي ٿا ٽائيم پاس ڪيون، اڇ هتي ويهہ.
موهني : (سوفا تي وهندي) ها، اِهو سهي آهي.
موهن : (ٿورو ترسي) ڪهاڻي ٻُڌايانءِ.
موهني : ڪهڙي؟
موهن : ٽرسٽي ڪرو واريِ. هِڪ ڪانوَ کي اُڄ لڳي تہ هوُ...
موهني : ڪجهہ ٻيِ.

books.sindhsalamat.com

موهن : ٻيو نہ تہ ٽائيم ڪيئن پاس ٿيندو. موُلي کي اڇڻ ۾ ٽائيم لڳي تہ...
موهني : مان بہ چا ڪيان. منهنجي دل ئي اَهڙي آهي، ننڍڙو ٻاءُ آهي. ممي تہ سڄو ڏينهن ڪم ۾ رُڌل هوندي هئي. مان ئي موُلي کي سنان ڪرائيندي هئس، روٽي ڪارائيندي هئس ۽ آڳر پکڙي هن کي اِسڪول بہ ڇڏي ايندي هئس.
(موهن زور زور سان ڪِلي ٿو.)
موهني : ڪلو ڇو ٿا؟
موهن : هڪڙي ڳالهہ ياد اچي ويئي.
موهني : ڪهڙي؟
موهن : اسان جي شاديءَ جي ڏينهن جي.
موهني : (شرمائيندي) توهان بہ نہ.
موهن : ايڏو ڇو ٿي شرمائين، مان رات جي نہ ڏينهن جي ڳالهہ ٿو ڪيان.
موهني : ڏينهن جو چا ٿيو؟
موهن : (ڪِلندي) جينٽري ديئر اسانجي ويڊي پئي هلي، اوتري ديئر موُلو تنهنجي هنج ۾ ئي وينو رهيو. سيني هن کي چاڪليٽ جي لالچ بہ ڏني، پر هوُ ڇو ٿو وڃي، وڏي مشڪل سان ست ڦيرا پوُرا ٿيا، مونکي تہ لڳو ست ڦيرا ٿيندا ئي ڪونہ ۽ مان سڄي عمر...
موهني : هن کان پوءِ هِڪ اکر بہ ڳالهايو اٿوَ تہ مان پيڪي...
موهن : مان بس ڪئي بابا.
موهني : توهان چُپ ئي پيا آهيو، وات کوليو ٿا تہ الائي چا چا ٿا ڳالهايو.
موهن : (شاعري ڪندي)
زندگيءَ ۾ نہ جاني ڪوُنسي بات آخري هوگي،

www.sindhsalamat.com

ملتي جُلتي رها ڪرو، نہ جاني ڪوڻسي رات آخري هوگي.

موهِني : واو...

موهن : توکي سمجهہ ۾ اچي ويئي.

موهِني : ڪوتا ٻُڌڻ لاءِ هوندي آهي، سمجهڻ لاءِ نہ.

موهن : منهنجي ٻالهين مان بور ٿي ويئي آهين.

موهِني : ها...

موهن : منهنجي ڪهاڻي ۽ نٽي وڌئي، شاعري ۽ نٽي وڌئي... تہ پوءِ ڇا ٻالهايون. تنهن کان تہ هل ڪنهن باغ ۾ هلي ٿا وهون، هلوُن.

موهِني : نہ...

موهن : باغ ۾ ڪنهن وڻ هيٺان، ٿڏي ڇانوَ ۾ هلي وهنداسين.

موهِني : هتي ۽ تہ سوفا تي وينا آهيون.

موهن : گهر گهر آ، باغ باغ آ. اُتي ٿڏي هير هلندي، وڻن جا پن هوا ۾ لڏندا، گُلن جي خوشبوءِ... ڪويل جون منڙيون لاتيون. اِئين لڳندو آهي جڏ سڄو باغ اسان سان ٻالهائي رهيو آهي...

موهِني : واو...

موهن : واو وا ڇا لڳائي ويني آهين تون ۽ ڪجهہ چئہ نہ.

موهِني : موُلو ڇو نہ آيو آهي؟

موهن : واهہ ٻالهايئہ ۽ تہ موُلي جي باري ۾. تنهنجون ٻالهيون ٻُڌي باغ جا گُل ۽ ڪومائجي ويا هوندا.

موهِني : توهان کي ئي مبارڪ هجن باغ جا گُل، ٻوُٽا ۽ پکي. توهان جون ڪهاڻيون ۽ توهان جون شاعريون. بئنڪ ۾ ڪم ڪندا آهيو يا دريءَ کان ٻاهر جا نظارا ڏسي شاعري ڪندا آهيو.

موهن : موُلو واپس ڪڏهن ويندو؟

books.sindhsalamat.com

موهِني : ڪڏهن ۽ ويجي توهان کي ڇا؟ پيٽ جي گهر رهيو پيو آهي ڪنهن ڏارئي گهر ۾ ڪونہ آهي. موُلو هتي هوندو آهي تہ ممي ۽ پاپا کي بلڪل چنتا نہ هوندي آهي. بابا تہ چوندا آهن موُلي کي پاڻ وٽ ئي رهائي ڇڏ.

موهن : هنن کي چئُہ توهان ۽ هِتي اچي رهو.

موهِني : سچي...

موهن : ها مون وٽ پئسن جو وڻ لڳل آهي نہ جو تنهنجي پيڪن کي پٽي ڏيندس، اُتي ئي سُنا آهن پاڇورا ۾.

موهِني : ڪل ٽڙي ويئي آهي توهان جي. سسُ سهرو ماءُ پيءُ وانگر ٿيندا اٿوَ ۽ سالو سالي پاءُ پيڻ وانگر.

موهن : سياڻي، رشتا ناهڻ کان اڳہ نپائڻ جو طريقو ۽ تہ اچڻ گهرجي نہ. تنهنجو پيءُ مونکي ٽڪي جي عزت ڪونہ ڏيندو آهي.

موهِني : سو وات، توهان تہ پنهنجو فرض پاليو نہ.
(موُلو ٻاهران اچي ٿو.)

موُلو : (اندر ايندي) مان اچي ويس.

موهن : تون نہ ۽ ٻُڌائين ها تہ اسين سمجهي وڃون ها.

موُلو : وات ئي هيٺ، ڪيڏي برسات آهي ٻاهر.

موهن : واهہ ڇا تہ انگريزي آهي، هيٺ معني برسات.

موُلو : مان ڪجهہ غلط تہ ڪونہ چيو نہ.

موهن : نہ پُٽ، تون ۽ غلط، ڪوڙو ئي نٿو لڳي. سچي خُدائي هڪ پاسي ۽ جوءِ جو ٻاءُ ٻئي پاسي.

موهِني : (موُلي کي) ڇڏ هنن کي، اِنترويوُ ڪيئن ويو؟

موُلو : فرسٽ ڪلاس.

موهن : سڀني سوالن جا جواب صحيح ڏنئہ ڪِن نہ.

موُلو : ها، بس پهريان چار ڇڏي.

موهن : پهريان چار؟

www.sindhsalamat.com

مؤلو : هنن چار سوال پُڇيا، مون چيو ”آءِ ڊونٽ نو.“

موهن : پوءِ...؟

مؤلو : پوءِ سڀ چُپ ٿي ويا.

موهن : پوءِ...؟

مؤلو : پوءِ ڇا... مون چيومان ”اينِي مور ڪشچن؟“

موهن : (ڪِلي ڪري) ۽ پوءِ هنن چيو ”نو مور ڪشچن.“

مؤلو : ها ۽ مان پاس ٿي ويس.

موهن : ڏنئہ پاڻين جا افعال. اِنترويوُ پئنل کان ہ سوال ٿو پُڇي.

موهِني : ڪوئي ڳالهہ ناهي، ہئي دفعي سُني تياري ڪري ويجھانءِ.

موهن : ايا اِنترويوُ ڏيندو يعني تہ وري ڏهہ ڏينهن هِتي ئي رهندو.

مؤلو : مان وڃان ئي ڇا لاءِ ٿو. پندرهن ڏينهن کان پوءِ هڪ ہيو اِنترويوُ آهي ئي، هِتي رهي ڪري اُنهيءَ جي تياري ڪندُس.

موهن : يعني تہ منهنجي ڇاتيءَ تي ويهي مُڱ ڏريندي.

مؤلو : هليو ويندس. پنهنجو ڪم پوُرو ٿيڻ کان پوءِ پڪ هليو ويندس. توهان وٽ ترسڻ ہ ڪير ٿو چاهي.

موهن : ڇا چيئُہ؟

موهِني : توهان ہ نہ، ويچارو ٽڪجي آيو آهي، وهڻ لاءِ نہ نٽا چئوس. بيني بيني ئي دڙڪا ٿا ڏيوس.

موهن : ويهُہ پُٽ ويهُہ تہ توکي دڙڪا ڏيان.

مؤلو : ڏسو جيڇاجي، هيءُ گهر اڌ توهان جو آهي تہ اڌ منهنجي پيڙ جو ہ آهي.

موهن : پُٽ قانون پڙهيو اٿئِي.

مؤلو : مان ڇو پڙهان، شهر ۾ هيڏا وڪيل جو وينا آهن، اُهي پڙهندا ۽ مونکي صلاح ڏيندا. مونکي وڪالت ڪرڻي

books.sindhsalamat.com

آهي ڇا جو مان قانون پڙهندس.

موهن : ڪن ڏيئي ٻُڌ، هيءُ گهر منهنجي نالي آهي ۽ هِن تي هائوُسنگ لون ہ مان پنهنجي نالي ئي ورتو آهي، اُن جي قسط ہ مان ئي پريندو آهيان، تنهنجي پيڙ نہ.

مؤلو : اِهو سڀُ تہ ٺيڪ آهي پر شاديءَ کانپوءِ ارڏانگِني ٽيڙ جي ناتي گهوٽ جي هر پراپرٽيءَ تي زال جو حق هوندو آهي. هوءَ چاهي تہ گهر جي اڌ حصي ۾ ڪنهن کي ہ رهائي سگهي ٿي.

موهن : پاچورا جي سيني سنڌين کي هتي وڻي اچي باقي اڌ حصي ۾ رهايو، مونکي چاهي.

موهِني : مؤلا اُتي ناشتو ٻاشتو تہ ڪونہ ڪيو هوندءِ نہ، ناشتو ناهي ٿي وڻان، کائي پوءِ چانهہ پيءُ.

موهن : واهہ، مان آفيس مان ڇُٽي وڻي صبح کان گهر ۾ وينو آهيان، مجالا جي مونکي پاڻيءَ ڏُڪ ہ پياريو هجائين، پاءُ جي گهر ۾ گهڙڻ شرط مؤلا ناشتو ڪيو اٿئِي، چانهہ پيئندين؟

موهِني : بند ڪيو اِهو جهڪِڙو (هٿ مٽي ڪري) هي جهوليلال سائين هاڻي تون ئي ٻُڌاءِ تہ مان ڇا ڪيان هِڪ پاسي گهوٽ آهي تہ ہئي پاسي پاءُ، هڪ جو بدر ڪٽندس تہ ہيو رُسي ويندو.

موهن : مان تہ جمي اچي قاڻو آهيان هِن گهر ۾.

موهِني : نهي ٿو زور زور سان رڙيون ڪري وڙهو ٿا.

مؤلو : وڙهوُن ڪاڻي ٿا ديدي، هيءُ تہ اسان ہنهي جو پيار آهي هِڪ ہئي لاءِ. ڇا ڪيان، تو شادي ئي اهڙي ڇوڪري سان ڪئي آهي.

موهن : ڇو، ڇا ٿيو آهي مونکي. مان آوارا آهيان، بدمعاش آهيان، ڪاڦو آهيان يا ڪوجهو آهيان.

www.sindhsalamat.com

موهني : (موُلي کي) تون ڇڏِ هِنن جي ڀالهين کي، هي وٺ رموٽ، آرام سان ويهي ٽي. وي. ڏِسُ ته مان تنهنجي لاءِ چانهه ناشتو ٺاهي ٽي اچان.

موُلو : (رموٽ وٺي سوفا تي وهندي) ٽئنڪ يوُ ديدي.

موهن : (موهِنيءَ کي) پر اسان ته باهر هلڻ وارا هئاسين نہ، ڇُٽي جو ورتي آهي.

موهني : هيڏي برسات ۾ باهر کيئن هلنداسين.

موهن : برابر، اڄ سمجهه ۾ آيو ته زال گهوٽ کي اِگنور ڪري سگهندي آهي پر پيڪن مائٽن کي نہ.

موهني : مان توهان کي اِگنور ٽي ڪيان.

موهن : نہ، بور ٽي ڪرين.

موهني : گهمڻ جو هروُپرو شونق اٽوَ ته پلي اڪيلا پارڪ مان گهمي اچو، مان موُلي سان گڏ ويهي ٽي. وي. ڏسندس. منهنجو به سُنو ٽائيم پاس ٽيندو ته موُلي جو به. (موهِني به سوفا تي وِهي ٽي. موهن غصي ۾ هيڏي هوڏي ڦيرا ٿو پائي.)

موهن : ٻئي پائر پينر هڪ جهڙا. توهان ٻنهي ملي ڪري ته منهنجو جيئڻ ئي مُحال ڪري ڇڏيو آهي.

موهني : او. ڪي.

موهن : واٽ او. ڪي. ڪجهه سمجهه ۾ اچئي ٿو... پاءُ جي چڪر ۾ گهوٽ جي ڪهڙي حالت بڻائي ڇڏي اٽئي. بئنڪ ۾ پلي مئنيجر آهيان، گهر ۾ چپراسين کان به بدتر حالت آهي منهنجي ۽ هي تنهنجو پاءُ چپراسيءَ جي لائق به ڪونہ آهي، انهيءَ کي گهر جو مالڪ بڻائي وينو آهين. (موُلي کي) اِئين ڀالهائبو آهي اِنترويوُ ۾. مان هيڏا اِنترويوُ ڪنڊڪٽ ڪيا آهن، گهٽ ۾ گهٽ مونکان ته صلاح وٺين ها. مان بمبئيءَ جهڙي شهر

books.sindhsalamat.com

۾ پليو ۽ وڏو ٿيو آهيان. مون ۾ ٽئڪٽڪس آهن، مئنرس آهن، اُنهن مان ڪنهن جو به قدر ڪونهي. (موهِنيءَ کي) بس پاءُ پاءُ لڳائي وينو آهين.

موُلو : اسان ننڍي شهر ۾ رهڻ وارا ماڻهو ڪونہ آهيون ڇا؟

موهن : ماڻهو ته آهيو پر ڳوناڻا آهيو.

موُلو : توهان جو ڪو نقصان ڪيو آهي؟

موهن : هيءُ نقصان ناهي ته ڇا آهي. مفت جون روٽيون پيو ٿو کائين... ڪجهه شرم به اچئي ٿو يا اُهو به وڪڻي کاڏو اٽئي.

موُلو : (غصي ۾) بس جيڄاجي بس، مونکي توهان جي گهر جو احسان نہ کپي، مجبوريءَ ۾ رهيو پيو آهيان جو پاپا ممي ۽ جو ضد آهي، مان ته پاڇورا ۾ ئي رهي ڪري ڪو ڏنڊو پئي ڪرڻ چاهيو... پر هنن ئي چيو ته پيٽ پيٽوئي جي گهر رهي پڙهائي ڪندين ته من کا سُني نوڪري لڳي ويندءِ، هتي ننڍڙي شهر ۾ ڪو ٻوٽو ٻرڻ وارو ڪونہ آهي.

موهني : (موُلي کي) پيٽوئي سان غصي ۾ ڇو ٿو ڀالهائين؟

موُلو : ساري ديدي مونکي لڳي ٿو ته هاڻي هتي نہ رهڻ گهرجي، مان ته پاپا کي اڳي ئي پئي چيو ته ممبئيءَ ۾ رهڻو ئي آهي ته پنهنجي دوست پوڄي وٺ رهي به پڙهائي ڪري سگهندو آهيان. اُهو به پاڇورا جو آهي ۽ هتي هِڪ روم ۾ دوستن سان گڏ رهندو آهي، اجايو توهان جي پرسنل لائيف کي ڇو ڊسٽرب ڪيان پر منهنجي ڪنهن ڪونہ ٻُڌي. چيائون ”پيٽ جي گهر جي هوندي تون ٻين وٺ رهندين ته تنهنجي پيٽ پيٽوئي کي سُنو لڳندو ڇا؟ اهي توتي ته نہ پر اسان تي ناراض ٿيندا.“ (موهن کي) جيڄاجي مان آوارا

www.sindhsalamat.com

ڪونہ آهيان، بيڪار ۽ ڪونہ آهيان، دِل سان پڙهائي ڪندو آهيان، بس توهان کڏهن مون ڏي ڏيان ئي ڪونہ ڏنو آهي.

موهن : هون، تڏهن تہ چار دفعا ”آءِ ڊونٽ نو“ چئي آئين.

مؤلو : ايترو ڏاهري ۽ ڪونہ آهيان، اِنٽرويوُ سُنو ڏِنو آهي. مان تہ توهان سان مستي پئي ڪئي. ديدي چوندي آهي تہ توهان غصو ڪندا آهيو تہ ڏاڍا سُهٽا لڳندا آهيو. مونکي پڪ آهي تہ هتي منهنجو سليڪشن ٿي ويندو، پر تڏهن ۽ مان ٻئي اِنٽرويوُ جي تياري ڪندو رهندس.

(موهِني ۽ کي) ديدي تو پُڇيو پئي نہ تہ دير سان ڇو آئين. هڪ انگريز چوڪريءَ جو پرس ڪوئي چورائي ويو انهيءَ ۾ ويچاريءَ جو پاسپورٽ، فارين ڪرنسي، ڪئميرا ۽ اي.ٽي.ايم. ڪارڊ سڀ هئا، هِتان جو ڪوبہ ماڻهو هِن جي مدد لاءِ ڪونہ وڌيو. هن مونکي پنهنجو درد ٻڌايو، مان ڦٽافٽ پوڄي کي فون ڪري گُهرايو، اسان ٻنهي ملي ڪري پوليس جي مدد سان چور کي پڪڑايوسين ۽ هِن جو پرس واپس ڏياريوسين، انهيءَ ڪري ئي اڇ ۾ دير ٿي ويئي. مان موبائيل ۽ سايعو ڪري بند ڪري ڇڏيو، مونکي خبر هئي ديدي هر ڪالهہ تي ٽينشن ڪندي آهي، مونکي گهڙي-گهڙيءَ فون ڪندي.

موهِني : مان ڇا ڪيان، منهنجو تہ سُڀاءُ ئي اهڙو آهي.

مؤلو : جيڇاجي مان هتي پنهنجي لاءِ نہ پر پنهنجي ممي پاپا جا ارمان پورا ڪرڻ آيو آهيان.

موهِني : ڏنوَ ، هيءُ اڻوَ منهنجو دفر، گڏهہ ۽ ڪوناڪو پاءُ. ممبئيءَ جي ڪنهن ۽ چوڪري انگريزياڻيءَ جي مدد ڪونہ ڪئي پاڇورا جي ٻن چوڪرن گڏجي... وقت تي ڪم

books.sindhsalamat.com

اڇ ڪوئي هنن ڪان سکي.

موهن : ساريِ يار مان توکي سُڇاڻڻ ۾ غلطي ڪئي.

مؤلو : مان اڇ ئي هِتان هليو ويندس. پوڇي جي روُم ۾ جڳهہ خالي آهي.

موهن : ساريِ تہ چيم نہ يار. ڇا ڪيان تنهنجي پيڙ تنهنجي لاءِ ايتري تہ Possesive آهي جو مونکي لڳندو آهي مونکي اِگنور ٿي ڪري.

موهِني : مان توهان اِگنور ڪندي آهيان.

موهن : نہ ٻور ڪندي آهين... (ڪِلي ٿو.)

موهِني : مان ۽ توهان کي ساريِ ٿي چوان، مونکي اڇ خبر پيئي تہ مؤلو وڏو ٿي ويو آهي. هوُ پلي ڪاڏي ۽ وڃي، ڪنهن سان ۽ گُهمي، مان هاڻي فون نہ ڪنديمانس.

مؤلو : ديدي مان پوڇي سان گڏ وڃي رهان، مان هن کي ها ڪئي آهي.

موهِني : تون مونکان بنا پُڇي ها ڪري آئين. (روئڻهارکي ٿي) پيڙ جو گهر ڇڏي ڏارين سان رهندين، ڇا ڪائيندي، کهڙا ڪپڑا پائيندين؟ مونکي تہ سوچي سوچي ٽينشن ٿي پوندو.

موهن : اڙي يار وري ٽينشن. ڏِسُ مؤلا تون هيِ گهر ڇڏي نہ وڃجانءِ نہ تہ مونکي ۽ ٽينشن ٿي پوندو. تون ڪينڊا ۽ اِنٽرويوُ ڏي، رهندين اسان جي گهر ئي. دِس اَز ماءِ آرڊر.

مؤلو : (سيريس ٿي) او. ڪي. باس.

موهِني : پوءِ باغ ۾ گُهمڻ هلون.

مؤلو : توهان ٻئي گُهمي اڇو.

موهِني : تنهنجو چانهہ ناشتو.

مؤلو : ٽينشن نہ ڪ ديدي، مان پوڇي سان گڏ ناشتو ڪيو

www.sindhsalamat.com

آهي. مان هِتي ويهي اِنترويوُ جي تياري ڪندس، سيني سوالن جا سُڻا جواب ڏيندس.

موهن : ڪنهن سوال جو جواب نه اچئي ته.

مؤلو : چوندومانَ ”اءِ ڊونٽ نو.“

(ٽيئي ڪلن ٿا.)

(سماپت)

books.sindhsalamat.com

۴. ”اڳيان وڏيلُ هٽ“

(هيءَ ايڪانڪي اجمير جي اديب ڊاڪٽر سريش ببلاڻيءَ جي لکيل کاڻي جي آڌار تي آهي.)

سين نمبر هِڪ

(پڙدو کُلڻ تي منچ تي ورهايل نظر اچي ٿو. هڪ پاسي هڪ اِسپتال جو نظارو آهي ته ٻئي پاسي جهمتمل جي گهر جو نظارو. روشني اِسپتال واري پاسي ٻري ٿي، جتي آپريشن ٿيٽر جي بتي چالو نظر اچي ٿي. ڊاڪٽر آپريشن ٿيٽر کان ٻاهر اچي ٿو. اُن جي پٺيان ٻه ٽي اٽينڈنٽس جهمتمل کي سٽريچر تي سُمهاري آپريشن ٿيٽر کان ٻاهر وٺي اچي پلنگ تي سُمهارين ٿا. جهمتمل جي هِڪ ٽنگ تي پٽو چڙهيل اٿس. ڊاڪٽر هن جو چيڪ اپ ڪري ٿو ۽ پوءِ گلوڪوز جي بانڊل جي اِسپيڊ گهٽائي ٿو.)

ڊاڪٽر : چڱو ٽيبو جو توهان جهمتمل کي وقت تي وٺي آيا. بيهوشيءَ جي حالت ۾ هن جي دماغ تي اثر پئجي سگهي هان.

ٽيئون : (ڊاڪٽر کي) هاڻي پائو خطري کان ٻاهر ته آهي نه؟

ڊاڪٽر : ها ها هاڻي هوُ بلڪل ٺيڪ آهي. ها باقي ٽنگ جو پلاستر لاهڻ ۾ ٻه مهنا کن ته لڳي ويندا. ٻنهي ٽنگن ۾ فرئڪچر اٿس. ساڄي ٽنگ جي وڏي هڏيءَ ۾ فرئڪچر هئو ته کاٻي ٽنگ جي گوڏي وٽ ڏک لڳل اٿس.

ٽيجي : هوش اچڻ ۾ گهڻو ٽائيم لڳندس؟

www.sindhsalamat.com

ڈاڪٽر : بس ٿوري دير ۾ هوش اچي ويندس. آپريشن کي ٽي ڪلاڪ ٽي ويا آهن. انيستيشيا جو اثر گهٽجڻ لڳو آهي.

ٽيئون : ڈاڪٽر صاحب، توهان جي ڏاڍي مهرباني آهي اسان تي.

ڈاڪٽر : انهيءَ ۾ مهرباني جي کڻڻي ڳالهه آهي. ڈاڪٽر جي ناتي اِهو ته اسان جو فرض آهي.

(جهمٽمل کي ٿورو ٿورو هوش اچي ٿو.)

جهمٽمل : مان ڪٽي آهيان؟

ڈاڪٽر : فڪر نه ڪيو توهان هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيو.

جهمٽمل : مان اِسپتال ۾ آهيان چا؟

تيجي : ها توهانجو آپريشن ٿيو آهي.

جهمٽمل : ٽيئون ڪٽي آهي؟

ٽيئون : (اڳتي وڌي) مان هتي آهيان پائوُ.

جهمٽمل : ٻيو ڪوئي آيو آهي؟

ٽيئون : بازار جا دڪاندار توهان سان گڏجڻ آيا آهن. ٻاهر بينا آهن.

جهمٽمل : هوُ ڪونه آيو آهي چا؟

تيجي : هوُ ڪير؟

جهمٽمل : واڈوُ.

تيجي : نه.

(جهمٽمل هڪدم شانت ٿو ٿيِ وڃي ۽ متي چت ڏي نهاري ٿو.)

ڈاڪٽر : سيٺ جهمٽمل، هاڻي توهان آرام ڪيو. (تيجيءَ کي) ڏسو پيشنٽ کي ٻه ٽي ڏينهن وڌيڪ ڳالهائڻ نه ڏجو ۽ نه ئي توهان هن سان وڌيڪ ڳالهائجوس. هن جي دماغ تي زور پئجي سگهي ٿو. ائڪسيڊنٽ جو

books.sindhsalamat.com

ڏڏڪو زور سان لڳو اٿس. سائڪلاجيڪل اثر پيو اٿس تڏهن وڌيڪ ٿو ڳالهائي.

تيجي : جيِ ڈاڪٽر صاحب.

ڈاڪٽر : سپاڻي توهان هن کي گهر وٺي وڃي سگهندا آهيو. (جهمٽمل کي) هڪ ڳالهه جو خيال رکجو. واڪر جو سهارو وٺي روز ٿورو ٿورو هلڻ شروع ڪيو. دماغ تي وڌيڪ زور نه ڏيو. هر پندرهين ڏينهن هتي چيڪ اپ لاءِ ضرور اچجو، ٺيڪ آهي؟ بيسٽ آف لڪ. گيٽ ويل سوُن.

تيجي : توهان جا لکَ ٿورا ڈاڪٽر صاحب.

جهمٽمل : مهرباني ڈاڪٽر صاحب.

ڈاڪٽر : اِئين نه چئو سائين مان توهان تي ڪو احسان ڪونه ڪيو آهي.

جهمٽمل : مان دڪان تي ته وڃي سگهان ٿو نه؟

ڈاڪٽر : دڪان تي وڃڻ جي تڪڙ چو ٿا ڪيو سائين.

جهمٽمل : تڏهن به اندازن؟

ڈاڪٽر : (ڪلي ڪري) ٻن مهنن کان پوءِ توهان باقاعدي گهمي ڦري سگهندا.

(ڈاڪٽر وڃي ٿو.)

جهمٽمل : (تيجيءَ کي) واڈوُ ڪونه آيو؟

تيجي : ڈاڪٽر چا چئي ويو. توهان کي وڌيڪ ڳالهائڻو ناهي.

(جهمٽمل کي چادر پائي سُمهاري ٽي.)

جهمٽمل : هوُ اچي ته مونکي ٻُڌائجو.

ٽيئون : ها پائوُ، ضرور ٻُڌائيندا سين. هاڻي توهين آرام ڪيو.

جهمٽمل : مان آرام ئي ته ڪري رهيو آهيان ٻيو چا ڪري رهيو آهيان

www.sindhsalamat.com

(وري چت ڏي نهاري ٿو.)

ٽيئون : (تيجيءَ کي) پاپي، توهان هتي وهو مان باهر پائوڻءَ جي دوستن کي پائوڻءَ جي طبيعت جو احوال ڏيئي اچان.

(تيجي پلنگ جي پاسي واري اِسٽول تي وهي ٿي. ٽيئون باهر وڃي ٿو.)

(سين سماپت)

سين نمبر ٻہ

(اِسٽيج جي ٻئي پاسي جهمٽمل جي گهر جو نظارو. ٻن مهنن کان پوءِ جو وقت جهمٽمل جو پلستر هاڻي لهي ويو آهي ۽ هوءَ واکر جي سهاي هلي رهيو آهي. هلي هلي واپس پلنگ تي اچي وهي ٿو. ميوزڪ چالو آهي. تيجي هن کي سهارو ڏئي سُمهاري ٿي.)

جهمٽمل : هاڻي آرام لڳي رهيو آهي تيجي.

تيجي : پگهوان جي ديا سان ڊاڪٽر سُنو ملي ويو نہ تہ تہ الائي کهڙو وئل ٿئي ها.

جهمٽمل : هن جو کو ماڻهو يا نياپو آيو هئو چا؟

تيجي : وري کنهن جو؟

جهمٽمل : واڏومل جو ٻيو کنهن جو.

تيجي : ڳالهہ کي سمجهو، هوءَ هاڻي وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي. توهان ڏسو نہ توهان هار ڪٽي هن سان گڏجڻ ويا. هن ڏسي ڪري ٻہ توهان کي ڪونہ سُڄاتئين. انهيءَ مان صاف آهي تہ هاڻي هوءَ توهان سان رشتو نٽو رکڻ چاهي. انهيءَ ڪري پُلجي وڃو هن کي.

جهمٽمل : پُلجي وڃان؟ ڪيئن پُلجي وڃان؟

تيجي : وقت موجب هلڻ سکو.

جهمٽمل : وقت موجب ئي تہ هلي رهيو آهيان.

books.sindhsalamat.com

تيجي : نٽا هلو تڏهن تہ چوانوَ ٿي.

جهمٽمل : چا وقت جي تقاضا ناهي تہ هوءَ مونسان ملڻ اچي.

تيجي : پر ٻہ ڇو؟ ڇو اچي توهان سان ملڻ. توهان اهڙو ڪيو چا آهي هن لاءِ.

جهمٽمل : (اُٺي وهندي) اڇ هوءَ جيستائين پهتو آهي نہ، منهنجي مدد ڪانسواءِ هن لاءِ اوستائين پهچڻ مشڪل ئي نہ پر ناممڪن هئو. تيجي، مونکي اڇ ٻہ ياد آهي... ها ڇڻيءَ طرح ياد آهي اُهو ڏينهن جنهن ڏينهن هوءَ منهنجي دڪان اڳيان پڙِي ڪڍي وينو هئو. مان صبح دڪان کولڻ ويس تہ ڏسان هڪ نوجوان.....!

(ميوزڪ وڃي ٿي. سين سماپت)

سين نمبر ٽي

(لائيٽ هاڻي اِسٽيج جي ٻئي پاسي جتي اِسپتال هتائي بازار ناهي وئي آهي. جهمٽمل جي دڪان جو نظارو. دڪان بند آهي. دڪان جي ٻاهران هڪ غريب نوجوان واڏوُ پڙِي ڪڍي وينو آهي.)

جهمٽمل : ڪير آهين ڙي؟ پري ڪر پنهنجو سامان مونکي منهنجو دڪان کولڻو آهي.

واڏوُ : سائين توهان پلي دڪان کوليو، مان پنهنجو سامان پاسيرو ڪري ٿو وڃان.

جهمٽمل : پاسيرو ڪري ٿو وڃان معنيٰ؟ تون پنهنجي پڙِي هتان کڻي وڃي کنهن ٻئي هنڌ لڳاءِ.

واڏوُ : اِئين نہ ڪيو سائين (ٻئي هٿ جوڙي) منهنجا ٻچڙا الاهي ننڍا آهن. مان اوهان جي ڏنڊي ۾ ڪاٻہ رنڊڪ ڪونہ وجهندس، اوهان جي صدقي مان ٻہ ٻيو ٻہ پئسا ڪمائيندس.

www.sindhsalamat.com

جهمتمل : اِئين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ منهنجي گراهڪن جي اڇ وڇ ڪٽان ٿيندي؟

واڌوُ : سائين، پنهنجي سنڊي پاءُ جي مدد ڪيو. مان ڏاڍو غريب آهيان، مسڪين آهيان، پيٽ پالڻ لاءِ آتو آهيان.

جهمتمل : ٺيڪ آهي، تون سامان پاسيرو ڪر.

واڌوُ : مهرباني سائين. توهان جو هيءُ احساس مان زندگيءَ پر ڪونہ وساريندس.

(سامان پاسيرو ڪري ٿو. ميوزڪ وڄي ٿو. سين سماپت)

سين نمبر چار

(لائيٽ وري جهمتمل جي گهر واري پاسي ڏي ٻري ٿي.)

جهمتمل : مونکي چيائين ''توهان جو هيءُ احسان مان زندگيءَ پر ڪونہ وساريندس.'' وڏو ماڻهو ٿيندي ئي...

تيجي : پُراڻيون پوٽيون واڇڻ مان ڪهڙو فائدو ٿو ملیوَ.

جهمتمل : احسان فراموش، وڏو ٿيڻ جو ايترو بانوَر.

تيجي : اڇ ڪهڙي ياڇي ٺاهيان؟

جهمتمل : جڏهن بہ هن کي پئسن جي مدد ڪپندي هئي، هٿ جوڑي دڪان جي آڏو اڇي ٻِهندو هئو. مان هن جي رئڪارڊ شڪل ڪونہ ڏسي سگهندو هوس. ٽوپا ڏنل ڪپڑا، پيرن ۾ هوائي چمپل، گهٽئي دفعا تہ مان هن کي اوڏر ڏني هئي ۽ چيومانس تہ بابا کا سُڻي ڊريس سُڀاءِ ۽ نئون بوٽ وٺي پاءِ.

تيجي : ٻُڌايوَ ڪونہ تہ ڪهڙي ياڇي ٺاهيان؟

جهمتمل : هوُ ڏاڍو هوشيار هئو، سِڪ اهڙي ڏيندو هئو جو چئي ڪٽي بس ڪر. اصل پراون پنهنجو. ماڻهن تي الائي ڪهڙو جادو ڪري ڇڏيندو هئو جو چقمق وانگر هن

ڏي چڪجي ايندا هئا. جيڪي گراڪهہ ٻين دڪاندارن وٽان موٽي ايندا هئا، هيءُ اُنهن کي بہ مال وڪٽي ڇڏيندو هئو.

(سين سماپت)

سين نمبر پنج

(هاڻي لائيٽ جهمتمل جي دڪان تي. هوُ پنهنجي دڪان ۾ ڪائونٽر تي ويٺو آهي، هڪ مَنيلينڊر ٻاهر واڌوءَ سان ڳالهائي رهيو آهي.)

مَنيلينڊر : واڌوُ، تو ٽن مهنن لاءِ هُنڊِي صحي ڪئي هئي، تو واعدو ڪيو هئو تہ ڊيوُ ڊيٽ تي پوري رقم واپس ڪندُس. هُنڊِي رنيوُ ڪرڻ جي تہ ڳالهہ ئي ڪونہ نڪتي هئي. مونکي منهنجا پئسا واپس ڪپن بس.

واڌوُ : اِئين تہ نہ ڪيو نہ سائين.

مَنيلينڊر : ڏِسُ يار، تون آهين نئون دڪاندار. مان توکي هُنڊِي ڪونہ ڦيرائي ڏيندس.

واڌوُ : دادا، مونکي ڪوبہ اوڏر تي مال نٿو ڏئي. سيٺ جهمتمل منهنجي لاءِ پگهوان بڻجي آيو ۽ مونکي پنهنجي دڪان جي ٻاهران هيءَ جڳهہ وهڻ لاءِ ڏنائين.

مَنيلينڊر :(جهمتمل کي) سيٺ جهمتمل هاڻي توهان ئي ٻُڌايو، ڪڏهن نئين دڪاندار کي هُنڊِي رنيوُ ڪري ڏٻي آهي ڇا؟ منهنجا پنهنجا پئسا ڪونہ آهن بابا. بزار جي دڪاندارن جا پئسا ٿو هلايان. انهن جي پئسن جي حفاظت ڪرڻ منهنجي ذميواري آهي ڪِن نہ؟

واڌوُ : بس ٿورو وقت ترسو، مان ٿورو ٿورو ڪمائي اوهان جا سڀ پئسا واپس ڪندُس. وياج بہ پورو پري ڏينڈُس، جيسين مارڪيٽ ۾ ريپوٽيشن نٿي تيسين

توهان جو ئي آسرو آهي. (جهمتمل کي) دادا توهان تہ ڇاڪو ٿا مان ڪيڏي محنت ڪري ڏنڏو ڪندو آهيان. پئسا نہ مليا تہ مال ڪونہ ملندو، مال نہ مليو تہ سڄي محنت پاڻيءَ ۾ هلي ويندي.

مَنيلينڊر : (جهمتمل کي) نہ پائي جهمتمل، مان پنهنجا پئسا ڪونہ ٿو هلايان، ماڻهو پُڇندا اسان جا پئسا ڪنهن کي ٿو ڏين تہ مان ڇا جواب ڏيندس؟

جهمتمل : (مِنيلينڊر کي) ڏس يار، توکي تہ خبر ئي آهي تہ نئين دڪاندار کي پير جمائڻ ۾ ڪيڏو وقت لڳندو آهي. اسان ئي هن کي مدد نہ ڪنداسين تہ ڪير ڪندو پلا؟

مَنيلينڊر : سچ پُڌايائين جهمتمل، ہن ٽن ڇٽن مونکي ڇيو آهي تہ نئين دڪاندار کي اسان جا پئسا نہ هلاءِ، مان پنهنجي رسڪ ڪٽي پيو ٿو ڪم ڪيان.

واڈوُ : (جهمتمل کي) سيٺ جهمتمل اوهان ئي ڪٽي منهنجي مدد ڪيو.

جهمتمل : پر واڈوُ؟

واڈوُ : مان اوهان جي پائي پائي چُڪائيندس. اوهان پهريون ہ منهنجِي مدد ڪئي آهي، هاڻي ہ مونتي احسان ڪيو.

جهمتمل : احسان جي ڳالهہ ناهي من (مَنيلينڊر کي) هل مان ئي هن جي اوڏر چُڪايان ٿو. ضرورت وقت اِنسان ئي اِنسان جي ڪم ايندو آهي.

مَنيلينڊر : پلي جيئن اوهان جي مرضي. اوهان جي چوڻ تي ئي تہ مان هن کي اوڏر ڏني هئي.

(جهمتمل پئسا ڳڻي مَنيلينڊر کي ڏئي ٿو. واڈوُمل جهمتمل کي هٿ جوڙي ٿو.)

(سين سمايت)

books.sindhsalamat.com

سين نمبر ڇهہ

(هاڻي لائيٽ جهمتمل جي گهر جي پاسي.)

جهمتمل : هاڻي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هوُ هيءُ سڀ مطلب لاءِ ڪندو هئو. مون هن جي سڄي مارڪيٽ ۾ سُڃاڻپ ڪرائي. ائسوسئيشن جي چونڊن مهل مون ئي هن جو نالو پريزيڊنٽ لاءِ پرپوز ڪيو هئو ۽ هڪ هڪ دڪان تي هن سان گڏ وڃي ڪري هن جو پرچار ڪيم. هاڻي جڏهن هوُ وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي تہ...

(ٽيئونمل اچي ٿو.)

ٽيئون : ڪنهن جون ڳالهيون پيا ڪريو پائوُ؟

تيجي : واڈوُمل جون ڳالهيون ئي ڪندا، ٻيو ڪنهن جون ڪندا. هن کي اصل وسارين ئي ڪونہ ٿا.

جهمتمل : ٽيئون تون ئي پُڌاءِ اِها ڳالهہ ڪيئن وساريان تہ هن جي ڏيءُ جي مائٽي نہ پئي ٿئي، ماڻهو چوندا هئا چوڪريءَ جو پيءُ تہ پڙِي ڪيندو آهي. ماڻهن کي چئہ چوا ڪري گول بزار ۾ دڪان ونڻي ڏنومانس. منهنجي سفارش سان ئي دڪان مليس ٽيئون، هاڻي جڏهن وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي تہ...

ٽيئون : پائوُ توهان ئي تہ چوندا آهيو نہ تہ اِنسان ئي اِنسان جي ڪم ايندو آهي. پوءِ توهان جي هن جو ڪم ڪيو تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي ويئي.

جهمتمل : واهہ، ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي ويئي؟ هن سان منهنجو رشتو ئي ڪهڙو هئو. نہ هوُ منهنجو سالو لڳي نہ پيٽوِيو، تڏهن ہ تہ مان هن جي مدد ڪيم نہ. ڪهڙي رشتي سان؟

ٽيئون : اِنسانيت جي رشتي سان؟

جهمتمل : منهنجو اِنسانيت جو رشتو آهي ۽ هن جو؟

www.sindhsalamat.com

ٽيجي : چوندا آهن، نيڪي ڪر درياهه ۾ وڃه توهان نيڪي ڪري وساري ڪين سگهيا آهيو، انهيءَ ڪري اوهان کي وڏيڪ ڏکه ٿو ٿئي.

ٽيئون : ها پائوُ، ڪنهن سان پلائي ڪري وساري ڇڏجي. ڏسو ته ڪيڏو نه آنند ٿو اچي.

جهمٽمل : چوڻ سولو آهي ٽيئون، پر وسارڻ ڏاڍو ڏُکيو.

ٽيئون : توهان ڪري ته ڏسو.

جهمٽمل : ڪري ڏسان؟ ڇا ڪري ڏسان؟

ٽيجي : توهان هن مان اُميدون رکيون اِها توهان جي غلطي هئي. (ٽيئونءَ کي) پائوُ، توهان هنن سان ڀَالهايو مان توهان جي لاءِ ڇانهه ناهي اچان.

ٽيئون : ها پايي توهان اچو مان پائوءَ سان ڀَالهيون ٻولهيون ڪيان ٿو.

جهمٽمل : زمانو ڏاڍو خراب ٽي پيو آهي ٽيئون.

ٽيئون : پائوُ ڇڏيو پُراڻين ڀَالهين کي، اِئين ڀَٽڪيون ڪندا رهندا ته نيڪ ڪيئن ٽيندا؟

جهمٽمل : انڌو ٽي ويو آهي، اکيون ئي بند ڪري رکيون اٽائين.

ٽيئون : هن اکيون بند ڪيون آهن نه، توهان ته اکيون کوليو نه پائوُ.

جهمٽمل : نه ٽيئون نه، مان هن جي هلت کي نٽو وساري سگهان.

ٽيئون : (جهمٽمل کي اُٺاري ڪري ٽيڪ ڏئي وهاريس ٿو.) آرام ڪيو پائوُ.

(ٽيجي ڇانهه ڪٽي اچي ٽي. ٽيئون ڇانهه پيئي ٿو.)

ٽيجي : هاڻي ڇڏو آرام ٿو لڳين. ڪالهه جيڪا ايڪسري ڪرايائون ته، اُنهيءَ جي رپورٽ به نارمل آئي آهي.

جهمٽمل : (اُٺي ڪري) سوچيان ٿو هاڻي دڪان تي وڃڻ شروع

ڪيان.

ٽيجي : هفتو ڪن ترسو، پوءِ پائوُءَ کي چوندس ته ٿورا ڏينهن توهان سان گڏ ئي هلي وهي، ڪيئن پائوُ؟

ٽيئون : ها ها چو نه. هونئن به رٽائرمينٽ کان پوءِ گهر ويني-ويني بور ٽيندو آهيان، منهنجي به وندر ٽي پوندي ۽ پائوُءَ کي ڪمپني ملي ويندي.

جهمٽمل : نه پائي، نيٽ ته اڪيلي هلڻ جي عادت وجهڻي پوندي نه، ڪِن سڄي عمر ٻين جي سهاري.

ٽيجي : ٿورن ڏينهن جي ته ڀَالهه آهي. جڏهن پوريءَ طرح نيڪ لڳيوَ ته پلي اڪيلا وڃجو.

ٽيئون : پائوُ، پايي سچ ته چوي ٽي.

جهمٽمل : پلا جيئن توهان جي مرضي.

(جهمٽمل وري پنهنجن خيال ۾ گم ٿو ٽي وڃي.)

(ميوزڪ وڄي ٿو - سين چينج)

(Flash Back)

سين نمبر ست

(هاڻي روشني بازار جي پاسي، جهمٽمل پنهنجي دڪان تي واڌوُمل سان گڏ وينو آهي.)

جهمٽمل : ڏس پائي، مان تنهنجو نالو پريزيڊنٽ جي پوسٽ لاءِ پرپوز ڪري چُڪو آهيان. دڪاندارن کي به تنهنجي نالي تي ڪو اعتراض ڪونه آهي. سڀني جو اِهو ئي چوڻ آهي ته واڌوُمل ملنسار ماڻهو آهي، هوُ ڀَالهائڻ ۾ به هوشيار آهي.

واڌوُ : پر مونکي هن مارڪيٽ ۾ آئي ٿورو ئي وقت ٽيو آهي.

جهمٽمل : اِهو ئي ته، ٿوري وقت ۾ ئي تو ڪيڏا سُنا رشتا بڻائي ڇڏيا اٽئي. ڪو وقت هوندو هئو جو ماڻهو

توکي اوڏر ڏيڻ ۾ ٻه پيا کيبائيندا هئا ۽ هاڻي مال کڻي تنهنجي پُنيان پُنيان پيا گُهمندا آهن. مان ته روز اِهو نظارو ڏسان پيو ٿو نہ.

واڌوُ : تڏهن ٻه ايڏي وڏي ذميواري...

جهمڻمل : کهڙي وڏي ذميواري آهي يار. رڳو دڪاندارن جو ايڪو قائم رکڻو آهي، اُنهن تي ڪا مصيبت اچي يا اُنهن جو ڪو مسئلو هجي ته اختياريءَ وارن سان ڳالهائي ڪري حل ڪرڻو آهي، اِنهن ڳالهين ۾ ته تون هوشيار آهين. مونکي وشواس آهي ته توکي ڪابہ تڪليف ڪونہ ٿيندي. تون اِهو ڪم آرام سان ڪري ويندين. ماڻهو زبان تي لڪ ڪمائيندا آهن ته لڪ وڃائيندا ٻه آهن، توکي پڳوان ڪمائڻ جي ذات ڏني آهي.

واڌوُ : الائي ڇو مونکي ڊپ ٿو لڳي.

جهمڻمل : ڏس يار مان ها ڪري چُڪو آهيان. هاڻي منهنجو مانُ رکڻ نہ رکڻ تنهنجي مٿان آهي.

واڌوُ : اوهان زبان ڏني آهي ته پوءِ مان ڪيئن نہ ڪندس پلا.

(سين سماپت)

(Flash Back)

سين نمبر اٺ

(هاڻي لائيٽ جهمڻمل واري پاسي جهمڻمل پلنگ تي ليٽئي ليٽئي ٽيئونءَ سان ڳالهائي رهيو آهي.)

جهمڻمل : جڏهن موهنيءَ جي شاديءَ پيري پنهنجا ڏنل پئسا وٺڻ ويومانس ته بيعزتو ڪري گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي نہ، انهيءَ ڪري...

ٽيئون : توهان هن مان ڪجهہ وڌيڪ ئي اُميد رکي وينا آهيو پائوُ.

books.sindhsalamat.com

جهمڻمل : ها مون اُميد رکي آهي. هاڻي ٻه اُميد ڪئي هئي ته ڪيس هار پائيندس ته هوُ مونکي ٻاکر ۾ ڀري ڇڏيندو... پر (روئندي) مون ڏي اڪ ڪڍي ٻه ڪونہ نهاريائين، ٽيئون ڪُرسيءَ جو ايڏو بانوَر.

(سين سماپت)

(Flash Back)

سين نمبر نو

(بازار جو نظارو. واڌوُمل ايم.ايل. اي. جي اليڪشن ۾ ڪٽي آيو آهي. اِستيج جي اندرئين پاسي کان هن جي جيت جا نعرا ''واڌوُمل زندهباد''، ''واڌوُمل زندهباد'' ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا. اِستيج تي جهمڻمل ڪجهہ ماڻهن سان گڏ بينو آهي ۽ واڌوُمل جو ڏيان پنهنجي پاسي ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.)

جهمڻمل : (ونگر جي ويجهو ويجي) واڌوُ هيڏي... هيڏي نهار، مان جهمڻمل آهيان. سُڃاتئہ نہ، جنهن جي دڪان اڳيان پڙِي ڪڍي وهندو هئين.

(ماڻهن جي رش وڌندي ٿي ويجي. ماڻهو جهمڻمل کي ڏکو ڏيئي اڳتي وڌن ٿا.)

اڙي يار واڌوُ مان اِهو ئي جهمٽ آهيان جنهن توکي مال خريد ڪرڻ لاءِ اوڏر ڏني هئي. تنهنجي ڏيءُ جي شاديءَ ۾ پيري مدد ڪئي هئي. (ماڻهن کي) اَڙي ڇا ٿا ڪيو پائي؟ هيءُ منهنجو پُراڻو يار آهي.

هڪ ماڻهو : هيءُ نہ چئہ سيٺ واڌوُمل چئہ، سيٺ واڌوُمل. اسان جو ليڊر آهي، زندهباد زندهباد.

سڀ ڇٽا : سيٺ واڌوُمل زندهباد.

جهمڻمل : حد آهي، ڏسي ڪري ٻه منهن قبرائي ڇڏيائين. واڌوُ مان توکي شاپ ڪيپر ائسوسئيشن جو پريزيڊنٽ نهرايو هئو. واڌوُ... مان (ماڻهن کي) ترسو

www.sindhsalamat.com

پائي مونکي ٻڌائڻ تہ ڏيو مان ڪير آهيان؟ هوُ اڄ جتي آهي... ڏِکا ڇو ٿا ڏيو. اَڙي اَڙي، ڪري پيس ڙي. (هيٺ ٿو ڪري پئي) منهنجا يار واڈوُ تنهنجي لاءِ مان هيءُ هار آندو آهي. هڪ دفعو نهارين تہ هان. (ماڻهو هن کي وري ڏکو ٿا ڏين. هوُ هڪ پٿر تان هيٺ ڪِري ٿو پوي.)

اڙي مري ويس. دغاباز، نالائق، واڈوُ مونکي تومان اِها اُميد ڪونہ هئي. تو مونکي سُڃاڻي ڪري بہ ڪونہ سُڃاتو. تون مطلبي آهين واڈوُ تون... تون...

(ميوزڪ لائوڈ ٿي ٿئي. سين سماپت)

(Flash Back Ends)

سين نمبر ڏهہ

(ٽيئون ۽ جهمت دڪان تي اچن ٿا. جهمتمل جي دڪان ٻاهران هڪ جوان چوڪرو راندينکن جي پڙِي ڪڍي وينو آهي.)

چوڪرو : اچو اچو، ٻارن جا راندينکا وٺو. جوڪر، هوائي جهاز، لوُڊو، سانپ سيڙي.

(ٻئي ڇٽا اچرج ۾ چوڪري ڏي نهارن ٿا.)

ٽيئون : ڪير آهين تون؟ هتي پڙِي ڇو ڪڍِي اَڻئي؟

جوان چوڪرو : پهريون پيرو ٿورو ئي ڪڍي آهي. مان بہ بن مهنن کان هتي، هن دڪان جي ٻاهر ئي وهندو آهيان. ٻُڌو آهي تہ هن دڪان جي مالڪ جو ائڪسيڊنٽ ٿيو آهي. انهيءَ ڪري بہ ٽي مهنا دڪان بند رهندو.

جهمتمل : مان ئي هِن دڪان جو مالڪ آهيان.

ٽيئون : اي جلدي ڪر، هي سامان ڪٽي هِتان هلندو ٽيءُ. اسان کي دڪان کولڻو آهي.

جوان چوڪرو : ٻائوُ، منهنجا ٻچڙا ننڍڙا آهن. ڏنڈو بند ٽي ويو

books.sindhsalamat.com

تہ ٻار ٻُک مرندا. مان اوهان جي ڏنڈي ۾ ڪابہ رندڪ ڪونہ وجهندس. مونکي بہ هتي ڏنڈو ڪرڻ ڏيو.

ٽيئون : نہ پائي نہ، تون پنهنجو ڪو ٻيو بندوبست ڪر.

جوان چوڪرو : ٻڇوان جي واسطي مونکي بہ روزي-روٽي ڪمائڻ جو موقعو ڏيو. مان توهان جو سنڈي ٻاءُ آهيان. جيڪڏهن اوهان چوندا تہ مان توهان کي ڪجهہ ڪميشن.

جهمتمل : واهہ پائي واهہ، سنڈي ٻاءُ ٿو چئين ۽ ڪميشن جون ڳالهيون ٿو ڪرين. تون اِتي ئي مال وِڪڻُ. (هن کي گلي لڳائيندي ٽيئونءَ سان ڳالهائي ٿو.) ٽيئون، ضرورت وقت اِنسان ئي اِنسان جي ڪم ايندو آهي. وري هي تہ پنهنجو سنڈي ٻاءُ آهي.

(سماپت)

www.sindhsalamat.com

۵. ”کُنتيِ“
(هڪ پاتري پريوگ)

(پردو کُلڻ تي منچ جي وچ تي اِسپاٽ لائيٽ ۾ مهاڀارت جي پاتر کُنتيِ نظر اچي ٿي. هوءَ ونگر کان ٻاهر نهاري ٻَالهائي ٿي. هن جي خيالن ۾ ڪرشن اِستيج تي ايندو نظر اچي ٿو. اِسپاٽ لائيٽ ڏيري-ڏيري جنرل لائيٽ ۾ بدلجي رهي آهي. خوشيءَ جي ميوزڪ.)

کُنتيِ: اچي وئين ڪِشن. ڪيڏو ٻُڌو ٿي ويو آهين ڙي. ڏِسُ نہ تنهنجي وارن ۾ تہ اڇو رنگُ ب نظر اچڻ لڳو آهي. ڪِشن، هِن لڙائيءَ ۾ اسان کيترو ڪجهہ وڃائي ڇڏيوسين ارڙهن ڏينهن ۾ ڪيڏو نہ عجيب منظر هئو، پهريون گوڙ گمبوڙ ۽ آخر ۾ سناٽو.

ها، هِڪ ٻَالهہ سُڻي ٿي جو پنج ئي پانڊوَ بچي ويا.

لڙائي ختم ٿيندي ئي تنهنجي من ۾ بانسُريءَ جي ڌُن سواء ٿي وئي. روز روز جي مارڪُٽ ڏسي ڪري ب تنهنجو من ڪونہ پگهليو. ڪوُٽ نيتيءَ ۾ هوشيار شڪُنيءَ جون سڀ چالوُن تنهنجي چالاڪيءَ سان ردِ ٿيندیون ويون. مان ڄاڻان ٿي ڪِشن تہ تون سُکہ ۽ دُکہ جي ڇار ۾ ڪڪڙيل ناهين. تون مايا موهہ کان چُٽل آهين. مان تنهنجو نديڀڻ ڏٺو آهي. توکي پنهنجي هنج ۾ ڪيڏايو آهي. جڏهن لوڪ جي مريادا ۽ لوڪ جو ڪلياڻ داوَ تي لڳي ويندو آهي تہ تون وچلِت ٿي ويندو آهين ۽ اُن وقت تون ڏرم جو ئي ساٿ ڏيندو آهين.

books.sindhsalamat.com

ڪِشن، تون مونکي چوندو آهين نہ تہ مان پنهنجي جيون ۾ گهٽئي ڪجهہ سَنو آهي. ڏِنو وڃي تہ هر اِستريءَ جي جيون ۾ ڏک ئي ڏک آهن. ڏک پوڳڙ کان سواءِ اِستريءَ ڪيو ئي ڇا آهي؟ زالن کي مانَ-سمانَ ڏيڻ وارا مرد بچيا ئي ڪٽي آهِن. پانوُمتي، امبا، امبالِڪا، گانڌاريِ، سُيدرا ۽ تنهنجي ماتا يشودا اِنهن سيني ب تہ ڏک ئي ڏک پوڳيا آهِن نہ. زالن کي پنهنجو ڏک پُلائي ڪري ٻين کي سُک ڏيڻو پوندو آهي. مون جهڙي سچار ماڻُ تي قدرت ڪيڏو قهر ڪيو. هڪ پراڪرمي راجا پانڊوءَ جي ڏرمپتني ڪُنتيِ. ڪيڏا طوفاني موڙ آيا منهنجي زندگيءَ ۾.

اڄ پلي مان هِن شاهي راجمحل جي ڪڏ تي بيني آهيان، منهنجو جيون شان-و-شوڪت سان پريل آهي. سڄي هستناپور مونکي راجماتا چئي ڪري منهنجي اڳيان سيسُ نوائيندي آهي.

يُڌشٽر، پيءُ ۽ ارجن جهڙن پُٽڙن جي هوندي ب مان دُکي آهيان. زندگيءَ جي هِن دِڳهي سفر ۾ مان ڪُنتيءَ جي روپ ۾ گهٽا ڏينهن گذاريا آهن؟ ٻُڌاءِ ڪِشن شايد هڪ ب نہ.

هِن راجمحل ۾ ببهي ڪري ڳنگا نديءَ جي ڌار کي ڏِسندي آهيان تہ مونکي ازخود مڙا جي ياد ايندي آهي. مڙا جي راجمحل ۾ سُهڻي باغ ۾ رنگہ برنگي تتلين جي ڦُنيان ڏوڙندي پرڻا... ها پنهنجي پٽا جي لاڏلي ڏيءُ پرڻا. جمندي ۽ منهنجي پريل ڪايا کي ڏسي بابا منهنجو نالو پرڻا رکيو هئو. مڙا جي راجا شوُرسين جي ممتا جي ڇانوَ ۾ ڏک ۽ تڪليفون تہ منهنجي ويجهو ب ڪونہ ايندا هئا.

www.sindhsalamat.com

پر پوڇپوُر جي راجا ڪُنتيپوچ کي ڏنل وچن پاڙڻ لاءِ بابا مونکي پوڇپوُر ڇڏي آيو ۽ مان راجا پوچ جي مانس پُتري راجڪماري ڪُنتي چوارائڻ لڳس. وقت اڳتي وڌندو رهيو. هِڪ ڏينهن اُهو به آيو جڏهن مهرشي درواسا محل ۾ آيو. ڏاڙهيل، ٻُڍو ۽ غصيباز. غصو ته چوويهه ئي ڪلاڪ هِن جي نڪ تي چڙهيل هوندو هئو. ڪيڏو هنيلو هئو هِن جو سُڀاءُ. اصُل ننڍن ٻارن وانگر.

هِن بابا سان ضِد ڪيو ته راجمحل جي سامهون هِڪ پرڪٽي نهرائي وڃي جِتي هوُ آرام سان مهايگيه ڪري سگهي. بابا هِن جي اڳيان چوُن به نه ڪري سگهيا، مونکي آگيا ڏنائون ته درواسا رشيءَ جي يگيه جي تياري ڪريان، جيسين هوُ هِن محل ۾ آهي هن جي سيوا ڪريان، هِن جي هر ڀالهه جو خيال رکان.

ڪِشن، توکي خبر اٿئي اُهو مهايگيه ڇا جي لاءِ هئو؟ جن پنجن تتوَن مان هِن سرشٽيءَ جي رچنا ٿي آهي اُنهن پنجن ئي تتوَن کي درواسا رشيءَ پنهنجي وس ۾ ڪرڻ ٿي چاهيو.

رشيءَ جي آگيا ٿي ۽ بابا ڪم تي لڳي ويا. مونکي به بابا جي خوشيءَ لاءِ نه چاهيندي به سپ ڪرڻو پيو. مان درواسا رشيءَ جي دِل سان شيوا ڪئي، هُن جي هر آگيا مڃي، هن جو هر نخرو سَنو.

مهايگيه پورو ٿيڻ کان پوءِ هِڪڙي ڏينهن منهنجي شيوا تي خوش ٿي درواسا رشيءَ مونکي چيائون، ”ڪُنتيِ، تنهنجو سُڀاءُ ڪيڏو نه سُنو آهي. منهنجي شيوا ڪرڻ جو ڦل توکي ملندو، مان توکي جيڪي منتر ياد ڪرايان ٿو سو ڇڪيءَ طرح دِل ۾ هنڌائجانءِ، مان توکي وردان ٿو ڏيان ته جنهن به شڪتيءَ کي ياد ڪري تون هيِ

منتر چوندينءَ اُها شڪتي مانوَروپ ڌارڻ ڪري تنهنجي ڪِک مان جنم وٺندي. هيءُ سڄو سنسار توکي ويرن جي جنني ڪري پُڪاريندو.“

ايترو چئي درواسا رشي ته هليو ويو پر هِن جا چيل لفظ منهنجي ڪنن ۾ گونجڻندا رهيا. مونکي ڇڏي ڪنهن کي به اَها خبر ڪونه هئي ته مونکي ڪو ايڏو وڏو وردان ڏئي ويو آهي.

(سيريس ميوزڪ. هاڻي ڪُنتيِ اِسپات لائيٽ ۾ ڈيڪاري وڃيٽي. مود جي حساب سان اِسپات لائيٽ جا الڳ الڳ رنگ بدلجن ٿا. ڪڏهن سائو، ڪڏهن ڳاڙهو ته ڪڏهن نيرو.)

اِنهيءَ ڀالهه جي ته مونکي بلڪل به ڄاڻ ڪونه هئي ته اِهو وردان منهنجي جيون ۾ ڪهڙو قهر برپا ڪندو. هِڪ ڏينهن منهنجا ياد ڪيل منتر ازخود منهنجي من مان نڪري منهنجي زُبان تي ويا. منهنجي شرير ۾ هڪ عجيب هلچل ٿيڻ لڳي مونکي ڊپُ اچي لڳو ته ڪجهه ٿيِ نه پوي. مان دنيا جي سڀني شڪتين کي پُڪاريو. منتر اُچاريندي ئي منهنجي ڪُک ۾ هڪ ٻالڪ جو نرماڻ ٿيو ۽ مان... ۽ مان ڪنواري ماءُ بڻجي ويس. ڪِشن ڪنواري ماءُ...

(اوچنڪارون ڏئي روئي ٿي.)

قدرت مون سان هيءَ ڪهڙيِ راندِ ڪئي هئي ڪِشن- رشيءَ جي شيوا جو اِهو ڦل مليو.

لوڪ جي لڄ کان ڊجي مان ڏاتريءَ کي محل جي ڪمري ۾ گُهرايو. هُن کي سڄي ڀالهه ڪري ٻُڌايم. ڏاتري چُپ رهي ۽ مونکي به چُپ رهڻ جي تاڪيد ڪيائين ۽ چيائين ته ڪمري کان ٻاهر نه نڪران. گهر ۾ قيد رهي مون پنهنجي لاڏلي ڪرڻ کي جنم ڏنو... ها ڪرڻ، جنهن

کي منهنجي آگيا سان ئي هڪ بکسي ۾ لِکائي نديءَ ۾ اُڇلايو ويو.

ڪِشن، مان پاڻ آهيان، پنهنجي ٻڇڙي جي ڏوهاڙ آهيان... حالتن هڪ ماتا کي پنهنجي ڪِک مان جاول ٻُڙڻي جي هتيارڙ بڻائي ڇڏيو.

(زار رار روئي ٽي.)

جنهن ٻار کي محلن ۾ پلجڻو هئو سو هِڪ سارٽيءَ جي گهر وڃي پليو. بابا کي اِن ٻالهه جي ڪابه جاڻ ڪونه هئي. ڪجهه سالن کان پوءِ بابا منهنجو سويموَر هستِناپور جي نريش پانڊوءَ سان ڪرائي ڇڏيو. سڄو ڏينهن تتلين سان گڏ ڪيڏندڙ پرٿا پهريون يوڇپوُر جي راجڪماري ڪُنتيِ بڻي ۽ هاڻي هستناپوُر جي مهاراڻي ڪُنتيِ... مهاراڻي به ڇا جي ڄڻي، مان ته نياڻي ماتا هئس... پر ڪنهن کي ٻُڌايان؟... ڇا ٻُڌايان؟... ته مان پنهنجي هٿن سان... نه نه ڪجهه به ڪُچڻو ناهي... ڪجهه به ڪُچڻو ناهي...

ڪِشن... مرليڌر... ماڌوَ... موهنَ... ياد اَڻٽي لڙائيءَ وقت جڏهن دروڻاچاريه جو وڌ ٽي ويو ته لڳي پيو منهنجو پُٽ ڪِرڻ اڇُ پانڊوَن مان ڪنهن نه ڪنهن کي ضرور ماريندو. توکي به ته اِها ئي چنتا هئي نه. مان تنهنجي حالت ڏٺي هئي.

مان همٿ ٻڌيِ، پنهنجي پُٽڑي جي جان جي بيڪ پنڻ پنهنجي ٻئي پُٽ ڪرڻ وٽِ ويس.

ڪرڻ اُن وقت گنگا نديءَ جي ڪپ تي سُورج ديوتا جي پوُڄا ڪري رهيو هئو. هِن مونکي ڏِسڻ شرط سُڃاڻي ورتو. پر مونکي محسوُس نه ٿيڻ ڏنائين. چيائين، ''ديويِ، اڌيرت ۽ راڌان جو پُٽ ڪرڻ تنهنجي اڳيان شيش ٿو

نوائي، کهڙي آگيا آهي هِن داس لاءِ.''

مان چيومانس، ''دانوير ڪرڻ، مان چاهيان ٿي ته تون مونکي ديوي نه ماتا ڪري سڏ ڪر، مان تنهنجي جنني آهيان پُٽ، پر هِن وقت هِڪ سُوالِڻ بڻجي تو وٽِ آئي آهيان. ٻُڌو آهي تون اپيداني آهين. تنهنجي در تان ڪوبه سُوالي ڪڏهن به خالي ڪونه موٽيو آهي. مان توکان پنهنجي پُٽ ارجن جي زندگيءَ جي بيڪ ٽي پنان.''

ڪِرڻ اُداس ٽي چيو، ''تون شايد وسري وئي آهين ته مونکي جڻيندي ئي تو نديءَ ۾ اُڇلي ڇڏيو هئو جنهن بند پيٽيءَ ۾ تو مونکي پاڻيءَ ۾ وهايو هئو نه سان انگ ديش جي راڄڌانيءَ جي هڪ سارٽي اڌيرٿ کي ملي جي هوُ مونکي پنهنجو نه بڻائن ها ته مان... ته مان... تنهنجي دِل جي ڪمزوريءَ منهنجي جيون کي اپيشاپ بڻائي ڇڏيو ماتا... لڙائيءَ ۾ ارجن کي مان ماريان يا ارجن مونکي ماري، تنهنجا ته پنج ئي پُٽ رهندا نه...''

''هيِ اِهو ئي هستناپور آهي نه... جنهن تي پيشم پتامهه ناز ڪندو آهي. انهيءَ هستناپور ۾ منهنجو پُٽ سڳي پاءُ کي مارڻ ٿو چاهي.'' ايترو چئي مان اُتان هلي آيس.

ڪِشن، هستناپور جي ماحول ۾ منهنجو دم گُهٽجندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن ته دِل ڪندي هئي ته جيڪر سڀ ڪجهه ڇڏي يوڇپوُر واپس هلي وڃان. پر مونکي پيشم پتامهه جا اِهي اکر ياد اچي ويا جيڪي انهن تڏهن چيا هئا جڏهن مان پنهنجي پنجن پُٽن کي وٺي شتشرنگ مان هستناپور آئي هئس. پيشم پتامهه چيو هئو، ''ڪُنتيِ، تنهنجا پنج پُٽ ڪوَرَوَ ونش جا ئي ونشج آهن.''

مهاتما ودُر شروع شروع ۾ دہيل آواز ۾ منهنجن پُٽن جو وروڌ ڪندو هئو پر پتامهہ جي اڳيان ڪنهن جي به نہ هلندي هئي.

ڪوڙو ۽ پاندوَ ڳڏجي پلجڻ لڳا. ڪڏهن هٿ روٽيءَ ۾ ته ڪڏهن چوٽيءَ ۾. وڙهندي به دير نہ ڪندا هئا ته پرچندي ٻہ. مهابلي ڀيم جي مستين ته سُيوڌن ۽ انهيءَ جي پائرن کي پريشان ڪري ڇڏيو. ڪڏهن وڻ کي لوڏائي هنن کي وڻ تان ڪيرائيندو هئو ته ڪڏهن اُنهن کي پاڻي ۾ ڌڪو ڏئي ڪِلندو هئو. هوُ سُيوڌن کي همیشهہ دريوڌن ئي چوندو هئو. هنن جي مامي شڪُنيءَ کي اِها ڳالهہ اصُل نہ وڻندي هئي پر پتامهہ اڳيان شڪُني به مجبوُر هئو.

ماڌو، پاندون جي شرير ۾ رتُ پلي ديوتائن جو وهندو هجي پر اُنهن کي رشين مُنين ئي ته پالي نِپائي وڏو ڪيو نہ، تنهن ڪري هوُ سنسڪارن جي حساب سان آريہ ئي آهِن. چندر ونشين جي سامراجيہ جي پيڙهہ کي، نُهش کان وٺي شانتنُ تائين، سيني راجائن کوکلو ٻڌايو. نهش جو پُٽ يياتي اَسُر جاتيءَ جي شڪراچاريہ جو شاگرد هئو، اِها ڳالهہ پتامهہ کي خبر هئي ته اَسُر جاتيءَ جو ونشج چندر ونشين جو جهڳڙو ڪڏهن نہ ڪڏهن آرين سان ٿيڻو ئي آهي ۽ سچ ۾ ٿيو به اِئين ئي.

واسوُديو، تنهنجي دل همیشهہ هستناپور اچڻ لاءِ سُرڪندي رهندي آهي، تون جڏهن به هِتي ايندو آهين، مون سان ضرور ملندو آهين. خود پتامهہ به توکي ڏاڍو پائيندو هئو ۽ منهنجو پُٽ ڪرڻ، اُهو ته توتي ٻلهار ويندو هئو. هِڪ پيري ودُر توکي چيو به هئو ته، ''ڪيڏو نہ سُنو ٿئي ها جي تون ۽ پتامهہ ملي ڪوڙوَ ونش جي ٻُڌندڙ

ٻيڙيءَ کي پار لڳايو ها.''

تو مُشڪندي چيس، ''اِهو نہ ٿو ٿي سگهي.''

تو ڪيڏي نہ سوَلائيءَ سان ڪِلي ڪري اِن ڳالهہ کي ٽاري ڇڏيو هئو. گهٽائي دفعا تنهنجي من جي ڳالهہ تکڙي سمجهہ ۾ نہ اندي آهي مرليڌر، تون موهِي به آهين ته نرموهِي به ڪل خوشي ته تنهنجو هٿيار آهي. لڙائيءَ کان اڳ يُڌشٽر شانتيءَ جي آخرين ڪوشش پئي ڪرڻ چاهي. جيتري شانت من سان هن پنهنجي ڳالهہ پئي رکي اوتري ئي شانت من سان تو هن جي ڳالهہ کي پئي ڪٽيو. تڏهن به مُشڪندي تو چيو هئو ته ''آخر جيت اسان جي ئي ٿيندي ڇو ته ڌرم اسان سان گڏ آهي.'' تون يُڌشٽر جي چوڻ تي ئي پنجن ڀَونن جي آڇ ڪٽي هستناپور هليو وئين پنهنجي سُدرشن چڪر کي به ڪونہ ڪٽي وئين... ڪيئن آهي نہ صحيح ڳالهہ. پنجن ڀَونن جي تنهنجي آڇ ته قبول به ٿي ويئي هئي پر دريوڌن وچ ۾ اچي چئي ڏنو، ''اسان سُئيءَ جي چهنب جيتري جڳهہ به ڪونہ ڏينداسين.'' بس ايتري ڳالهہ تي هيڏو وڏو مهاڀارت ٿي ويو.

جيئن جيئن لڙائي اڳتي وڌي، تنهنجي اُداسي به وڌندي ويئي. لڙائيءَ جي هر سڏنا ۾ تنهنجو ئي هٿ هئو ڪِشن... ها تنهنجو ئي. اِنهن سيني ڳالهين کان دور تنهنجي من موهيندڙ مُشڪ ۽ مُرليءَ جي ڌُن لڙائيءَ جو هر غم ڀُلائي ڇڏيندي هئي.

ماڌوَ، اسان سڀ هِن لڙائيءَ ۾ ڪيترا نہ مجبوُر هئاسين. خير، جيڪو وِدِيءَ کي منظور...

ڪِشن، هاڻي منهنجي جيون جي شام اچي ويئي آهي. الائي گهڻو وقت جيئان. اِنهيءَ ڪري ئي توکي ڳهرايو

اڇم. تون سڀ ڪجھ ڇڏي ھتي ھليو اڇ. منھنجا ٻارڙا توکي ياد ڪندا رھندا آھن. انھن جو خيال رکجانءِ.
تون ٻُڌين پيو ٿو نہ واسوُديو، اڙي ڪاڏي ھليو وئين؟
پري وڃين مُشکين پيو ٿو. مان ڇاڻان ٿي، تون مون سان اِھو ئي کيل کيڏي رھيو آھين جيڪو تو ھستناپور ۾ پري سيا ۾ کيڏيو ھئو. شڪُني ۽ دريوڌن توکي پڪڙڻ لاءِ ڊوڙن پيا ۽ تون ھِڪ ڪُنڊ کان ٻيءَ ڪُنڊ، ٻيءَ ڪُنڊ کان ٽين ڪُنڊ ۾ پئي ڀڄئين ۽ ھنن کي پريشان پيو ڪرين. مان تہ تنھنجي پُڇي آھيان نہ ڙي، مونسان ٻہ اِھا ئي کار ڪندين.
بس، منھنجي ٻچڙن جو خيال رکجانءِ. ھنن کي ڪائي تکليف نہ ٿئي، کلين ٿو ڪِشن. مونتي ٿو ڪِلين نہ؟ مان سمجھي ويس تہ تو وٽ ھر مسئلي جو حل آھي، منموھني مُشک. اِئين ئي ڪِلندو رھُ ڪِشن... اِئين ئي ڪِلندو رھُ.

(سماپت)

٦. ”اِئين ٻہ ٽي سگھي ٿو“

سين نمبر ھِڪ
(پردو کُلڻ تي راجيش ۽ رينا نڪراڻيءَ جي گھر جو نظارو. راجيش ھڪ ملٽي نئشنل ڪمپنيءَ ۾ سيلسمئن آھي. ھوُ آرسيءَ اڳيان بيھي ڪري ٽاءِ پائي رھيو آھي ۽ گانو ٻہ ڳائي رھيو آھي.
راجيش : دل ٽي چاھي تہ ٻہ-ٽي ڳالھيون توسان ڪريان
توکي ڀر ۾ وھاري توسان پيار ڪريان.
(رينا کي سڏ ڪندي) ڀاڳنيري او ڀاڳنيري... آھين ڪٿي؟
رينا : (خوشيءَ ۾ اندر ايندي) توھان سڏ ڪيو تہ مان ھلي آيس.
راجيش : تون پاڻ آئي آھين؟
رينا : ڇو، ھاڻي منھنجي شِڪل ٻہ ڪونہ ٽي وڻيوَ ڇا؟
راجيش : ٻُڌاءِ، اھڙي چنڊ جھڙي شِڪل ڏسڻ کان جيڪو اِنڪار ڪري سو تہ گڏھ آھي گڏھ.
رينا : مسڪا نہ ماريو. (مُنھن سُڄائي سوفا تي وھي ٽي.)
راجيش : ڇا ٽيبو منھنجي راڻي؟ مُنھن سُڄائي ڇو ويني آھين. مار پيٽي؛ ايتري ننڍڙي ڳالھہ تي غصو.
رينا : مھني ۾ رُڳو ٻہ چار ڏينھن ٿا گھر ۾ رھو. ڪڏھن سوچيو اٿوَ تہ منھنجي اڪيلي ۾ کھڙي حالت ٿيندي ھوندي.
راجيش : (ٻئي ھٿ متي ڪري) اڙي منھنجا مالِڪ تو منھنجي زال کي سونھن تہ ڏني آھي پر لڳي ٿو تہ عقل ڏيڻ وسري ويو آھين.

رينا : وري مستي.

راجيش : ايڏو روسامو.

رينا : ٻيو نہ ته، زالن جو درد ته سمجھو ئي نٿا نہ. اڄ مان بئنڪ مان موڪل ورتي آهي ۽ توهان صبح ساڻ ٻاهر وڃڻ جي ڀالھ ٿا ڪيو. ھِڪ ڏينهن دير سان ويندءُ ته ڪھڙو فرق پوندو پيلا...؟

راجيش : اِئين، ته پوءِ ڪئنسل. (ٽاءِ لاهي ٿو.)

رينا : هي ڇا ٿا ڪيو؟

راجيش : پروگرام ڪئنسل ٿو ڪيان، ھِڪ ڏينهن آفيس نہ ويندس ته ڪھڙو طوفان اچي ويندو. (رينا جي ويجھو وڃي) سونوءَ ماءُ؛ هاڻي ڪِل ته سهين.اڙي پنهنجا موتيءَ جھڙا ڏند ته ڏيکار. (ٿورو ترسي) چيم نہ، آفيس نہ ٿو وڃان. هي ڏِسُ مستر موٽواڻيءَ کي فون ٿو لڳايان. (موبائيل تي هڪ نمبر لڳائي ٿو) هيلو، مستر موٽواڻي، سائين گھرواري رُسي وينی آهي... انهيءَ کي پرچائڻ ۾ ڏاڍو ٽائيم ٿو لڳي. ها سڄو ڏينهن لڳي ويندو. انهيءَ ڪري اڄ موڪل ڏيو نہ، ها ها پورو ڏينهن باقي حال احوال سُڀاڻي ٿا ڪيون... ٽئنڪ يوُ سر... او. ڪي. سر...

(رينا اڃا بہ ناراض آهي.)

نندي هوندي ٻنهي جي ياري ٿي آ،
وڏو ٽيڻ تي خواري ٿي آ،
متان رُسين منار او سُھڻا، نيڻ ڪٽي ته نهار،
او سُھڻا نيڻ ڪٽي ته نهار.

رينا : (ڪِلي ڪري) اڙي واهہ... ايڏو پُراڻو ڪلام ڪٿان ياد آيو اٿوَ.

راجيش : جنهن جي زال شاعري ڪندي هجي اُنهيءَ کي ٿوري

books.sindhsalamat.com

گھٽي هوا ته لڳي ئي ويندي آهي. سنگت جو اَثر.

رينا : اَڙي ها، مان بہ ڪالھ ساهيڙين سان اُلھاسنگر ويئي هئس خريداري ڪرڻ. ڪم ڪار لاهي ويا سين پنهنجي پُراڻي ساهتيڪار منڊليءَ سان ملڻ.

راجيش : تنهنجا پيڪا مائٽ.

رينا : ها، ميران موهڻي، مايا رولاڪ، نندو گھايل، مُولچند مستانو سڀ گڏيا.

راجيش : اَڙي واهہ، پوءِ ته ڏاڍو مزو آيو هوُندوَ نہ...

رينا : ڇڳا پُراڻا ساٿي ته منڊل کي چڏي بہ ويا آهن. ڪجھ نوان جُڙيا آهن پر اُهي سنڊيءَ ۾ گھٽ، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ وڌيڪ ٿا لکن، ايياس ته بلڪل ئي نہ ٿا ڪن انهيءَ ڪري اُنهن جي لکڻيءَ جو معيار بہ اوُچو ڪونہ آهي.

راجيش : تو جھڙو ايياس کو ڪري سگھندو پيلا. مونکي ياد آهي جڏهن اسان ڪنوارا هوندا هئاسين ۽ دادر جي ڪبوترخاني جي پاسي واري باغ ۾ ملندا هئاسين...

رينا : (خيالن ۾ کوهجي ها) مونکي بہ سڀ ياد آهي... تون انڌيريءَ مان شام جو پنجين ويهين واري لوڪل پڪڑي ايندو هئين...

راجيش : ۽ تون بئنڪ مان نڪري سِڌو چرچگيٽ کان دادر ايندي هئينءَ.

رينا : تن ڏينهن ۾ موبائيل بہ ڪونہ هوندا هئا.

راجيش : پر تڏهن بہ هڪ ٻئي کي ڳولهي لهندا هئاسين.

رينا : مان دادر اِسٽيشن تي پڪوڙن واري جي پر ۾ بهندي هئس.

راجيش : چٽوري هئينءَ، بريڊ ۽ ٽِڪي ڪاڌي بنا باغ ۾ ئي نہ هلندي هئينءَ، منهنجو کيڏو خرچ ڪرائڻ تن ڏينهن

www.sindhsalamat.com

۾.

رينا : توکي سڀ ياد آهي...؟

راجيش : ها ۽ اِهو ب ياد آهي ت باغ ۾ عشق جون ڳالهيون گهٽ ۽ شاهه، سچل، سامي ۽ کان وڌي ٻيدِل، بيکس ۽ دلگير جون ڳالهيون وڌيڪ ڪندي هئين. منهنجي عشق جي ت وات لڳائي ڇڏيئه.

رينا : شادي ت توسان ئي ڪيم نه.

راجيش : (ايا ويڄهو اچي) هاڻي ت عشق جو لائسينس ب ملي ويو آهي.

رينا : پري ٿيو...

راجيش : چو پري ٿيان. انهي ۽ لاءِ ئي ت اڄ ڇُٽي ورتي آهي ماءِ ڊيئر رينا...

(سونوُ اُٿي اچي ٿو.)

سونوُ : ممي، مونکي اڪيلو ڇڏي آئين؟

راجيش : چا ٿيو پُٽ؟

سونوُ : مونکي ڊاکوُ مارن پيا.

رينا : لڳي ٿو وري ڪو پيانڪ سُپنو ڏٺو اٿائين... (سونوُ کي) ڊاکوُ گهر ۾ ڪيئن ايندا سونوُ... ڊِس اسان جي روم جي دري ڪيڏي ننڍڙي آهي.

سونوُ : ها ممي، دري ت الاهي ننڍي آهي. (کلي ٿو.)

رينا : (راجيش کي) هاڻي توهان ڇُٽي ورتي ئي آهي ت ڪم تي لڳو.

راجيش : ڇُٽي ڏينهن ڪم؟

رينا : مونکي خبر آهي ت توهان کوب ڪم پاڻهي نه ڪندا آهيو. توهان کي ڪم ٻُڌائڻا پوندا آهن. خالي وهندا ت ٿي-وي. چالوُ ڪري نيوُز ڊِسڪ ويهي رهندا. ڪِرياڻي واري لِست ڪٿي آهي؟

books.sindhsalamat.com

راجيش : ڪالهه ڪِرياڻي واري کي ڏيئي آيس.

رينا : ڪٿي اڇو سڀ سامان... ۽ ايندي ايندي ياڇيون ب وٺندا اچو.

راجيش : جو حُڪم مهاراڻي صاحبا.

رينا : هودي ۽ جو نل پندرهن ڏينهن کان بند لڳو پيو آهي.

راجيش : هارڊ ويئر واري کي فون ڪيان ٿو، پلمبر موڪلي ڇڏيندو.

رينا : نه، پاڻ سان گڏ اِسڪوُٽر تي چاڙهي وٺي اچوس.

راجيش : ڪم ٽيڪ ڪانپوءِ ڇڏي ب اڇانس.

رينا : ڪم ت ڪرڻا ئي آهن نه. فون ڪرڻ سان ڪوئي ڪونه ٿو اچي. ٽيو ڏينهن ب ت فون ڪيو هئوسين نه. (سونوُ ۽ کي) سونوُ هل بيٺا جلدي ڪر، مُنهن ڏوئي چانهه پي ۽ ت تنهنجو هوم ورڪ شروع ڪيون.

سونوُ : پهرين ڪارٽون ڏِسندس، پوءِ هوم ورڪ.

رينا : او- ڪي- او- ڪي- هلُ جلدي. (سونوُ اندر وڃي ٿو.) (راجيش کي) بينا چو آهيو جلدي وڃو نه.

راجيش : مان چيو متان ٻيو ڪو ڪم ياد اچئي.

رينا : موبائيل گڏ ڪٿي وڃو، ڪوئي ڪم ياد آيو ت فون ڪيانوَ ٿي.

راجيش : (رينا جي ويڄهو اچي) ڇُٽي اِنهي ۽ لاءِ ورتي آهي.

رينا : (پري ٿيندي) سونوُ ڏسي ٿو...

(ٻئي ڪلن ٿا. راجيش ٻاهر وڃي ٿو. رينا هال جي صاف صفائي شروع ڪري ٿي. گيت گُنگُنائيندي پکڙيل شيون ناهي ٿي رکي. ايتري ۾ پاڙيواري پاري اچي ٿي.)

پاري : ائي رينا...؟

رينا : پاري ديدي... اچ اچ، اڄ صبح ساڻ ڪيئن تڪليف

www.sindhsalamat.com

ڪئي اَڻئي پلا، ويهُ ته سهين.

پارِي : ڪهڙا حال ٿي پُڇين رينا گهوٽ جو جڏهن کان پوُنا ٽرانسفر ٿي ويو آهي ته اَسُر جو اُٽي هليو ويندو آهي. سڄي گهر جو بار اڇي وڃي منهنجي مٿان. سسُ سهرو ته ٻُڌا آهن اصُل ڪنهن ڪم جا ڪونه آهن. هر شيءِ هٿ ۾ ڪپين، جيسين چانهه ناهيان ناهيان ٻائيٽال مچائي ڇڏيندا. صبح ساڻ اُٽي ويهي ٿا رهن. هاڻي پُڇين ڪم ڪهڙو اٽن.... پر نه... حُڪم هلائڻو آهي نونهن تي... وري مٿان طعنا ٽُنڪا...

رينا : چا پئي چيائون؟

پارِي : اِهو ئي. پُٽ نونهن کي اؤلاد هجي ها ته خاندان اڳتي وڌي ها. اهڙو ڪهڙو شانائتو خاندان آهي جو اڳتي وڌايون. پاڻ ته ڏنڊي ۾ گهاٽو ڪاڌائون... پُٽ کي نؤڪري ڪرڻي پيئي. هاڻي پيا ٿا پٽڪن هِن شهر ڪان هُن شهر.

رينا : منهنجو گهوٽ به مارڪيٽنگ ڪمپنيءَ ۾ آهي، مهني ۾ ويهه ڏينهن ٻاهر ئي هوندو آهي.

پارِي : تنهنجي ڳالهه ٻي آهي رينا تون پاڻ ٻئنڪ ۾ ڪم ڪندي آهي. توکي سَسُ سهرو به ڪونهي، سُنو آهي، گهر ۾ شانتي لڳي پيئي هوندي نه، مان ته سيوا ڪري ڪري بيزار ٿي پيئي آهيان. ڏيئرن جي مائٽي ڪرائڻ کان اڳ مائٽن کي اِهي ڳالهيون به سوچڻ گهرجن ته گهر ۾ ياتي گهٽ هجن. گهٽا ياتي گهڻو گوڙ...

رينا : اِهو ته ڪونه ٻُڌايئه ته ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

پارِي : ڏنئه تنهنجي ڳالهين ۾ اِهو به وسري ويس ته مان هِتي ڇو آئي آهيان؟ ها ياد آيو، به ٽماٽا ته ڏي،

سهُري کي ٽماٽن جي چٽڻي ڏاڍي وڻندي آهي، صبح ساڻ فرمائش لڳائي وينو آهي. مون وٽ ڪو ماڻهو ته ڪونه آهي جو صبح ساڻ بازار وڃي سگهي.

رينا : ويهه ته ڪٽي ٿي اچان...

(رينا اندر وڃي ٿي، پارِي گهوٽ کي فون لڳائي ٿي.)

پارِي : ڪيستائين پهتا آهيو... لوناوالا... توهان پونا ۾ ڪونه پهتا ته توهان جي ماءُ پيءُ فرمائشون ۾ شروع ڪري ڇڏيون، پڻهين چوي ٿو ٽماٽن جي چٽڻي ڪائيندس ۽ ماڻهين چوي ٿي چانهه سان ڪوڪيِ ڪائيندس. هاڻي توهان ٻُڌايو ته مان ڪاڏي وڃان... موبائيل ڪٽي ڇڏيائين، گهر مان نڪتو معنيٰ آفيس جو ئي ٿي ويندو... منهنجي ته ٻُڌندو ئي ڪونه. (رينا ٽماٽا ڪٽي اچي ٿي.) ٿئنڪ يوُ. پاڙي ۾ بس تنهنجو ئي سهارو آهي... ٻين سان ته مان ڳالهائيندي به ڪونه آهيان. چا ڪيان سڄو ڏينهن سَسُ سُهري جي شيوا ۾ ئي گذري وڃي. چڱو هلان ٿي، وري ايندس.

(پارِي وڃي ٿي.)

رينا : (پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي) هي پڳوان... مٿو ئي ڪائي ويئي. سونوُ... او سونوُ.

سونوُ : (اندر اي) جيِ ممي.

رينا : چانهه پيئندئه؟

سونوُ : ها ممي... ممي مان ڪارٽون چئنل ڏسان.

رينا : رُڳو اَڏ ڪلاڪ هان... پوءِ هوم ورڪ. مان به تيسين صفائي ڪري ٿي وٺان.

سونوُ : هوم ورڪ ڪان پوءِ فوٽ بال کيڏڻ ويندس.

رينا : ها پوءِ پلي فوٽ بال کيڏڻ ٻاهر وڃج.

سونوُ : ٿئنڪ يوُ ممي.

(اندر وڃي ٿو. رينا وري صفائيءَ ۾ لڳي ٿي وڃي. رميش کوڙواڻي اچي ٿو.)

رميش : جئہ جھولیلال پایي.

رينا : اڙي رميش پئيا. اچو اچو... اڄ اسان جي گھر جو رستو ڪيئن ڦُلجي پيا آهيو.

رميش : توهان کي اِنوائيٽ ڪرڻ آيو آهيان پايي. آرتوار ڏينهن 'لوڪنڊوالا ساهِت سپا'' پاران کوي سميلن رکيو آهي.

رينا : اَڙي واهہ، اِها تہ ڏاڍي سُني ڳالهہ آهي.

رميش : کوي سميلن آرتوار ڏينهن شام جو آهي. ضرور اچجو. مُمبئيءَ جا چونڊ سنڌي کوي گھرايا آهن.

رينا : سنڌي کوي سميلن هجي ۽ اسان نہ اچون اِئين ٿي ئي نٿو سگھي.

رميش : راجيش کي چئجو ٻاهر جو کو پروگرام نہ ٺاهي، کاڏي وڃي ٻہ تہ آرتوار تائين موٽي اچي.

رينا : هنن جو تہ سچ ۾ کوئي ڀروسو ڪونہ آهي. اڄ ٻہ وڏي مُشڪل سان موڪل ورتي اٺائوُن.

رميش : اَڇا تہ راجيش گھر ۾ آهي؟

رينا : بازار ويا آهن ڪم سان، اچي ويندا اڌ ڪلاڪ ۾، تيسين توهان وهو مان چانهہ ٺاهي ٿي اچان.

رميش : نہ پايي وِهنڊس نہ، اڄا گھٽا ئي ڪارڊ ورهائڻا آهن. گھر ٻہ جلدي پھچڻو آهي منهنجو ماسڙ آيو آهي لوناوالا مان، اڪيلو گھر ۾ بور ٿيندو هوندو، اچجو پڪ هان.

رينا : چوڻ جي ڳالهہ ئي ناهي پائوُ پڪ ايندا سين.

(رميش وڃي ٿو. رينا وري صفائي ڪرڻ ۾ بزيِ ٿي ٿي وڃي. ٿوري دير ۾ سونوُ اندران فوت بال کيڏندو اچي ٿو.)

books.sindhsalamat.com

سونوُ : ممي مان فوت بال کيڏڻ ٻاهر وڃان؟

رينا : اڙي پر هوم ورڪ؟

سونوُ : پاپا اچن تہ پوءِ هوم ورڪ ڪندس. اڄ پاپا ڇُٽي ورتي آهي نہ. پاپا هوم ورڪ ڪرائيندا.

رينا : توکي ڪنهن ٻُڌايو تہ پاپا ڇُٽي ورتي آهي.

سونوُ : توهان ڳالهايو پيا تہ مان لکي لکي ٻُڌان پيو.

رينا : بدمعاش پڇ هِتان.

(سونوُ فوت بال کيڏندو کيڏندو ٻاهر وڃي ٿو. رينا وري صفائيءَ ۾ بزي ٿي وڃي ٿي. ٿوري دير ۾ موبائيل وڄيس ٿو.)

رينا : (موبائيل ۾ نمبر ڏسي) مايا رولاڪ، سرپرائيز... نہ نہ، آفيس ۾ نہ گھر ۾ ئي وينو آهيان... اِئين ئي سونوُءَ کي اِسڪول جي ڇُٽي هئي... منهنجون بہ ڇُٽيون رهيل هيون. مزي جي ڳالهہ تہ هِنن کي بہ ڇُٽي ونڻائي آهي. شام جو گُھمڻ ڦرڻ ويندا سين. ڏي خبر، اڄ ڪيئن ياد ڪيو اٺئي صبح ساڻ... آرتوار ڏينهن کوي سميلن ۾ اچين ٿي. ها جست هاڻي رميش پائوُ مونکي بہ نيند ڏيئي ويا آهن. اچُ، اچُ ويلڪم. ٻيو ڪير ڪير ٿو اچي؟ نہ بابا مان ڪوبہ ڪونہ پڙهندس. هاڻي لِنڪ ئي ڏُٽي ويئي آهي. گھر پريوار ۾ ايڏو بزي ٿي ويئي آهيان جو بس. اچُ پوءِ آرام سان ڳالهيون ٻولهيون ڪيون ٿا.

(فون بند ڪري ايتري ۾ هڪ اڻ ڏٺہ سالن جو ٻار اچي ٿو.)

ٻار : آنٽي سونوُءَ جو ائڪسيڊنٽ ٿيو آهي.

رينا : سونوُءَ جو ائڪسيڊنٽ، ڪيئن؟

(گھبرائجي ٻاهر وڃڻ لاءِ مُڙي ٿي ايتري ۾ ٻاهران

www.sindhsalamat.com

هِڪ بزرگ سندرداس جنهن کي سڀ بابا چوندا آهن،
سونوءَ کي ٻنهي هٿن ۾ ڪٽي اڇي ٿو.)

سونو : ممي، ائڪسيڊنٽ...

رينا : ڪيئن ٿيو؟

بابا : گهبرائڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي پُٽ... هي اِز او. ڪي. ها مٽي وارو ڏک لڳو اٿس.

رينا : اڇا هاڻي ٿي ته ٻاهر ويو هئو، جست پنج منٽ اڳ...

بابا : هيءُ فوٽ بال کيڏڻ ۾ مست هئو، هِن کي خبر ئي ڪونه پيئي ته پُنيان ڪار پيئي اچي.

سونو : ممي بابا مونکي هٿ سان ڇڪي بچائي ورتو نه ته اڇُ.

بابا : نه پُٽ اِئين نه چئه.

رينا : ساريِ انڪل توهان کي ڏاڍي تڪليف ٿي.

بابا : هن کي ڪاٽي سُمهارڻو آهي.

رينا : اندر روم جي پلنگ تي.

(بابا سونوءَ کي ڪٽي اندر وڃي ٿو. رينا راجيش کي فون لڳائي ٿي.)

رينا : هيلو، ڪٽي آهيو؟ جلدي گهر اچو، سونوءَ جو ائڪسيڊنٽ ٿيو آهي، ايندي-ايندي ڊاڪٽر کي فون ڪندا اچجو. ها ها هيڊ اِنجوُري اٿس... جلدي اچو...
(فون بند ڪري گهبراهٽ ۾ هيڏي هوڏي ڦيرا پائي ٿي.)

(سين سمايت)

سين نمبر ٻه

(ساڳيو ئي گهر جو نظارو. ٽن-چئن ڏينهن ڪانپوءِ جو وقت. راجيش، رينا ۽ سونو وينا آهن. رينا سونوءَ کي هيڊ پيو ڪير پيئاري رهي آهي.)

رينا : (سونوءَ کي) بس ٿورو ئي بچيو آهي.

books.sindhsalamat.com

سونو : ممي نه ٿو وڃي.

راجيش : ڪير نه پيئندين ته نيڪ ڪيئن ٿيندين.

سونو : نيڪ ٿي ويندس ته فوٽ بال کيڏڻ وڃي سگهندس نه. هاڻي سنيالي کيڏندس، پارڪ جي ميدان ۾.

راجيش : نه اڪيلو ٻاهر نه وڃڻو آهي.

سونو : مان بابا سان گڏ کيڏڻ ويندس. بابا چيو آهي ته هوُ روز پارڪ ۾ ايندا مونسان گڏ کيڏڻ لاءِ. بابا روز مونکي کهاڻيون به ٻُڌائيندا آهِن، مونسان گڏجي ٽي-وي. تي ڪارٽون چئنل ڏسندا آهن، پاپا اڇُ بابا ڇو نه آيا آهن؟

رينا : ڄاڻ آيا. بابا مونکي فون ڪيو هئو، سونوُ ڪير نه پيئندو ته مان ڪونه ايندُس.

سونو : هان، ڏي مان ڪير پيئان. تون بابا کي فون ڪر سونوُ ڪير پيئي ٿو، جلدي اچو. (رينا کان گِلاس وٺي ڦٽاڦٽ ڪير پيئي ٿو.) ممي مان اندر وڃي ڪارٽون چئنل ٿو ڏسان، بابا اچن ته مونکي سڏ ڪجانءِ.

(سونوُ اندر وڃي ٿو.)

راجيش : ڪمال آ، ٽن-چئن ڏينهن ۾ ڪيڏو هِري ويو آهي بابا سان.

رينا : بابا آهِن به ته مزيدار نه اصُل پراون پنهنجا. جنهن سان گڏجن ٿا مِنٽ ۾ انهيءَ جهڙا ٿا ٽيِ وجن، ٽيو ڏينهن پاڙيواري پاريِ آئي هئي.

راجيش : بصر وٺڻ.

رينا : توهان کي ڪيئن خبر پيئي؟

راجيش : هوءَ جڏهن به ايندي آهي ڪجهه نه ڪجهه وٺڻ ئي ايندي آهي.

رينا : ٻُڌ ته سهين مزي جي ڳالهه. هن سَسُ سهُري جي گِلا

www.sindhsalamat.com

پئي ڪئي. بابا ۽ ڪل چرچو ڪندي هن جي ڀالهين ۾ شامل ٿي ويا، ڏاڍو مزو آيو.

راجيش : مونکي ته اِها چنتا لڳي پيئي آهي ته تون بئنڪ جوائن ڪندينءَ ته سونوءَ جو ڇا ٿيندو؟

رينا : اِهو ئي ته، فلحال مهنو ڪن ته اِسڪول ۾ ڪونه وڃڻو اٿس، گهر ويني بور ٿي پندو. ڊاڪٽر سخت تاڪيد ڪئي آهي ته دماغ تي زور نه ڏئي.

(بابا اچي ٿو.)

راجيش : اچو بابا توهان جو ئي اِنتظار ٿي رهيو آهي.

بابا : ساريِ يار ٿورو ليٽ ٿي ويس. ڪالهه رينا کي وائڊو ڪيو هوم ته پنهنجي نئين ڪوينا ٻڌائيندوسانءِ، نئون خيال ذهن ۾ ڪونه پيو اچي. مس کو خيال آيو ته قناقت لکي ورتم. هي ٻڌ،

دل جو درد ڪو ته وندي ها،
ڇُپيل ڪنڌو ڪوتر ڪڍي ها،
لوڻ ٻُرڪڻ وارا ٻُرڪندا رهيا،
زخمن تي ملم ڪو ته مکي ها.

رينا : واهه ڇا ته قافيو جوڙيو اٿوَ، وندي ها، ڪڍي ها، مکي ها.

بابا : ۽ ستون ٻيون ۽ لکيون اٿم، ٻُڌايانءِ.

راجيش : اِرشاد، اِرشاد.

بابا : خوف ناهي مؤت کان پر زندگيءَ جي ڀالهه ڪر،
باغ ۾ اڇُ قول ناهن، پر ڪليءَ جي ڀالهه ڪر.

راجيش : واهه هيءُ ستون ٻُڌي اِئين ٿو لڳي جڙ ته ڪنهن تجربيڪار ماڻهوءَ لکيون آهن.

بابا : ته ڇا مان تجربيڪار ڪونه آهيان.

راجيش : توهان ته بزرگ آهيو.

books.sindhsalamat.com

بابا : خبردار جي مونکي ٻُڌو ڇيو اٿئي.

راجيش : ساري بابا منهنجو اِهو مطلب ڪونه هئو.

بابا : ٻُٽ، زندگيءَ ۾ آنند ونڊ گهرجي. آنند ۾ ئي ستيم، شوم ۽ سندرم آهي ۽ منهنجو ته نالو ئي سندر آنندائي آهي. (ٻئي ڪِلن ٿا.)

راجيش : جهڙو توهان جو نالو آهي، تهڙا ئي توهان ۾ گُڻ به آهن بابا.

رينا : ها بابا اڇُ توهان جي ڪري ئي سونوءَ کي نئون جيون مليو آهي.

بابا : نه ٻُٽ، جيون ڏيڻ ونڊ وارو ته هوُ پرميشور وينو آهي. (ٻئي هٿ متي ٿو ڪري) هن جي ليلا کي ڪير ٿو سُجاڻي سگهي. اسان ته نِمت ماتر آهيون.

راجيش : بابا توهان جو هيءُ احسان اسان زندگيءَ پر ڪونه وساري سگهنداسين.

بابا : احسان جون ڀالهيون ڪري مونکي وڏو نه بڻايو.

راجيش : وڏا ته توهان آهيو ئي، توهان منهنجي پتا سمان آهيو.

بابا : نه نه ٻُٽ اِئين نه چئه، اِئين نه چئه. (اوچنڳارون ڏئي روئي ٿو.)

رينا : چو بابا ڇا ٿيو؟

راجيش : بابا توهان نه ٿا ڄاڻو ته توهان اسان تي ڪيڏو وڏو احسان ڪيو آهي. اسان کي پاڙيوارن سڀ ٻُڌايو آهي ته ڪيئن ڪار اِسپيڊ ۾ پئي اچي ڪيئن توهان ڊُڪ پائي، پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪري، سونوءَ کي هنج ۾ ڪڍي ورتو. توهان اسان جي اؤلاد کي جيون دان ڏنو آهي بابا.

بابا : ٻُٽ مان گهر ٻار جو ستايل، مان ڇا ڪنهن کي جيون دان ڏينديس؟

www.sindhsalamat.com

رينا : اِئين چو ٿا چئو بابا، سونوُ توهان جي پوٽي برابر آهي. هوُ توهان کي ڏاڍو چاهيندو آهي ۽ توهان به هُن تي پنهنجي جان نڇاور ڪندا آهيو.

بابا : (اکين جا ڳوڙها اُگهي) ها، منهنجو سڳو پوٽو ٿيڻوُ به مونکي ڏاڍو چاهيندو هئو... مان به هُن تي بلهار ويندو هوس پر...

راجيش : پر ڇا بابا؟

بابا : پر قدرت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هئو.

رينا : توهان جي پوٽي کي ڇا ٿيو آهي بابا؟

بابا : هاڻي هوُ هِن دنيا ۾ ڪونه آهي. منهنجي نونهن پُٽ کي اِئين لڳندو آهي ته هِن جي موٽ جا ذميوار اسان ٻئي آهيون...

راجيش : توهان ٻئي؟

بابا : مان ۽ منهنجي زال جانکي. هاڻي توهان ئي ٻُڌايو ڇا ڏاڍو ڏاڍي پنهنجي پوٽي جي جان جا دشمن بڻجي سگهندا آهن؟

راجيش : اِهڙو ڇا ٿي ويو جو توهان جا نونهن پُٽ انهيءَ غلطفهميءَ جا شڪار ٿي ويا.

رينا : ها بابا اسان جاڻڻ ٿا چاهيو ته توهان تي اِهو اِلزام ڇو ۽ ڪيئن لڳو؟

بابا : جاڻڻ چاهيو ٿا ته ٻُڌو... (سيريس ٿي) منهنجو به هِڪ سُهڻو پريوار هوندو هئو. مان ۽ جانکي... ڏاڍو خوش هئاسين پنهنجي زندگيءَ ۾... ڀگوان جي ديا سان اسان کي پُٽ جائو... اسان جي زندگيءَ کي جڙ مقصد ملي ويو. پنهنجي سڪيلڌي پُٽ کي پڙهائي لِکائي لائق بڻائڻ ۾ اسان ڪائي کسر ڪونه ڇڏي. منهنجو ننڍڙو ڪِرياڻي جو دڪان هئو. دڪان مان گهر جو خرچ هلي

books.sindhsalamat.com

ويندو هئو پر بچت ڪونه ٿيندي هئي. جانکي ماڻهُن جا ڪپڑا سُبي ٿوري گهڻي بچت ڪري وٺندي هئي. پيٽ ڪٽي اسان پُٽ کي پڙهائي لِکائي وڏو ڪيوسين. هن کي ملٽي نئشنل ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ملي، سُني گهر ۾ شادي به ٿيس. اسان کي لڳو اسان جا سپنا پورا ٿي ويا. هڪڙو ئي پُٽ آهي، اسان کي اکين تي وهاريندو. پر نه، شاديءَ کان پوءِ پُٽ به پرائو ٿي ويو. نونهن پُٽ جي من ۾ الائي ڇا هئو، ڏيري-ڏيري هِنن جو وهنوار اسان ڏانهن متجڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ اسان کي پوٽو به جائو. اسان ٻنهي کي اِئين لڳو جڻ اسان جي دردیلي زندگيءَ ۾ بهار آئي آهي پر زندگي وڌيڪ ڏُکي ۽ سخت ٿيندي ويئي. (روئندي) پوٽي کي ٽيليسيميا ٿي ٻيئي.

راجيش : او ماءِ گاڈ...

بابا : پر اسان ٻنهي همٿ نه هاري. اسان پاڻ پنهنجي پوٽي کي اِسپتال وٺي وڃي هر پندرهين ڏينهن هِن جو خون متائي ايندا هئاسين. هن جي پوري پوري سار-سنڀال لهندا هئاسين. هن کي هر سُکه ڏيندا هئاسين. پُٽ نونهن کي شايد اِهو به گوارا ڪونه هئو. هوُ اسان کي بوجهه سمجهندا هئا. اُهي ته جڻ انهيءَ اِنتظار ۾ وينا هئا ته ماءُ پيءُ اڇُ گهر مان نڪرن ته سُپاڻي ٻيو ڏينهن ٽئي. پوٽي جون پيار پريون نظرون اسان جا سڀ غم پُلائي ڇڏيندیون هيون. چوندا آهن ته جنم کان پهريون ئي وڌاتا هر جيوَ جي جيون جو وڌان لکي موڪلیندو آهي. اسان جي پوٽي سان به اِئين ئي ٿيون. ڪيڏيون دوائون ڪيونسين. مندر ۽ گُردوارا پيٽياسين پر ڪجهه به نه وريو. اسان ٻنهي جي اکين جي اڳيان

www.sindhsalamat.com

ئي اسان جو پوٽو ٽينوُ گذاري ويو. پوءِ ته نونھن پُٽ اچي مڇريا. ھِنن کي لڳو اسان جي لاپرواھيءَ سان ئي ھيءُ سپ ٽيو آھي. ھڪڙي ڏينھن...

(فلئش بئڪ)

(بابا جي گھر جو نظارو. پنڪي ۽ روھن ماءُ پيءُ کي دڙڪا ڏيئي رھيا آھن.)

روھن : بابا توھان کي ڪجھ سمجھ ۾ اچي ٿو يا نہ. جيڪي اچيو ٿو ڀالھائيندا ٿا وڃو. اِھو بہ نہ ٿا سوچيو ته اسان جي ڪھڙي حالت آھي.

پنڪي : اسان جو سِکيلڈو پُٽ توھان جي غلطيءَ کري گذاري ويو آھي.

بابا : جيڪو ڀڳوان کي منظور ھئو سو ٿيو. انھيءَ ۾ اسان جو ڪھڙو ڏوھہ ڀلا.

روھن : جيڪو ٽيو انھيءَ لاءِ توھان ٻئي ذميوار آھيو. لاغرض ۽ لاپرواھہ پئرينٽس آھيو توھان. اسان کيڏو پروسو کري ٽينوُءَ جي ذميواري توھان کي ڏني ھئي. توھان اسان جي پروسي جو خون کري ڇڏيو.

جانڪي : اِئين نہ چئہ پُٽ، اسان تي پاپ نہ چاڙھہ.

روھن : امان، بابا مھرباني کري اسانکي اسانجي حال تي ڇڏي ڏيو. ھاڻي ھِن گھر ۾ توھان جي لاءِ کوئي جاءِ کونھي.

بابا : واھہ پُٽ واھہ، جنھن ماءُ توکي نو مھنا پيٽ ۾ پاليو، پنھنجي ٽڇُ پيئاري توکي وڏو کيو انھيءَ ماءُ لاءِ تنھنجي گھر ۾ کائي جاءِ کونھي.

جانڪي : جنھن پيءُ توکي آڳر کان پکڑي اِسکول پھچايو، اڄُ انھيءَ لاءِ تنھنجي گھر ۾ کائي جاءِ کونھي.

پنڪي : (روئي کري) سينٽي نھڙ جي کوشش نہ کيو.

books.sindhsalamat.com

بابا : ھا اسان ھاڻي پُراڻو سامان ٽي ويا آھيون نہ. تنھنجو گھر نون سامانن سان پريل آھي... اسان لاءِ ھتي کيئن جاءِ ٽيندي.

پنڪي : ڏسو اسان کي زور زبردستي کرڻ لاءِ مجبوُر نہ کيو. توھان ٽي اسان جي پُٽ جي موٽ جا ذميوار آھيو.

بابا : مان... ھون... تنھنجو پُٽ ٽيليسيميا بيماريءَ جي کري گذاري ويو. تنھنجا مائٽ شاديءَ وقت توھان جي چني پيا پيٽين. گھٽئي سمجھايو مان ته چنيون پيٽڻ بدران ٻارن جي خون جي جاچ کرايو. پر منھنجي ڪنھن بہ کونہ ٻڌي. ھاڻي نتيجو ڏسي ورتوَ نہ...

روھن : پنھنجي غلطي لکائڻ لاءِ اسان تي ٿا اِلزام لڳايو مان کائي ائڪشن کڻان تنھن کان بھتر ٽيندو توھان پاڻ ٽي ھِتان ھليا وڃو.

جانڪي : پر اِھو ته سوچ اسان کاڏي ويندا سين.

پنڪي : کاڏي بہ وڃو اسان کي ڇا؟ ھيڏا ٻُڌا آشرم ڪُليل آھن شھر ۾ اُتي وڃي رھو.

(سيريس ميوزڪ)

بابا : گھر مان ڪڍڻو اَٿوَ ته سِڌو چئو نہ اِلزام لڳائي بيعزتو چو ٿا ڪيو؟

پنڪي : ڏسين ٿو روھن، تنھنجو پيءُ ڪيئن ٿو ڀالھائي.

بابا : جانڪي، ھل ھِتان، ھنن کان رحم جي بيک پنڊي ناھي. جيئن بہ رھنداسين، جتي بہ رھنداسين، خوش رھنداسين، پر ھنن جي در تي...

(بابا ۽ جانڪي وڃن ٿا. فلئش بئڪ سماپت)

راجيش : ھوُن، ته توھان ٻئي ٻُڌا آشرم ۾ رھندا آھيو بابا.

رينا : اِھو ته قھر آھي قھر.

بابا : شايد پوئين جنم جي پاپن جو ڦل پوڳي رھيا آھيون.

www.sindhsalamat.com

هڪ ورهاڱو سندڻ ڇڏي سنوسين، ٻيو پنهنجي پُٽ جو ڳ هر ڇڏي. اؤلاد کي وڏيڪ پڑهائڻ جو نتيجو ٻہ ڏِسي ورتوسين.

راجيش : لعنت آهي اِهڙي اؤلاد تي.

بابا : اِئين نہ چئہ پُٽ، هوُ جيئن ٻہ آهن، جتي ٻہ آهن، خوش رهن، آباد رهن. هاڻي هلان، ڪوبتا پوُري ڪيان. آرتوار ڈينهن ڪوي سميلن ۾ اِها ئي ڪوبتا پڙهندس. رميش اِنتظار ڪندو هوندو روٽيءَ لاءِ.

رينا : رميش؟

بابا : رميش ڪوڏواڻي... شانتي نگر ۾ رهندو آهي.

رينا : اڇا تہ توهان آهيو پائوءَ جا ماسڙ، جن جو ذڪر پيا ڪن.

بابا : توهان رميش کي سُڃاڻو.

راجيش : اهو تہ اسان فئملي فرينڈ آهي. رينا ٻہ شاعري ڪري ڄاڻي انهيءَ ڪري اسان جي سُڃاڻپ آهي.

رينا : اسان کي ٻہ آرتوار جي ڪوي سميلن جي نيئڈ آهي.

بابا : يعني تہ آرتوار ڈينهن سُڻي محفل لڳندي.

(ٽيئي ڪلن ٽا. اندران سونوُ اچي ٽو.)

سونوُ : بابا...

بابا : اڙي منهنجو راجا بيٽا (سونوُءَ کي هنج ۾ ڪڍي ٽو) تون اندر وينو هئين ڇا؟ مونکي تہ خبر ئي ڪونہ هئي.

سونوُ : بابا مان توهان سان ڪٽيِ آهيان.

بابا : ڇو... ڇو؟

سونوُ : توهان دير سان ڇو آيا؟

بابا : اوهہ ساري... ساري.

سونوُ : انهيءَ جي پنِشمينٽ ملندي.

بابا : ڪهڙي؟

books.sindhsalamat.com

سونوُ : چاڪليٽ.

بابا : اوهہ تيري ڪي. مان تہ وسري ويو هوس. (ڪيسي مان چاڪليٽ ڪيڊي ڈئيس ٽو.)

(ميوزڪ. سين سماپت.)

سين نمبر ٽي

(راجيش جي گهر جو ئي نظارو. هفتو ڪن پوءِ جو وقت. راجيش ۽ رينا پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن.)

راجيش : ڪجهہ ٻہ چئہ. ڪالهہ ڪوي سميلن ۾ مزو اچي ويو. نہ نہ ڪري تو ٻہ ڪوبتا پڙهي ورتي ۽ توڪي زوردار اپلاز ملبو.

رينا : سيني ڪان سُڻي تہ بابا جي ڪوتا هئي، جنهن کي ستينڈنگ اوويشن ملبو.

راجيش : سچ پچ... وشواس ئي نہ ٿو ٿئي تہ جنهن اِنسان سڄي عمر ڏُکن ۽ غمن ۾ گذاري آهي انهيءَ جي ڪوتا ۾ ڪل خوشيءَ جي خوراڪ نظر ٽي اچي.

رينا : شاعري اڪرن جو جوڙ نہ پر دل مان نڪتل ياونا آهي.

راجيش : درد جا ٻہ ڪهڙا ڪهڙا روپ آهن.

رينا : پر ڪي ڪي ماڻهو درد کي پنهنجي دل ۾ سانڍي رکندا آهن. ٻاهر ٻاڻ ٻہ نہ نڪرڻ ڈيندا آهن.

راجيش : ڪيڈي پنهنجائپ، ڪيڈو پيار آهي بابا جي دِل ۾. اسان هن جا ڪجهہ ٻہ نہ لڳون پر تڏهن ٻہ اسان سان ڪلي پنهنجي دل جو حال اورينڈا آهن.

رينا : پنهنجن کان حقارت ملڻ جي باوجوُد سندن دِل ۾ ايڈو پيار ڈسي منهنجي تہ دِل پرجي ٽي اچي.

راجيش : سونوُءَ کي تہ پنهنجي سڳي پوٽي ٽينوُءَ وانگر ٽا چاهن.

رينا : ها، تنهن ڈينهن سونوُءَ کي چپاٽون پئي تہ توکي ڈسي اِئين لڳندو آهي جڏ منهنجو ٽينوُ واپس اچي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com

راجيش : اڇُ بابا ڪونہ ايندا ڇا؟

رينا : ايندا تہ پڪ الائي ڇو اڇڻ ۾ دير ڪئي اٿائون. (واڇ ڏسي) سونوُ تہ بابا جي اڇڻ تائين اُباڻڪو لڳو پيو هوندو آهي. هوم ورڪ ڪي بہ هٿ نٿو لڳائي.

راجيش : هوم ورڪ ڪرائڻ لاءِ بابا جو ملي ويو اٿس.

(بابا ٻاهران اچي ٿو.)

رينا : ڇا بابا ايڏي دير اڇڻ ۾؟

راجيش : اسان هينئر توهان جي باري ۾ ئي ڳالهائي رهيا هئاسون.

رينا : توهان جي اِنتظار ۾ اسان بہ ناشتو ڪونہ ڪيو آهي.

بابا : ساري يار پئڪنگ پئي ڪيم تہ اڇڻ ۾ دير ٿي ويئي.

رينا : پئڪنگ؟

بابا : ها پائي اڇُ آشرم ۾ واپس وڃڻو آهي، انهيءَ ڪري پئڪنگ تہ ڪرڻي ئي پوندي نہ.

رينا : بابا توهان واپس آشرم ۾ ٿا وڃو.

بابا : رميش ڪيستائين روڪي ڪارائيندو. مزمان جيتروگهٽ رهي اوترو سُکو آهي. (ڪِلي ڪري) اِهو رميش ڪونہ چيو آهي، مان ٿو چوان.

راجيش : پوءِ هيءُ پيار، هيءَ پنهنجائپ، سيني کي ڪِلائڻ، پاڻ بہ اُنهن سان گڏ پنهنجا غم ڀُلائي ڪِلڻ، هي سڀُ ڇا جي لاءِ هئو بابا.

بابا : پُٽ زندگي زندهہ دليءَ جو نالو آهي. مُردا دل خاڪ جيئندا آهن.

رينا : واهہ بابا، ٻين کي ٻُڌايو ٿا ۽ پاڻ اندر ۾ ڳوڙها ٿا ڳاريو.

بابا : رينا پُٽ، پرماتما اڳيان اِها ئي پرارٿنا آهي تہ سڀُ خوش رهن، سُکي رهن. منهنجو ڇاهي، مان گهر ۾ رهان

books.sindhsalamat.com

يا آشرم ۾ ڪهڙو فرق ٿو پوي.

رينا : بابا اسان کي اِها ڳالهہ نہ ٿي وڻي تہ توهان آشرم ۾ رهو.

بابا : توکي خبر ڪونهي. اڇُڪلهہ آشرمن ۾ بہ سڀُ سهوليتون ميسر آهن. ٻُڌڻا-ٻُڌڻيون گڏجي پاڻ ۾ لوڏو، ڪئرم ۽ ڪرڪيٽ کيندا آهيون، ٽي- وي- ڏسندا آهيون. ٻُڌڻيون پاڻ ۾ گڏجي روڪي ناهيندیون آهن، اسان اُنهن جي ڪمن ۾ هٿ وٺائيندا آهيون. ڏاڍو مزو ايندو آهي. (ڪِلي ٿو).

رينا : (ٿورو ترسي) بابا...

بابا : هونئن تڪڙ نہ بہ ڪيان ها پر جانڪيءَ جو بہ-ٽي دفعا فون آيو آهي تہ ڪڏهن ٿا اچو. ڪيتري بہ وندر هجي پر جيون ساڻي گڏ نہ هجي تہ ڪهڙو مزو آهي زندگيءَ ۾. (دُکي ٿي) اؤلاد کان ڏار ٿيندي وقت هِن جي دِل تي ڇا گذري هوندي اِهو تہ ڪوئي نہ ٿو ڄاڻي. ماءُ جي دِل آهي نہ. اڪيلي ۾ روئندي آهي پر ڪُڇندي ڪونہ آهي. مون سان بہ نہ مان هِن جا ڳوڙها ڏسي سمجهي ويندو آهيان... مان هِتي آهيان تہ هُن جو ڪهڙو حال ٿيندو هوندو.. (موُڊ چينج ڪري) چڱو، هوندي حياتي تہ پيا گڏباسين. رينا پُٽ ڪا ساهتڪ گڏجاڻي ٿئي تہ ضرور ياد ڪجانءِ. مان آشرم ۾ وينديون نيون ڪوتائون تيار ڪندس... ڪِل خوشيءَ سان پريل... ڪوئي غم نہ... رڳو ڪِلٽو آ... بس ڪِلٽو... ها... ها... ها...

(بابا جي ڪِل جو آواز ٻُڌي سونوُ اندران اچي ٿو.)

سونوُ : بابا توهان ڇو ٿا ڪِلو؟

بابا : سونوُ پُٽ مان توسان ئي گڏجڻ آيو هوس.

www.sindhsalamat.com

سونؤ : توهان کوڙ ٿا ڳالهايو.

بابا : بلڪل سچ، پڳوان جو قسم. هي ڏِسُ متي تي هٿ رکيم.

سونؤ : هلو پهريون هوم ورڪ ڪرايو.

بابا : نہ پُٹ هينئر مونکي وڃڻو آ. اڄُ تنهنجو پاپا توکي هوم ورڪ ڪرائيندو. ڪيئن راجيش؟

سونؤ : پاپا نہ توهان هوم ورڪ ڪرائيندءُ.

بابا : منهنجي ڳالهہ سمجهہ، هي ڏِسُ مان تنهنجي لاءِ چاڪليٽ بہ آندو آهي. (ڪيسي مان چاڪليٽ ڪڍي ڏيکاريس ٿو.)

سونؤ : ممي چوندي آهي، پهريون هوم ورڪ پوءِ چاڪليٽ.

بابا : ضِد نہ ڪر پُٹ، مان پوءِ وري ايندس.

سونؤ : توهان ڪاڏي ٿا وڃو بابا؟

بابا : مان ٻاهر ٿو وڃان سفر تي... (راجيش ۽ رينا ڏي نهاري ٿو.)

سونؤ : ڪهڙي شهر؟

بابا : توسان ڪوڙ نہ ڳالهائيندسُ پُٹ. مان... مان... ٻُڌا آشرم ۾ رهندو آهيان.

سونؤ : اِهو ڇا ٿيندو آهي؟

بابا : جن کي پنهنجي رهڻ لاءِ گهر نہ هوندو آهي اُهي اُتي وڃي رهندا آهن.

سونؤ : توهان اُتي ڇو رهندا آهيو؟ توهان کي تہ پنهنجو گهر آهي نہ.

بابا : ڪهڙو؟

سونؤ : هيءُ... توهان هتي رهو. مونسان گڏ. (رينا کي) ممي بابا کي هتي رهايو نہ. مان روز بابا سان فوٽ بال کيڏندس... ٽي. وي. ڏسندس، هوم ورڪ ڪندس.

books.sindhsalamat.com

بابا : اِهو ممڪن ناهي پُٹ.

سونؤ : ڇو بابا...؟

بابا : هاڻي توکي ڪيئن سمجهايان، تون ننڍو آهين؟ (راجيش ۽ رينا کي) مونکي وڃڻو ئي پوندو.

(وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو.)

رينا : بابا توهان ٻُڌا آشرم نہ ويندءُ.

بابا : (واپس پلٽي) رينا...

رينا : ها بابا، توهان اسان سان گڏ رهندءُ. پنهنجي پوٽي سونؤ سان گڏ.

بابا : پر...

رينا : پر ہر ڪجهہ نہ، توهان آشرم ڪونہ ويندءُ.

راجيش : رينا...؟

رينا : ها راجيش، بابا اسان جي سونؤ ۽ ڪي نئين زندگي ڏِني آهي، هاڻي هن کي سنيالڻ جي ذميواري بہ تہ انهن جي ئي آهي.

راجيش : رينا يوُ آر گريٽ.

بابا : اِهو پاسيبل ناهي. مونکي وڃڻو ئي پوندو.

سونؤ : مان بہ توهان سان گڏ هلندس بابا. ممي منهنجو بستو ڏي مان بابا سان گڏ وڃي رهندس.

راجيش : ها اِهو نيڪ آهي، تون اُتان ئي اِسڪول وڃجانءِ، بابا توکي روز آفر پڪڑي اِسڪول ڇڏي ايندا. وڃُ بستو کڻي اچُ.

(سونؤ اندر وڃي ٿو.)

بابا : راجيش تون هي ڇا ٿو چئين؟

راجيش : سچُ ٿو چوان بابا. سونؤ توهان کي ڏاڍو چاهيندو آهي. اُڻندي وهندي توهان کي ياد ڪندو آهي. هن جو رشتو توهان سان جُڙي ويو آهي. هِن رشتي کي هاڻي نہ

www.sindhsalamat.com

ٽوڙيو بابا.

بابا : رشتو ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪٿان آئي؟

رينا : دِل تي هٿ رکي ٻُڌايو بابا سونوءَ ۾ توهان کي پنهنجي پوٽي ٽينوءَ جو روپ نظر ايندو آهي نه... ڇو توهان روز هيڏو پريان هِن سان ملڻ ٿا اچو... هِن سان کيڏو ٿا... ڳالهايو ٿا، هِن جو هوم ورڪ ٿا ڪيو، ڇو بابا ڇو؟

سونو : (اندران بستو کڻي اچي ٿو.) هلون بابا...

بابا : ٽينو...

سونو : بابا مان ٽينو نه سونو آهيان.

بابا : (سونوءَ کي گلي لڳائيندي) نه پُٽ تون منهنجو ٽينو ئي آهين. اندر هلي ڪتاب کڻ ته هوم ورڪ ڪيون. (سونو اندر وڃي ٿو.) راجيش رينا توهان... توهان مونکي ادابت ڪرڻ تي دِل ڏيکاري اِن لاءِ مان توهان ٻنهي جو ٿورائتو آهيان. توهان جيڪو ويچار ڪيو آهي سو سچ پچ ساراهه جوڳو آهي پر منهنجي لاءِ هِتي اچڻ ممڪن نه ٽيندو.

راجيش : ڇو بابا؟

بابا : مان ۽ جانڪي ٻُڌا آشرم ۾ ڏاڍا خوش آهيون. اُتي سڀني سان هِري ويا آهيون.

رينا : بابا توهان اِئين نه سوچيو ته اسان توهان کي سونوءَ لاءِ ادبت ڪري رهيا آهيون. ننڍي هوُندي ئي منهنجا ماءُ پيءُ گذاري ويا. مونکي اُنهن جو پيار نصيب نه ٿيو. مان توهان کي گهر ۾ آڻي اِهو پيار واپس حاصل ڪرڻ ٿي چاهيان بابا.

راجيش : مان به رينا وانگر اناث آهيان بابا. اسان توهان کي پنهنجي لاءِ ادابت ڪري رهيا آهيون بابا.

رينا : بابا مان توهان جي ڏيءُ به نهندس ته نونهن به. ڪاب

ڏيءُ ماءُ پيءُ کي دُکي ڏسڻ چاهيندي چا؟

راجيش : ۽ مان به توهان جو پُٽ به نهندس ته نياڻو به. بابا اسان توهان کي هٿ جوڑي پيري پيئي وينتي ٿا ڪيون.

بابا : واهه ٻارو توهان ته منهنجو من موهي ڇڏيو.

راجيش : بابا وڏڙن جو جيون وڻ جيان ٽيندو آهي. جيڪو سدائي ڦل ڦول ڏيندو آهي، مسافرن کي ڇڏي ڇانوَ ڏيندو آهي ته پکين کي آکيرا ناهڻ لاءِ جاءِ به ڏيندو آهي. هوُ شرير کان پلي ڪمزور ٿي وڃن... پر پنهنجن آزمودن سان هميشهه ٻارن جي مٿان آسيس جو هٿ رکندا آهن.

رينا : هلو ته لوناوالا ٿي اچون.

بابا : لوناوالا؟

راجيش : پيءُ ملي ويو آهي هاڻي ماءُ کي وٺڻ ٿا هلون.

رينا : ها بابا، ماڻهو ٻار ادابت ڪندا آهن اسان ماءُ پيءُ ادابت ڪنداسين.

بابا : اِئين به ٿي سگهي ٿو؟

راجيش : ها بابا بلڪل ٿي سگهي ٿو. اسان کي جيڪا ليگل فارملٽي ڪرڻي پيئي سا ڪنداسين. آشرم وارن کي رڪويسٽ ڪنداسين، پر امان کي ضرور وٺي ايندا سين.

بابا : ڪاش اِها ڳالهه منهنجا سڳا نونهن پُٽ سمجهي سگهن ها.

رينا : بابا توهان اسان کي پنهنجو سڳو نه ٿا سمجهو.

بابا : تو ته مونکي لاجواب بڻائي ڇڏيو پُٽ.

رينا : مان پنهنجي سَسُ کي شان مان سان هن گهر وٺي ايندس. هيترا سال ڏُک ڏنا اٽائين، هاڻي مان هِن کي سُک ڏيندس.

راجيش : هلوُن.

بابا : ترسو سونوءَ کي سڏ ڪيان. سونو... او سونو.

سونوُ : جي بابا.
بابا : هلُ پُڌا آشرم هلون.
سونوُ : مان پنهنجو بستو ڪٽي اچان؟
بابا : نہ پُٽ اسان اُتي رهڻ نہ ٿا هلوُن.
سونوُ : باقي؟
بابا : تنهنجي اَمان کي ونڻ ٿا هلونُ.
(سيئي وڃڻ لاءِ اڳتي وڌن ٿا. پردو ڪِري ٿو.)

(سماپت)

books.sindhsalamat.com

۷. ”واندو واسوُ“

ڪلاڪارن جي واقفيت

1.	واسوُ	هڪ واندو ماڻهو	عمر 70 سال
2.	جانڪي	واسوُءَ جي زال	عمر 60 سال
3.	پاڳوُ	واسوُءَ جو پاڙيواسو	عمر 40 سال
4.	هِڪ ٻار	----------	عمر 10 سال
5.	ٻيو ٻار	----------	عمر 12 سال
6.	نوجوان	----------	عمر 20 سال
7.	ڪوڙومل	فروٽ وارو	عمر 70 سال
8.	واڏوُمل	مائٽين وارو	عمر 70 سال
9.	هِڪ شخص	----------	عمر 40 سال
10.	پوستمئن	----------	عمر 55 سال
11.	ڀُڳڙومل	رٽائرڊ آرمي ميجر	عمر 70 سال

سين نمبر-هڪ

(پردو کُلڻ تي واسوُمل جي گهر جو نظارو. روم سيٽ. گهر ۾ سوفا، فون، ٽي.وي. وغيرہ آهي. سائيڊ ۾ ٻاهر وڃڻ جو رستو آهي. سوفا جي پاسي ۾ بيهي واسوُمل اوٻاسي ٿو ڏئي ۽ هٿ مٿي ٿو ڪري. جانڪي اندر ڪچن ۾ سنڌي گانو ڳائي رهي آهي.)

گيت : آءُ اچي مل او مٺڙ،
تنهنجي وڇوڙي ماري آهيان.

www.sindhsalamat.com

واسوٗ : (جانڪيءَ کي سڏ ڪندي) اڙي پاڳن پري، ٻُڌين ٿي... (پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي) رڙيون ڪري ڪري ڳلو سُڪي ويو آهي پر مجالا جو سڏ ڏئي. (وري سڏ ڪندي) او جانڪي.

جانڪي : (اندران ايندي) اُٿيءُ نند مان. صبح ساڻ ڪاڪڙو چو ٿا ڦاڙيو...؟

واسوٗ : ڪاڪڙو مان ٿو ڦاڙيان يا تون. هيڏو زور زور سان رڙيون ڪري ڪانا ٿي ڳائين، ماڻهو ٻُڌندا ته ڇا سوچيندا؟

جانڪي : سُنو ئي سوچيندا، چوندا، ڪو ته پاڙي ۾ آهي جو صبح ساڻ سنڌي ڳانو ڳائي ياد ٿو ڏياري ته اسان سنڌي آهيون.

واسوٗ : پر ڳاءِ ته سُر ۾ نه.. پنڇم سُر ٻُڌي ماڻهو سمجهندا سنڌيءَ ۾ ڳائي نٿي پر روئي ٿي.

جانڪي : وري به سنڌيءَ ۾ ئي ٿي روئان نه. ماڻهو ته روئندا به هندي ۽ انگريزيءَ ۾ آهن. ڳالهائڻ ته دوُر جي ڳالهه آهي.

واسوٗ : گُڊ جوڪ.

جانڪي : جوڪ نه حقيقت آهي. چئو چو سڏ ڪيوَ؟

واسوٗ : مون پئي چيو اڇُ چانهه ٻانهه ملندي يا ماڻُ ۽ ڏيءُ هڙتال ٿي ويا آهيو...

جانڪي : مليوَ ٿي. پهريون آفيس وڃڻ جي تيارِي ته ڪري خوشبوٗ. پوءِ ٻنهي لاءِ گڏ ئي رکان چانهه.

واسوٗ : منهنجي لاءِ چانهه الڳ نه نهي سگهندي آهي؟

جانڪي : کهڙو ڪر اٿوَ جو تکڙ لڳي اٿوَ. واندا ئي وينا آهيو نه... ٻه ٻه دفعا گئس چو ٻاريون.

واسوٗ : چڱو بابا پوءِ ڏجانءِ. رڙيون نه ڪر منهنجي ماءُ...

books.sindhsalamat.com

صبح ساڻ وات جو ٽيپ رڪارڊ ٿو چالو ٿي ويئي.

جانڪي : سچ ته چوان ٿي. ڪيو چا اٿوَ عمر ير؟ رُڳو پيا ماڻهن کي اُلٽيون سِڌيون صلاحون ڏيو. روُس آڪاش ۾ راکيٽ ٿو موڪلي، چين جي حالت خسته ٿي ويئي آهي. پنهنجي گهر جي حالت ڏني اٿوَ. ڪائڻ لاءِ ٻه ويلا نصيب نه ٿا ٿين. هليو آ سڄي دنيا جي پرواهه ڪرڻ. پهريون پنهنجو گهر سنڀاليو پوءِ ڏجو آمريڪا ۽ رشيا تي ياشڻ.

واسوٗ : هاڻي بس به ڪر منهنجي ماءُ.

جانڪي : ڇو بس ڪيان؟ مان چا توهان کان ڏکان ٿي. ڪيڏن ارمانن سان شادي ڪرائي هئي منهنجي ماءُ پيءُ. بابا کي سيني چيو هئو ڇوڪرو واندو آهي ته چا ٿيو. ايماندار آهي اڇُ نه سياڻي ڪمائي چڙهندو. اهڙي ايمانداريءَ کي ڏوئي پيئڻو آهي چا؟

واسوٗ : تنهنجو نالو جانڪي نه دُرگا هئڻ گهرجي هان دُرگا. جڏهن ڏُس ته شينهڙ وانگر وات ڦاڙي بيني آهين.

جانڪي : چڱو هاڻي مُنهن ڏوئي وٺ، خوشبوٗ تيار ٿي ويئي هوندي.

واسوٗ : صبح کان ٿي دفعا مُنهن ڏوئي آيو آهيان چانهه جي آسري ۾. پر چانهه ڪڙهي تڏهن نه؟

جانڪي : ٿي دفعا مُنهن ڏوئي آيا آهيو؟ لڳي ته نٿو توهان جي شڪل مان.

واسوٗ : ڀڳوان شڪل ئي اهڙي ناهي آ ته مان چا ڪيان؟

(جانڪي اندر وڃي ٿي. واسوٗ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي ٿو.)

ٻُڌئين به ڪونه. اِئين ئي هلي ويئي. ياڳوٗ چو نه آيو آهي اڃا؟ مُلڪ جي الائي ڪهڙي حالت ٿي

www.sindhsalamat.com

هوندي. گهر ۾ ٽي. وي. به کونهي جو سماچار ڪٽي ڏسجي. پاڻُو پيپر ڪٽي اچي ته خبر پوي.

(خوشبوُ اندران آفيس لاءِ تيار ٿي هٿ ۾ چانهه جو پريل ڪوپ ڪٽي اچي ٽي.)

خوشبوُ : (اندران ايندي) هان ونو چانهه؟

واسوُ : اڙي واهه ايتريءَ ۾ نهي ويئي چانهه.

خوشبوُ : ممي توهان سان ڳالهائي پيئي ته مان چانهه گئس تي رکي ڇڏي؟

واسوُ : ڳالهائي پيئي ڪن ڏنيي پيئي. ماڻهين جي سُياڻَ ۾ ڪڏهن ڦيرو نه ايندو. جڏهن ڏِسُ واڳهوُءَ وانگر وات ڦاڙي بيني هوندي.

خوشبوُ : سُنو ٽي ڪريوَ. توهان جهڙي نڪمڻي ماڻهوءَ جو اِهو ئي حال ٿيڻ گهرجي.

واسوُ : هيءَ وري ٻي. جهڙي ماءُ تهڙي ڏيءُ. (غصي ۾) چا ڪيو آ مون؟

خوشبوُ : انهي جو ئي ته ارمان آهي ته توهان سڄي عمر ڪجهه ڪونه ڪيو اٿوَ.

واسوُ : ويهُ منهنجي پاسي ۾ اچي ويهُ ته توکي سمجهايان ٿو.

خوشبوُ : نه بابا، مونکي توهانجين فالتوُ ڳالهين لاءِ فرصت ڪونهي. آفيس ٽائيم تي پهچڻو آهي. اڄُ بئنگلور جي ايجنٽ سان ميٽنگ آهي باس جي. مونکي پوُرا فگرس تيار ڪري باس کي ڏيڻا آهن. ممي‌ءَ کي چئجوس جلدي وڃي ڪم تي. مان ٻه آفيس وڃان ٿي. نيڪ آ...

(پرس ڪٽي ٻاهر وڃي ٿي.)

واسوُ : هيءَ ته ويئي. هل واسوُ چانهه پي. (چانهه جو ڏُڪ

books.sindhsalamat.com

پري) هيڏو ٻُڌڻ کان پوءِ مني چانهه ٻه ڦڪي ٿي لڳي. سچ پچ جاهلن ۽ ڳوٺاڻن جي وچ۾ اچي ڦاٽو آهيان. ڪا ڳالهه سمجهن ئي ڪونه ٿا بس فالتوُ ڳالهين لاءِ وقت ڪونهي. مان فالتوُ آهيان، نڪمو آهيان.

(جانڪي ٻه اندران آفيس لاءِ تيار ٿي اچي ٽي.)

جانڪي : (اندران ايندي) مس مس سمجهه ۾ آيو اَٿوَ.

واسوُ : چانهه ته شانتيءَ سان پيئڻ ڏي...

جانڪي : چانهه پي خالي ڪوپ رنڊڪي ۾ رکي اڇجو.

واسوُ : هاڻي اِهي ئي ڪم بچيا آهن منهنجي لاءِ...

جانڪي : واندا وينا آهيو، ڪجهه ته گهر جو ڪم ڪيو.

(ٻاهر وڃي ٽي.)

واسوُ : ويندي ويندي ٻه ڪونه ڇڏيائين. هي منهنجا مالڪ منهنجي ڏرمپتنيءَ کي سُمت ڏي. هيءَ چا چاڻي هاءِ ليول جون ڳالهيون. ملڪ جي ڪيڏي چنتا ٿو ڪيان تڏهن ٻه چوي ٽي واندو آهيان. واندو رهڻ کو گناهه آهي. دماغ خالي رهندو ته ماڻهو چار ڳالهيون سوچيندو نه، جن کي صبح کان وٺي اڌ رات تائين هاءِ گهوڙا لڳي پيئي آهي، تن کي نه پريوار جي چنتا هوندي آهي نه جهان جي. بس سڄو ڏينهن هاءِ پئسا، هاءِ پئسا، نند ٻه حرام ٽي پوين.

(پاڻُو ڏکندي ڏکندي اچي ٿو ۽ سڄي اِسٽيج جو چڪر لڳائي ٿو.)

واسوُ : اڙي اڙي ڪاڏي ٿو پڇندو وڃين؟

پاڻُو : ڪُتيمل جو پُڄڙو پُنيان پئجي ويو آهي.

واسوُ : ڪُتيمل جو پُڄڙو؟

پاڻُو : نه نه، پُڄڙيمل جو ڪُتو. گهر کان ٻاهر نڪتس ته

www.sindhsalamat.com

پُنيان اچي پيو. جاڏي وڃان پُڇ لوڏائيندو پُنيان پُنيان پيو هلندو اچي. مونکي ٻه ڪاوڙ لڳي، پٿر هڻي پڃائڻ جي ڪئي مانس ته منهنجي مٿان ئي پوڻڪڻ لڳو.

واسوُ : حرامور، هيڏو وڏو ٿي ويو آهين تڏهن ٻه ڪُتي کان ٿو ڏکين.

پاڳوُ : توهان کي خبر ناهي، هوُ ڪُتو ناهي شير آهي شير.

واسوُ : ڪُتو شير ٿيندو ته پوءِ ڪُتا ڇا ڪندا؟

پاڳوُ : هوُ اسان جي پاڙيواري رٽائرڊ ميجر پُڳڙيمل جو ڪُتو آهي. توهان کي ته خبر اٿوَ نہ، پُڳڙومل ڪيڏو خطرناڪ ماڻهو آهي، مالڪ شير ٿيندو ته سندس ڪُتو ٻه ته...

واسوُ : توبهہ منهنجا سائين- رحم ڪر-ديا ڪر- ٻاجهہ ڪر...

پاڳوُ : چو ٿا رحم جي بيڪ پنو. ڪجهہ ڪونہ ٿيڻ وارو اٿوَ توهان جو.

واسوُ : اڇ ۾ ايڏي دير چو لڳايئ؟ ڏس ٽائيم گهٽو ٿيو آهي.

پاڳوُ : ٽائيم ڪاٽان ڏسان، نہ توهان جي هٿ ۾ واچ آهي نہ منهنجي هٿ ۾. هونئن ٻه ٽائيم ڏسي ڪبو ڇا؟ ٽائيم اُهي ڏِسن جن کي ڪجهہ ڪم ڪار ڪرڻو هجي.

واسوُ : پيپر ڪٽي آئين؟

پاڳوُ : (خميس مان اندران پير ڪيندي) ٻيو نہ ته. لڪائي لڪائي ڪٽي آيو آهيان. ڊئڊي آفيس ويو ۽ مان پيپر ڪٽي هيڏي پڃُس.

واسوُ : ڪيڏو ٿو ڏکين پيءُ کان.

پاڳوُ : ڏکان نہ ٿو. ڊئڊيءَ جي هوندي پيپر هٿ ۾ نہ

books.sindhsalamat.com

ايندو آهي. پيپر نہ پڙهبو ته خبر ڪيئن پوندي ديش وديش ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، هان وٺو، پڙهي ٻُڌايو.

واسوُ : (پيپر پڙهندي) ڏکڻ پارت جي چئني صوبن ۾ چونڊن جواعلان. پرڌان منتري چونڊن جي پرچار لاءِ ويندو. (پاڳوُءَ کي) هاڻي ٻُڌاءِ، صوبن جي چونڊن لاءِ پرڌان منتري ويندو. پرڌان منتريءَ جي ته ڪا وئيليوُ ئي ڪونہ رهي آهي. ويچاري کي جتي ڪٿي پيا ٿا ڊڪائن. ڇڪ ته ڪو ريس جو گهوڙو آهي.

پاڳوُ : ڪيڏو ٿا ڏکن پبلڪ کان.

واسوُ : ڇا ٿيندو هِن مُلڪ جو؟

پاڳوُ : مُلڪ جو هاڻي ڪجهہ ڪونہ ٿيڻ وارو آهي. جيئن آهي تيئن ئي هلندو.

واسوُ : ڇڏِ پيپر کي، ٻِي ڪا ڳالهہ ڪر.

پاڳوُ : ايتريءَ ۾ پيپر ٿي ويو؟

واسوُ : ڪا ڊنگ جي خبر ئي نظر نٿي اچي.

پاڳوُ : ڏيو مان ٿو ڳولهيان ڪا چٽپٽي خبر. (اخبار پڙهي ٿو) هوُن... ها هيءَ ملي. نئين سرڪاري ڊاڪٽري کي رشوت ونڊي پڪڙيو ويو.

واسوُ : ٻُڌاءِ، نوُڪريءَ تي لڳو مس ۽ رشوت ونڊ شروع.

پاڳوُ : هيڏا خرچ ڪري پڙهائي ڪندا ته پوءِ ڪٿان نہ ڪٿان ته پوُرت ڪندا ئي.

واسوُ : تڏهن ٻه پئسي جي ايڏي بُک. مريض اڳيئي پريشان هوندا آهن، مٿان هي رشوت وٺي اُنهن کي وڌيڪ پريشان ٿا ڪن.

پاڳوُ : ڊاڪٽر ٻه ڇا ڪن ويچارا، تيل ته ترن مان ئي نڪرندو نہ.

www.sindhsalamat.com

واسوُ : انهيءَ ۾ سڄي غلطي ماءُ پيءُ جي آهي.

پاڳوُ : ماءُ پيءُ جي ڪيئن ٻلا؟

واسوُ : هيڏا خرچ ڪري هارن کي پڙهائي ڇو ٿا؟

پاڳوُ : ڇا ڪن ويچارا، مجبور آهن هارن جي اَڳيان. اڇڪلهه جا هار اُنهن جي ٻُڌن ئي نه ٿا. پنهنجو مُلڪ ڇڏي ڊاڪٽري پڙهڻ فارين ٿا وڃن.

واسوُ : سنسڪار ئي ڪونه آهن نه. مان ته چوان ته پلي ٻُڪيو رهجي پر پنهنجي مُلڪ ۾ ئي رهجي.

پاڳوُ : اسان ڪونه رهيا پيا آهيون.

واسوُ : ڪم ڪيون نه ڪيون پر رهنداسين پنهنجي ئي مُلڪ ۾.

پاڳوُ : (ٿورو ترسي) ٻُڪ لڳي آ. چاچي ڪائڻ لاءِ ڪجهه رکي نه ويئي ڇا؟

واسوُ : صبح ساڻ ٻُڪ. گهران ڇانهه ٻانهه ۾ ڪونه پيِ آيو آهين ڇا؟

پاڳوُ : مونکي اڪيلو ڇانهه پيئڻ نه وڻندي آ. انهيءَ ڪري ڪنهن نه ڪنهن جي گهر هليو ويندو آهيان. مونکي ۾ ڪمپني ملي پوندي آهي ته ڇُنن کي ۾.

واسوُ : تنهنجي پنهنجي ڪمپني ته طلاق ڏيئي هلي ويئي. ٻيا ڇو ڪمپني ڏيندا توکي؟

پاڳوُ : ڏسو، ٿي سگهي ته ڇانهه پيئاريو.

واسوُ : ڪير ختم ٿي ويو آهي.

پاڳوُ : ٻلا ڪو سيوَ ڇيوڙو، ڪو بسڪوٽ، ڪجهه ته هوندو نه گهر ۾.

(واسوُ اُٺي ڪري رنڊڪي ڏانهن وڌي ٿو. ٿي هار ۽ هڪ نوجوان ڇوڪرو ٻاهران اچن ٿا. واسوُ اُنهن کي ڏسي بيهي ٿو رهي.)

books.sindhsalamat.com

نوجوان : جئ جهوليلعل دادا.

واسوُ : جئ جهوليلعل، اچو اچو.

نوجوان : (پاڳوُءَ کي) توهان ۾ ڇئو نه جئ جهوليلعل.

واسوُ : (پاڳوُءَ کي) ڇو ڙي، جهوليلعل جو نالو ڪٽندي لڄ ٿي ٿيئي.

پاڳوُ : نه نه لڄ وري ڇا جي. جئ جهوليلعل، جئ جهوليلعل.

واسوُ : ڇئو، اڄ ٻالڪ منڊلي ڪيڏانهن نڪتي آ.

هڪ هار : چندو ونڊ.

واسوُ : (مُنهن موڙي) چندو...

ٻيو هار : ها نوراتريءَ جو چندو.

واسوُ : ايتري ۾، اڄا هاڻي ته چندو ونڊ آيا هئا.

پهريون هار : پر توهان ڏنو ڪٿي هئو؟

واسوُ : نه ڏنم ته ڪو پاپ ڪيم. ٽنگ جيترو ڇوڪرو مونکي ٿو ڏنيي.

نوجوان : دادا اُهو گٽپتيءَ جو چندو ونڊ آيا هئاسين.

پاڳوُ : ڏنوَ ڇاڇا. اسان جي اِشٽ ديو جهوليلعل جي جئ ٿا چوارائن ۾ چندو گٽپتيءَ ۽ نوراتريءَ جو ٿا ونن.

واسوُ : نهي ٿو. پاڻ کي سنڌي ٿا سڏايو، وڃو، ڇيٽي چنڊ تي اڇجو.

هڪ هار : اِهو ڇا ٽيندو آ؟

واسوُ : اهي اٽئي اسان جي سنڌين جا سنسڪار. هارن کي خبر ئي ڪونه آهي ته ڇيٽي چنڊ ڇا ٽيندو آهي. اڄا پڙهايو هارن کي ڪانوينٽ ۾.

پاڳوُ : فارين موڪليو هارن کي.

واسوُ : انگريزي ڪلچر ئي ته اسان سنڌين جي ٻيڙي ٻوڙي آهي. رُڳو نقل ڪرڻي آ، عقل ڪان ڪم نه ونڊو آ. (هڪ هار کي) توکي خبر اٽئي اسان دنيا جي سپ

www.sindhsalamat.com

کان پُراڻي سيڻتا جا وارث آهيون.

ٻيو ٻار : (نوجوان کي) هي ڇا ٿو چوي؟

نوجوان : هي اسان کي پڪائي ٿو.

واسوٗ : مان پڪايان ٿو.

نوجوان : پاڙي ۾ سڀ چوندا آهن، واسوٗمل ڏاڍو پڪائيندو آهي.

واسوٗ : مان ماڻهن کي پڪائيندو آهيان، کنهن پُٽ آهين ڙي تون؟

نوجوان : تاراچند جو.

واسوٗ : ۽ تاراچند کنهن جو پُٽ آهي؟

نوجوان : خبر ناهي.

پاڳوٗ : ڪمال آهي، توکي پنهنجي ڏاڏي جو نالو خبر ناهي.

نوجوان : ڏاڏو ڇا؟

پهريون ٻار : تنهنجو گرئنڈ فادر.

ٻيو ٻار : پاپا مونکي ٻُڌايو ئي ڪونہ آهي.

واسوٗ : گهر ڪو فوٽو ٻوٽو تہ هوندو نہ ڏاڏهن جو، جنهن تي روز پٽهين هار چاڙهيندو هوندو.

پهريون ٻار : اسان جا گهر مادرن آهن، ائشوريہ راءِ ۽ مِليڪا شيراوت جا فوٽو لڳل آهن اسان جي گهرن ۾.

واسوٗ : خبر ٻہ اٿو. تاراچند جي پيءُ هوندلداس ئي چيٽي چنڊ ميلي جي شروعات ڪئي هئي هِن شهر ۾. اُنهن جي ٻارن کي ئي چيٽي چنڊ جي ڄاڻ ناهي.

پاڳوٗ : ايڏا ڪيٽرو ڪِرندو اسان جو سماج. هي نوجوان...

نوجوان : ڏسو توهان چپ چاپ چندو ڏيو.

واسوٗ : چندو ڏيون، ڇا ڪندوَ ايڏا پئسا؟

پهريون ٻار : ماتا راڻيءَ جي مورتي وڻندا سين.

ٻيون ٻار : هڪ اِستيج ٺهرائيندا سين جتي روز فئنسي ڊريس

books.sindhsalamat.com

جي، ڊي.جي. ڏمال.، پورا نوَ ڏينهن مؤج ڪندا سين.

واسوٗ : هوٗن، يعني تہ ڏمال ڪرڻ لاءِ چندو ڪپيوَ. نوراتري ڏمال ڪرڻ لاءِ هوندي آهي؟

ٻار : توهان ٻُڌايو، نوراتري ڇا جي لاءِ هوندي آهي؟

پاڳوٗ : واهہ ڪلهوڪو ڇوڪرو اسان کان ٿو سوال پُڇي. تون ڪنهن جو پُٽ آهين ڙي؟

ٻار : ڪنهن جو ٻہ هجان، توهان جو مطلب؟

واسوٗ : ڇا ملندو فئنسي ڊريس مان، ڊي. جي. مان، اِها اسان جي سنسڪرتي ناهي،اسان جي سنسڪرتي، اسان جي سيڻتا، اسان جي ٻولي...

نوجوان : اڙي يار، چندو ڏيڻو اٿوَ تہ ڏيو، پاشڻ نہ ڏيو.

پاڳوٗ : وچ وچ، نٽا ڏيون چندو.

نوجوان : وڃون ٿا، هلو ڙي، پڪائو، ڪنجوُس، سُڃا.

(سڀ وڃن ٿا.)

پاڳوٗ : چاچا، هن توهان کي سُڃو چيائين، پڪائو چيائين، ڪنجوُس چيائين.

واسوٗ : مونکي اڪيلي کي نہ، ٻنهي کي چيائين.

پاڳوٗ : هاڻي ڪجهہ ڪٽي اچو تہ ڪائون...

واسوٗ : اڙي ها، چرين جي چڪر ۾ وسري ويس تہ توکي ٿوري ٻُک لڳي آ.

پاڳوٗ : ٿوري نہ الاهي ٻُک لڳي آ.

واسوٗ : ويهہ ويهہ تہ ڪجهہ ڪائڻ لاءِ ڪٽي ٿو اچان، پوءِ لست ٿا ڪيون.

(اندر وڃي ٿو. پاڳوٗ گهمندو گهمندو دريءَ وٽ اچي ٿو، ٻاهران هِڪ فروٽ وارو لنگهندو نظر اچيس ٿو.)

پاڳوٗ : (دريءَ مان) اڙي او فروٽ وارا، هيڏي تہ اچ.

ڪوڙومل : اچان ٿو.

www.sindhsalamat.com

پاڳوُ : (سواگت) چاچي واسوُمل کي پلي گھر ۾ ڪجھ نہ ليي، ھتي تہ بندوبست ٿي ويو.

واسوُ : (واپس ايندي) ساري يار، اندر تہ ڪجھ بہ ڪونھي.

پاڳوُ : اندر ناھي تہ چا ٿيو، ٻاھر تہ آھي.

واسوُ : ٻاھر؟ ڪٽي؟

پاڳوُ : اچي پيو ٿو، فروٽ وارو.

واسوُ : اڙي گڏھ، پئسا ڪونہ آھن مون وٽ.

پاڳوُ : حق تي ماڻھو توھان کي سُڃو چوندا آھن.

واسوُ : تو وٽ آھن چا؟

پاڳوُ : پئسا تہ مون وٽ بہ ڪونہ آھن.

واسوُ : پوءِ ڇو سڏ ڪيئہ فروٽ واري کي؟

پاڳوُ : مونکي لڳو توھان وٽ ھوندا.

واسوُ : ھاڻي چا ڪيون؟ سوچ.

پاڳوُ : گھر توھان جو آ، توھان ئي سوچيو.

واسوُ : ترس، ڪيون ٿا انھيءَ جو بہ ڪجھ اڇڻ ڏيس.

(فروٽ وارو ڪوڙومل اندر اچي ٿو. مٽي تي وزندار فروٽ جو ٽوڪرو اڇس.)

ڪوڙومل : ھا سائين، ھت ونايو.

پاڳوُ : چا چيوَ؟

ڪوڙومل : ھت ونايو معني ٽوڪرو ھيٺ لھرايو.

پاڳوُ : اِئين چئو نہ، آن، آن، آن، ھي ونو.

(ٽوڪرو لھرائيس ٿو.)

ڪوڙومل : چئو سائين، ڪھڙو فروٽ ڪارايانوَ؟

پاڳوُ : ڪوبہ تازو فروٽ ڪاراءِ.

ڪوڙومل : سڀ تازا آھن ادل، تون چئو توکي چا ڪپي.

پاڳوُ : (واسوُءَ کي) چئو دادا چا ڪائيندا؟

واسوُ : ھا ادا، چيڪو ڪھڙو اڳھ لڳائيئہ؟

books.sindhsalamat.com

ڪوڙومل : پندرھن رپيا پاڻُ.

واسوُ : (ھٿ ۾ ڪٽي) ھي تہ ڦٽل آھن، تازا ڪيئن ٿيا؟

ڪوڙومل : دادا قسم سان اڇُ ئي ونڊي آيو آھيان.

واسوُ : صفا نرم، ڏي نٽا سگھن تازا.

پاڳوُ : ٻن ڇڻ ڏينھن جو بچيل مال ڪٽي آيو آھين چا؟

ڪوڙومل : مان توھان سان ڪوڙ ڳالھائيندس، پنھنجي سنڊي پاڻُ سان.

واسوُ : نہ بابا، نہ ڪپن، واپس رکُ.

ڪوڙومل : ٻيو ڪجھ ڏيانوَ پلا.

پاڳوُ : (ٻہ ڏي انگور ڪاڍي) انگور ڪيئن لڳايئہ ڪاڪا؟

ڪوڙومل : ويھہ رپيا پاڻُ.

پاڳوُ : ڪلو گھٽي ٿيا.

واسوُ : چريو ٿيو آھين چا؟ ڪلو ڪير ڪائيندو پاڻُ ڪن تور.

ڪوڙومل : (انگور توري) ھان ونو سائين، پاڻُ انگور.

واسوُ : (انگور ڏسندي) ھن جھڳيءَ ۾ تہ الاھيءَ انگور خراب آھن، واپس ڪٽي وچ، نہ ڪپي ڪجھ.

پاڳوُ : ڪيلا، ڪيلا ونون ٿا...

واسوُ : ڇڏ يار، ڪجھ نہ ڪپي.

ڪوڙومل : ادا مان صبح کان ٻُھٽي بہ ڪونہ ڪئي آھي، ڪجھ تہ ونو.

واسوُ : ڇڪو ڏي ڇھ ڪيلا ڏي.

ڪوڙومل : (ڪيلا ڳڻيندي) ھي ونو...

واسوُ : اِھي سنھا نہ، ھن مان ٽلھا ڪڍي ڏي.

ڪوڙومل : جيئن توھان جي مرضي، گراھڪ کي خوش رکڻ اسان جو فرض آھي.

(ڪيلا واسوُءَ کي ڏئي ٿو.)

واسوُ : (پاڳوُءَ کي) ونڊ ٻہ تون ڪاءُ، چار مان ٿو ڪانوان.

www.sindhsalamat.com

پاڳوُ : اڏو اڏ ورهايو ها نہ.

واسوُ : تون ننڍو آهين اڃا، ٿورو گهٽ کائيندو ڪر، نہ تہ وزن وڌي ويندءُ.
(ٻئي ڪيلا چلي کائين ٿا، چلڪا اُتي ئي رکن ٿا.)

ڪوڙومل : سائين ڪيلا پوءِ کائجو، پهريون منهنجو حساب تہ ڪيو.

واسوُ : حساب ڇا جو حساب؟

ڪوڙومل : ڪمال آ، ڪيلا جو ورتوَ.

واسوُ : ڪيلا تہ انگور ڏيئي ڪري ورتاسين نہ.

ڪوڙومل : (ڪجهہ سوچيندي) چڱو ٻلا انگور جا پئسا ڏيو.

پاڳوُ : چيڪو جو واپس ڪياسين.

ڪوڙومل : برابر، انگور تہ چيڪوءَ جي بدران ورتو. مان بہ چريو آهيان.

پاڳوُ : ٿيندو آ ڪاڪا، ٻُڌاپي ۾ ماڻهو ويسرڪاڏو ٿي ويندو آهي.

ڪوڙومل : معاف ڪجو سائين غلطي ٿي ويئي.

پاڳوُ : هٿ وٺايانوَ؟

ڪوڙومل : ها ادا وٺاءِ هٿ. پڳوان پلي ڪندءِ.
(پاڳوُ ٽوڪرو مٿي تي رکائيس ٿو. ڪوڙومل وڃي ٿو.)

واسوُ : (ڪلندي) ڏٺئہ ڪيئن چريو ٺاهيومانس.

پاڳوُ : ويچارو گهر وڃي سوچيندو تہ ڇا ٿيو؟

واسوُ : هل، هيانوَ جهل تہ ٿيئي نہ...

پاڳوُ : سوچيان ٿو گهر وڃي روٽي ڪاوان، ٻن ڪيلن ۾ پيٽ ڪونہ ڀربو.

واسوُ : اِئين ڪيئن؟ اڃا هاڻي تہ آيو آهين ايتريءَ ۾ تہ گهر ۾ روٽي بہ ڪونہ ملندءِ.

books.sindhsalamat.com

پاڳوُ : ٿوري دير ٽي. وي. ڏسندس، توهان ٽي. وي. تہ سدائين بند لڳي پيئي هوندي آهي نہ.

واسوُ : تون جو ايندو آهين، پوءِ ٽي. وي. ڏسي ڇا ڪبو؟
(پُڻيان گئلريءَ جي پاسي واري رستي تان واسوُءَ جو سالو هيمن ۽ سندس دوست پپوُ ايندي نظر اچن ٿا. پاڳوُءَ جو ڏيان وڃي ٿو.)

پاڳوُ : لڳي ٿو ڪي مزمان ٿا اچن توهان وٽ.

واسوُ : مزمان، مون وٽ ڇو ٿا اچن پائي؟
(واسوُءَ جو سالو هيمن ڏکندو ڏکندواچي ٿو ۽ واسوُءَ جي پيرن تي اچي ڪري ٿو.)

هيمن : (واسوُءَ جا ٻئي پير پکڙي) جيجاجي.

واسوُ : ڪير آهين ڙي؟

هيمن : مونکي نہ سُڃاتوَ جيجاجي. مان توهان جو سڪيلڊو سالو هيمن آهيان. (پپوءَ کي مٿي تي ڏک هڻي) پيري پئہ نہ ڙي، خبر اٿئي هي ڪير آهن، منهنجا وڏا پيٽويا واسوُمل ميرچنداڻي، سنڌ ۾ نوابشاہ جي مشهور زميندار جي خاندان جا آهن.

پپوُ : (واسوُءَ جا ٻئي پير پکڙي) جيجاجي.

واسوُ : تون تہ سالو آهين، هي ڪير آهي جو زبردستي منهنجا پير ٿو پکڙي، هن کي هتي ڇو وڻي آيو آهين.

پپوُ : (وري واسوُءَ جا پير پکڙي) جيجاجي.

واسوُ : هي مونکي جيجاجي ڇو ٿو چوي؟

هيمن : هي آهي تہ منهنجو سڪيلڊو دوست پر پائرن کان بہ وڌيڪ آهي، منهنجو ڀاءُ يعني توهان جو ساهرو مائٽ ٿيو نہ. سمجهو تہ توهان جو سالو آهي، سالا تہ شينهن کي بہ پيارا هوندا آهن نہ جيجاجي.

www.sindhsalamat.com

واسوُ : اڇا، سالا شينهن کي پيارا ۽ نياڻو؟ انهيءَ کي ته توهان پُڇندا ٻه ڪونه آهيو ته ڪهڙيءَ ڪُنڊ ۾ وينو آهي؟ هيترن سالن ۾ ڪڏهن روٽي موڪلائي اٿوَ. پٽهين ته مُنهن ڏيئي ڳالهائيندو ٻه ڪونه آهي ۽ ماڻهين...

هيمن : ممي ته اُٺندي وهندي اوهان جي ساراهه ڪندي رهندي آهي. چوندي آهي اسان جو نياڻو ته لکن ۾ هِڪ آهي.

(ٻاهران پريتم ٻنهي ڪُلهن تي ٻه بئگون ڪٽي ۽ متي تي هڪ ٽرنڪ ڪٽي اندر اڇي ٿو.)

پريتم : الا، ڪيڏو ڳوڙو سامان آهي. (پاڳوءَ کي) مون ڏي گهوري گهوري نهاريو ڇو ٿا، هٿ وڌايو ته سامان هيٺ لاهيان.

(پاڳوُ اڳتي وڌي پريتم جو سامان وڻي هيٺ رکي ٿو.)

پاڳوُ : ڪمال آهي، هن گهر ۾ جيڪو ٿو اڇي مونکان ٿو حمالي ڪرائي.

واسوُ : ڇا ٿو ڪرين پاڳوُ، سامان ڇو لهرايائيس، پهرين پُڇينس ته سهين ڪير آهي؟

پاڳوُ : ڪير آهين ڏي؟

پريتم : (پاڳوُءَ جي پيرن تي ڪِريِ) جيجاجيِ.

هيمن : (پريتم کي اُٺاري) ڇا ٿو ڪرين چريا؟ انهيءَ کي ڇو ٿو پيري پوين،هيڏي پيري پئه.

پريتم : (واسوُءَ جي پيرن تي ڪِريِ) جيجاجيِ.

هيمن : ها،هاڻي صحيح سُڃاتئه. توکي گهٽا دفعا چيو آهي ته ماڻهو ماڻهو ڏِسي ڪِري پيري پوندو ڪر. هوُ مالڪ ٿوريئي آهي، شڪل ۾ ته هن شاهي خاندان جو نوڪر ٿو لڳي.

books.sindhsalamat.com

واسوُ : شاهي خاندان؟ نوڪر؟ اڇ ڪٽان سڄُ اُپريو آهي جو مون کي مسڪا ٿو مارين، ضرور ڪو مون ۾ ڪم ڦاٽو هوندوَ.

پريتم : (وري واسوُءَ جي پيرن تي ڪِريِ) جيجاجيِ.

واسوُ : هيِ آهي ڪير؟

هيمن : هيِ منهنجو سڪيلڏو پُٽ پريتم. پريتم پيارا هيِ تنهنجو سڪيلڏو پُڇڙ؟

واسوُ : سڀني سڪيلڏن کي منهنجي گهر ڇو وڻي آيو آهين؟

هيمن : هيِ پپوُ آهي ته هن جو وڏو ڀاءُ هِتي اِسپتال ۾ پرتي آهي انهيءَ کي ڏسڻ آيا آهيون، هيڏو پريان آيا آهيون ته هفتو ڪن ته رهبو ئي رهبو، هڪ هوٽل ۾ ويهاسين ته پنج هزار روز جو ڪِرايو پيو ٻُڌائي، ڪاڏو پيتو الڳ. مان چيومانس ”پپوُ تون چنتا نه ڪر، منهنجو جيجاجيِ ڏاڍو دل وارو آهي.“

پپوُ : (وريِ هڪ دفعو واسوُءَ جا ٻئي پير پکڙي ٿو.) جيجاجيِ.

واسوُ : ڇڏِ ڇڏِ، پاڳوُ مونکي ڇڏاءِ.

(پاڳوُ اڳتي وڌي پپوُءَ کي ٻنهي هٿن سان پکڙي اُٺاري ٿو.)

پاڳوُ : هي ته اُٺي ئي نٽو، ڄُونر وانگر ڇُنبڙي بينو آهي.

پپوُ : نه ڇڏيندس، مان پنهنجي جيجاجيءَ کي نه ڇڏيندس.

پاڳوُ : (زور سان ڇڪيندي) سائين توهان ڏي ڪٽي پير پري ڪيو. انگد وانگر زمين ۾ کوڙي ڇو بينا آهيو؟

واسوُ : (پير پري ڪندي) هل هل، هي ڪهڙو جناور وڻي آيو آهين، پري ٽيءُ، پري ٽيءُ.

هيمن : جيجاجيِ. هيِ منهنجو ڏاڍو پيارو دوست آهي.

www.sindhsalamat.com

پاڳوُ : سکيلڏو...

هيمن : ها ها سکيلڏو... گهر ۾ ڪجهه ڪم ڪار هوندو ڪونہ اٿس، سو واندڪائيءَ ۾ اسان جي گهر اچي ٽائيم پاس ڪندو آهي.

واسوُ : واندو ماڻهو گهر جو جان.

پاڳوُ : واندا ماڻهو هيئن هوندا آهن ڇا؟ (پپوُ اڳتي وڌي ٿي.ويءَ جو رموٽ ڪٽي ٿي. وي. هلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.)

پپوُ : پرينہ پيارا هن ۾ فوٽو ٿہ ڏسڻ ۾ ئي نٿا اچن.

پرينہ : ڏسان ڏسان.

واسوُ : اڙي چريا ٿي. وي. خراب آهي، ماڻهن کي ڊيڪارڻ لاءِ رکي آهي ٿہ اسان وٽ بہ ٿي. وي. آهي.

پاڳوُ : نہ ٿہ ماڻهن کي خبر ڪيئن پوندي ٿہ اسان بہ خانداني ماڻهو آهيون.

واسوُ : رکُ رموٽ رکُ. (هيمن کي) اڙي يار پکڙيس نہ ٿہ ٿي. وي. خراب ڪري ڇڏيندو.

هيمن : خراب شيون گهر ۾ رکندا ڇو آهيو؟

واسوُ : ٿي. وي. خراب آهي دٻو ٿہ سُنو اٿس نہ ۽ تون ڪير ٿيندو آهين ڙي منهنجي شيءِ کي خراب چوڻ وارو؟ پنهنجي گهر جي حالت ڏني اٿئي. پلنگہ جو هِڪ پائو پڳو پيو آهي. اڳئين دفعي سُمهڻ ويس ٿہ هيٺ ڪِري پيس.

هيمن : اِها ٿہ ڏهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي.

واسوُ : تنهن کان پوءِ گهرايو ڪٽي اٿوَ؟

هيمن : بابا چوندا آهن تنهنجي جيجاجيءَ کي نہ گهرائڻو آهي.

واسوُ : ڇو؟

books.sindhsalamat.com

هيمن : واندو ماڻهو آهي نہ ايندو ٿہ واپس وڃڻ جو نالو ئي نہ وٺندو. هفتو ڪن رهي پوندو. پوءِ روز ڇِڪن مٽن جي ڳُهر ڪندو آهي.

واسوُ : پڙهين اِئين ڇيو. وٺي آ پڙهين کي ٿہ بُڌايانس ست سريوُن. اڳئين پيري دال اهڙي ڪارايائون جهڙو نڇو پاڻي.

هيمن : اِها ٿہ ڏهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي.

واسوُ : اڙي ٿہ تنهن ڪانپوءِ گهرايو ڪٽي اٿائون.

هيمن : اَمان چوي پيئي تنهنجي جيجاجيءَ کي نہ گهرائڻو آهي.

واسوُ : اُها ڇو پيئي چوي پائي؟ انهيءَ جي ڪهڙي ٻلي ماري آهي مان.

هيمن : چوي پيئي واندو ماڻهو آهي نہ. ايندو ٿہ...

واسوُ : واندو واندو ڇا جي لڳائي اٿئي ڙي. آهيان ٿہ ڇا پڙهين جو ٿو ڪاوان.
(پپوُ ديوان تي وڃي وهي ٿو.)

پپوُ : جيجاجي، هي گدو ٿہ ڏاڍو نرم آهي. اڄُ رات مان هن تي ئي سُمهندس.

واسوُ : پڙهين جي شادي آهي جو رات هتي ٽڪندين. اُٺ، اُٺ هِتان. پاڳوُ اُٽاريس يار.

پاڳوُ : (اڳتي وڌي) نہ نہ هي مون کان نہ ڪڇندو. هن کي ڪٽندس ٿہ چيلهہ ۾ سوُر پئجي ويندو.

واسوُ : (هيمن کي) تون اُٽاريس.

پرينہ : منهنجي پيءُ جي چيلهہ ۾ سوُر پئجي وڃي ٿہ.

پاڳوُ : پوءِ ڇاهي واسوُمل وٽ ملہ آهي نہ، پنڇن منٽن ۾ سوُر غائب.

واسوُ : مان ڇا ميڊيڪل اِسٽور کولي رکيو آهي جو هنن ڇرين

www.sindhsalamat.com

جو علاج ڪندس. هن کي اِسپتال وٺي وڃيس، پاڻ سان گڏ رهندو، ڀالهيون ڀولهيون ڪندو ته دماغ ٺڪاڻي تي اچي ويندس.

پريتم : چرين جي اِسپتال ۾ دماغ ٺڪاڻي تي ڪيئن ايندو آهي؟

ڀاڳو : هن جو پاڻ چرين جي اِسپتال ۾ پرتي آهي؟

پريتم : هن جو وڏو پاڻ جو آهي.

ڀاڳو : يعني ته هيءَ خاندائي بيماري آهي.

واسو : (هيمن کي) هِن کي هِتان جلدي وٺي وڃُ نه ته مان چريو ٿي پوندس.

پريتم : پر توهان بہ اسان سان گڏجي هلجو.

واسو : ڪڍ ڪڍ پنهنجو سامان ۽ پڇ هان ۽ توهان ٻئي بہ هتان هلندا ٿيو.

هيمن : جيجاجي اِئين نہ ڪيو. اسان نڏڪن وانگر ڪٿي ڪٿي پيا رُلنداسين؟

واسو : ڪڏ ۾ وڃي پئو. خبردار جي وري هِتي پير بہ رکيو اٿوَ ته.

هيمن : اسان کي اِنڪار ڪري توهان ميرچنداڻي خاندان جو شان مان متيءَ ۾ ملائي رهيا آهيو؟

واسو : ڀاڳو هي اِئين نہ ويندا ڏنڌو ته ڪٽي آ.

ڀاڳو : توهان جي گهر ۾ ڏنڌو آهي ڇا؟

واسو : ڏنڌو ناهي ته پادر ته هوندو.

ڀاڳو : توهان ته پيري اُگهاڙي بينا آهيو. مان بہ گهران اِئين ئي...

واسو : ته هنن جو پادر لاهه...

ڀاڳو : يعني ته جنهن جو مُنهن تنهن جو موچڑو.

پپو : موچڑو ڇا ٿيندو آهي؟

books.sindhsalamat.com

هيمن : اڙي هل هِتان. سنڈي اڪرن جي معنيٰ پوءِ پُڇجانءِ.
(هيمن پپوءَ جو هٿ پکڑي پڄي ٿو وڃي.)

واسو : تون ڇو بينو آهين ڙي؟

پريتم : نہ، نہ،نہ، مونکي مار نہ ڪائڻي آهي. (ڀاڳوءَ کي) جلدي سامان ڪڍايو.
(ڀاڳو سامان ڪڍائيس ٿو. پريتم سامان ڪٽي ڏکندو وڃي ٿو. ڀاڳو ۽ واسو پاڻ ۾ هٿ ملائين ٿا.)

ڀاڳو : هي ته بنا پادر جي ڪم ٿي ويو.

واسو : اِنسان مار کان نہ مار جي ڊپ کان ڈکندو آهي.

ڀاڳو : هاڻي ته گهر وڃان، روٽي ڪاوان، پوءِ ننڊ ڪيان.

واسو : هل پلي، وري اچجانءِ سياڻي، ڊاڍا ڊٻا هٽنداسين.

ڀاڳو : ٻيو اسان کي ڪم ڪهڙو آهي، چڱو جئہ جهوليلعل.

واسو : ٻيڙا ئي پار، ٻيڙا ئي پار.
(ڀاڳو وڃي ٿو. واسو سوفا تي آرام سان ليٽي ٿو پوي.)

واسو : (پنهنجو پاڻ سان) ڀالهائي ڀالهائي بہ ماڻهو ٽڪجي ٿو پوي ڪن نہ. ايڏا چون ٿا ڪجهہ ڪم ڪار ڪر، ڪم ڪن منهنجا دشمن...
(سُمهي ٿو. لائيٽ ٿوري دير ڊم ٿئي ٿي، وري فيڊ اِن ٿئي ٿي.)

(ميوزڪ. سين سمايت)

سين نمبر ٻہ

(ڏيري ڏيري جنرل لائيٽ وڌي ٿي. ساڳيو ئي گهر جو نظارو. شام جو وقت. جانڪي ٻاهران اچي ٿي، واسو اُٺي ڪڙو ٿو ٿئي.)

جانڪي : ننڊون ڪيوَ.

واسو : ڪهڙي ننڊ ٿي، مڙئي ٽنگو ڊگهيون ڪيم.

جانڪي : سڄو ڏينهن ڪڇ-ڪڇ لڳائي وينا آهيو پوءِ ڏينهن

www.sindhsalamat.com

جو بہ ننڊون ٽا ڪيو تہ رات جو بہ. چانھہ پيئندا؟

واسوُ : ناھيندينءَ تہ ضرور پيئندس.

جانڪي : (رنڊڪي ڏي ويندي) خوشبوءِ اچي تہ اڳوپو پوءِ ٽي ناھيان پلا.

واسوُ : (سوگت) حد آھي. ھر ڀالھہ تي خوشبوءِ اچي خوشبو اچي. منھنجي مُنھن مان چا بدبوءِ ٽي اچي؟

جانڪي : اچڻ جو ٽائيمر ٽي ويو اٽس تہ ٽورو ترسڻ ۾ چا ٽو وڃي؟

واسوُ : چڱو بابا ترسان ٽو.

(جانڪي رنڊڪي ڏي وڃي ٽي.)

واسوُ : ھر ڀالھہ تي دڙڪا. ھر ڀالھہ تي جھڳڙو. (رڙيون ڪندي) ٻُڌين ٽي. تون غصو ڪندي آھين تہ ڏاڍي خوبصورت ڀَندي آھين. (سوگت) ٻيو چا چوان، من ڪي تہ ڪجھہ سُجھي ئي نہ ٽو.

(خوشبوءِ جو پرويش)

واسوُ : اچي وئينءَ، تون بہ وڃھہ، ماڻھين بہ وڃھي پيئي مون سان. ڪمر تي وڃي تڏھن بہ وڃھي، موٽي اي تڏھن بہ وڃھي. غصو تہ چوويھہ ئي ڪلاڪ نڪ تي چڙھيو پيو اٽس. ھاڻي وچ، چانھہ ٻانھہ پيئار تہ ڪو گلو تر ٽئي. نہ روٽي وقت تي ملي، نہ چانھہ، زال ڪي پرواھہ آھي نہ ڏيءُ ڪي.

خوشبو : ٻيا ڪمر بہ ڏسڻا آھن نہ بابا. توھان وانگر گھر ۾ خالي تہ ڪونہ وينا آھيون.

واسوُ : ٽورو آفيس مان جلدي ايندينءَ تہ ڪھڙو طوفان اچي ويندو؟

خوشبو : مان ھن ڪان اڳہ ڪونہ اچي سگھندي آھيان، ذميواريءَ جو ڪمر آھي.

books.sindhsalamat.com

واسوُ : وڏي آئي آ ذميواري نيوٽريشن واري.

خوشبو : ڪمر ڪيو تہ خبر پئيوَ نہ. (اُٿي رنڊڪي ڏي ويندي) برداشت جي بہ حد ٽيندي آھي.

جانڪي : (چانھہ ڪٽي اچي ٽي.) ھاڻي بس بہ ڪيو، زور زور سان رڙيون ڪري پاڙيوارن کي ٽا ٻُڌايو.

واسوُ : (غصي ۾) ماڻھن جا مڙس شرابي ۽ ڪبابي ھوندا آھن، دارون پين، گھر اَچي ٻارن کي ماريندا آھن، زال سان گارگند ڪندا آھن تڏھن بہ گھر ۾ اُنھن جي عزت ھوندي آھي ۽ منھنجي.

خوشبو : (اندران ايندي) اُھو بہ ڪري ڏسو، ماريو مونکي. ھونئن بہ کھڙو پيءُ جو پيار ڏنو اٿوَ.

واسوُ : (جانڪيءَ کي) ڏسين ٽي، پيءُ سان ڪيئن ٽي ڀَالھائي.

خوشبو : الائي ممي ڪيئن توھان سان زندگي گذاري آ. ھتي تہ ھِڪ ڏينھن بہ گذارڻ مشڪل آھي.

جانڪي : خوشبو ھاڻي تون ئي ڪٽي بس ڪر.

واسوُ : نہ ڪري بس، مان ئي ٽو ھليو وڃان گھر کان ٻاھر.

جانڪي : ڪاڏي ٽا وڃو؟ چانھہ تہ پي وڃو.

واسوُ : گھر ۾ وھڻ کان تہ روڇي جي نيلھي تي وڃي چانھہ پيئندس. ٻہ چار دوست ملي ويندا، ڪو نہ ڪو چانھہ پيئاريندو.

جانڪي : ڀَالھيون تہ واندڪائيءَ جون ئي ڪندوَ نہ.

واسوُ : (غصي ۾) ڪجھہ بہ ڪيان توکي چا. روٽي تيار ٽئي تہ نياپو موڪلجو.

(وڃي ٽو. جانڪي سيريس ٽي وڃي ٽي.)

خوشبو : (ڪِچن مان ايندي) ممي، سي نيڪ ٽي ويندو. اسان ٻئي ملي گھر کي ھلائينداسين.

www.sindhsalamat.com

جانڪي : پر ڪيستائين، نيٺ تہ تون بہ شادي ڪري هلي ويندينءَ پوءِ ڇا؟

خوشبو : جيسين پاپا جو ضمير نہ جاڳندو ڪوئي فرق نہ پوڻو آ.

جانڪي : الائي ڪڏهن سُڌ ايندس. منهنجي تہ ڇڏ پر تنهنجي آئيندہ جي بہ پرواهہ ڪونهيس. واندي ماڻهوءَ جي ڏيءُ سان ڪير شادي ڪندو؟ سڄي سڄي رات اِهو ئي سوچيندي رهندي آهيان تہ تنهنجو ڇا ٿيندو؟

خوشبو : ممي مان ويني آهيان نہ، اسان ٻئي ملي ڪري...

جانڪي : تنهنجي ڪري ئي تہ جيئري آهيان. نہ تہ ڪڏهوڪو...

خوشبو : بس بس روءُ نہ. سمائيل، مونکي خوش ڏسڻو اٿئي نہ تہ توکي بہ خوش رهڻو پوندو. ڪل... ڪل (جانڪي ڪلي ٿي) ها اِئين.

(سين سماپت)

سين نمبر ٽي

(ساڄئي ئي گهر جو نظارو. وقت مهنو ڪن پوءِ جو. جانڪي روم ڪي سنواري رهي آهي. پکڙيل سامان ناهي ٽي ءِ هِڪ سنڌي گيت گُنگُنائي ٽي.)

گيت : ڪو آ رحمان جي پاسي ڪو آ پيڱوان جي پاسي، منهنجو سجدو انهيءَ تي آ جيڪو اِنسان جي پاسي.

(خوشبو اندران اچي ٽي.)

خوشبو : ممي مان سنان تي وڃان ٽي. نيرن تيار ٽي ويئي آهي. بابا ڪونہ آيا آهن؟

جانڪي : انهيءَ جي چنتا ڇڏ. پاڇي مارڪيٽ ۾ ڪو واندو ماڻهو ملين تہ راجنيتيءَ تي لنبو پاشڻ ڏيندس. ويچارو پڻهين کان جند ڇڏائي پڇي بہ نہ سگهندو.

books.sindhsalamat.com

(ڪلي ٽي.)

خوشبو : تون خوش هوندي آهين تہ ڪيڏي نہ سُهڻي لڳندي آهين.

جانڪي : پڻهين بہ اِئين ئي چوندو آهي. هلُ هلُ جلدي تيار ٽي. اسان تہ ڪم تي لڳون. پڻهين ڪي ڇاهي؟

(واسوُ ٻاهران اچي ٽو. هٿ ۾ پاڇيءَ جون ٽيلهيون اٽس.)

واسوُ : (سوفا تي وهندي) ٽڪجي پيس. ڏاڍي رش هئي پاڇي مارڪيٽ ۾.

جانڪي : پاڇي مارڪيٽ ۾ رش هئي يا رستي تي ڪنهن واندي سان ٻالهيون ڪرڻ ويهي رهيا.

واسوُ : ڪو رستي تي گڏجي تہ انهيءَ سان رام رام ڪرڻ بہ گناهہ ٽي ويو. سماج ۾ رهڻو آهي ڪِن نہ؟

جانڪي : پهريون گهر ڏي ڏيان ڏيو. جوان ڏيءُ ڪنواري ويني اٽوَ. انهيءَ جي ڪا سُڌ اٽوَ.

واسوُ : انهيءَ ڪري تہ بازار ۾ دير ٽي ويئي. واڌوُمل مائٽين وارو گڏيو هئو.

جانڪي : هان ڇا پيو چوي؟ ڪو گهر ڏسيئين؟

واسوُ : اچي ٽو، ڪاڪ ڪن ۾ لِست ڪڍي اچي ٽو.

جانڪي : پوءِ مان ڪم تي نہ ٽي وڃان.

واسوُ : اڄُ ٽي مائٽي ٽئي، هر ٻالهہ ۾ تڪڙ. مان وينو آهيان نہ توکان وڌيڪ پڙهيل ٻڙهيل آهيان، وڌيڪ هوشيار آهيان.

جانڪي : انهيءَ گهمنڊ ئي توهان جو دماغ خراب ڪيو آهي.

(ايترو چئي جانڪي اندر وڃي ٽي.)

واسوُ : (پنهنجو پاڻ سان) زال کي چريو ناهڻ ڪيڏو نہ سؤلو آهي، مان ڪوُڙ ٻالهايم، هوءَ سچ سمجهي ويني.

www.sindhsalamat.com

(کلي ٿو. پوءِ اُٿي دريءَ ڏي نهاري ٿو. هِڪ شخص اُتان لنگهندو نظر ٿو اچيس. انهيءَ کي سڏ ٿو ڪري.)

فلاڻامل او فلاڻامل... ها، ها توکي ئي سڏ ڪيم. ٿورو اندر ته اچجانءِ. (پنهنجو پاڻ سان) هاڻي سُنو ٽائيم پاس ٿيندو.

شخص : (اندر اچي) توهان مونکي سڏ ڪيو سائين؟

واسوُ : ها ها، توکي ئي سڏ ڪيم. اڇ هتي ويهه.

شخص : ڪجهه ڪم هجيوَ ته چئو، مان ٿورو تڪڙو آهيان، اِستيشن تي وڃڻو آهي.

واسوُ : اِستيشن تي، ڪوئي اڇڻو آهي ڇا؟

شخص : منهنجا سيڙ هتان لنگهي ٿا وڃن، اُنهن سان گڏجڻو آهي.

واسوُ : وڃجانءِ، تڪڙ ڪهڙي آهي؟ هڪڙي ڳالهه ته ٻُڌاءِ تون هن سنسٽا جو پريزيڊنٽ آهين نه، جيڪا هر سال پريچيه سميلن ڪرائيندي آهي.

شخص : ها. توهان مونکي سُڃاتو؟

واسوُ : ها، ها ڇو نه؟ پلا اِهو ته ٻُڌاءِ، گهٽا ڇاڪ رجسٽريشن ڪرائيندا آهن پريچيه سميلن ۾.

شخص : پوءِ دفعي 71 ڇوڪرا هئا ۽ 82 ڇوڪريون.

واسوُ : ڇوڪريون پاڻ وڌيڪ هيون.

شخص : اڇڪلهه ڇوڪريون وڌيڪ ٿيون پڙهن ۽ ڇوڪرا گهٽ. انهيءَ ڪري برابر مئچ ملن ئي نه ٿا.

واسوُ : اينريون گهٽ اينٽريون ڇو پلا؟

شخص : اسان پريچيه سميلن پروفيشنل لاءِ رکيو هو، سيني لاءِ نه.

واسوُ : سيني لاءِ ڇو نه رکيوَ؟

books.sindhsalamat.com

شخص : ايترا ماڻهو سنيالي نه سگهون نه.

واسوُ : نه ٿا سنيالي سگهو ته ڪيو ڇا ٿا؟ ڪم اُهو ڪجي، جيڪو سنيالي سگهجي. مئن پاور وڌايو، سُنا ورکر ڳولهيو.

شخص : سائين منهنجي گاڏي رائيٽ ٽائيم تي آهي، مونکي جلدي پهچڻو آهي.

واسوُ : چڱو پلا ڪا مائتي ٻائتي ٽي.

شخص : نه، هڪ به نه.

واسوُ : يعني ته سڄو خرچ بيڪار ٽي ويو.

شخص : سائين، متي مائتي اُتي ٽيندي جتي ليڪ هوندو، اسان جو فرض آهي محنت ڪرڻ.

واسوُ : تنهن کان ته چوڪرن، چوڪرين جي لِسٽ ناهي ماڻهن جي گهر موڪلي ڇڏيو هان، محنت به بچي پوي ها ۽ خرچ به.

شخص : اسان لِسٽ اُنهن کي ڏيندا آهيون جيڪي اسان وٽ پنهنجن ٻارن جا نالا رجسٽر ڪندا آهن. اسان جا ميمبر نهندا آهن.

واسوُ : لِسٽ رڳو ميمبرس کي ڇو ڏيندا آهيو، سيني کي ڇو نه ڏيندا آهيو؟

شخص : سائين منهنجي گاڏي ڇُٽي ويندي. سيڙ ناراض ٿي ويو ته مصيبت ٿي ويندي.

واسوُ : منهنجي صلاح اٿوَ ته ڪجهه ماڻهو مقرر ڪري، چوڪرن چوڪرين جي لِسٽ گهر گهر ۾ پهچائي وڃي.

شخص : مان توهان جي صلاح اڳلي ميٽنگ ۾ رکندس.

واسوُ : ميٽنگ ۾ ڇو ٿا رکو، توهان پاڻ فيصلو ڪيو نه؟

شخص : مان سنسٽا جو پريزيڊنٽ آهيان،سروي سروا ڪونه

www.sindhsalamat.com

آهيان.

واسوٗ : ميٽنگ ۾ واجب فيصلو ڪونہ ٿيو تہ؟

شخص : ميٽنگ ۾ مان توهان کي ڳُهرائيندس، جيڪو ڳالهائڻو آٿوَ اُتي اچي ڳالهائجو.

واسوٗ : مان ڇو ڳالهايان، توهان ڇو نہ ٿا ڳالهايو؟

شخص : (هٿ جوڙي) سائين هٿ ٿو جوڙيانوَ، پيري ٿو پوانوَ. مونکي وڃڻ ڏيو.

(اندران جانکي ڪم تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي اچي ٿي.)

جانکي : ياڻو وهو نہ، چانهہ ٻانهہ تہ پي وڃو. (واسوٗءَ کي) توهان مزمان کي وهڻ لاءِ بہ ڪونہ ڇيو ڇا؟

شخص : (جانکيءَ کي) هي توهان جو گهوٽ آهي؟

جانکي : ها.

شخص : شاباس اٿوَ توهان کي.

(وڃي ٿو.)

جانکي : ڇڪو مان ڪم تي وڃان ٿي. واڌوٗمل اچي تہ ڇڪيءَ طرح ڳالهائجوس ۽ ڇوڪرن جا وڇوڙ ونجوس جيئن جاچ جوچ ڪري سگهون.

واسوٗ : مان چريو آهيان ڇا؟

جانکي : مونکي تہ نياڻيءَ جي ڳٽڻي لڳي پيئي آهي. الائي ڇا ٿيندو ويچاريءَ جو؟

واسوٗ : ڇا وري ڇا ٿيندو. ڇوڪريِ سُڻي آهي، پڙهيل ڳڙهيل آهي، نوڪري ڪري ٿي.

جانکي : ۽ ڇوڪريءَ جو پيءُ...

(چئي ڪري هلي وڃي ٿي.)

واسوٗ : پٽس کي ڇا ٿيو آهي؟ تون بہ چري آهين. (مُڙي ڪري ڏسي ٿو) ويئي... تہ ويئي، مونکي ڇاهي؟ (سوفا تي وهندي) ياڻوٗ الائي ڇو نہ آيو آهي، پيپر

books.sindhsalamat.com

نہ پڙهہ تہ مزو ئي نہ ايندو)

(ياڻوٗ ڏکندي ڏکندي اچي ٿو ۽ سڄي اِستيج جو چڪر لڳائي ٿو.)

واسوٗ : اڙي اڙي وري ڪاڏي ٿو پڇندو وڃين؟ پُڄڙيمل جو ڪُتو پُنيان پئجي ويئہ ڇا؟

ياڻوٗ : هن پيري پُڄڙيمل جو ڪُتو نہ پُڄڙومل پاڻ پُنيان پيو آهي. گهر کان ٻاهر نڪتس تہ پُنيان اچي پيو.

واسوٗ : ڇا ڪيس جو تنهنجي پُنيان اچي پيو.

ياڻوٗ : مان ڇا ڪندومانس، رٽائرمينٽ کان پوءِ هن ميجر جو مغز ڦري ويو آهي. سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي، واندو ماڻهو گهر جو زيان.

واسوٗ : پر تون ڪير آهين؟

(ٻاهران پُڄڙيمل جو آواز اچي ٿو.)

پُڄڙومل : واسوٗمل او واسوٗمل.

واسوٗ : اڙي هي تہ هيڏي ٿو اچي؟

ياڻوٗ : مونکي ڪٽي لکايو ڇاڇا نہ تہ هي مونکي ماري ماري منهنجا ڏاڇورا ڪڍي ڇڏيندو.

واسوٗ : وڃُ هُن سوفا جي پُنيان وڃي لِڪ.

پُڄڙومل : (اندر اچي) ڪاڏي ويو؟ ڪاڏي ويو هوٗ حرامخور؟

واسوٗ : ڪنهن کي ٿو ڳولهين پُڄڙامل؟

پُڄڙومل : ڳالهائين تہ اِئين ٿو جڙ توکي ڪجهہ خبر ئي ڪونہ آهي.

واسوٗ : ياڻوٗ تہ هتي آيو ئي ڪونہ آهي؟

پُڄڙومل : تون ڪيئن سمجهي وئين تہ مان هن بدمعاش کي پيو ٿو ڳولهيان؟

واسوٗ : هوٗ تہ شريف ڇوڪرو آهي. نہ ڪنهن جي هنئينءَ ۾ نہ ڪنهنجي ڪنئينءَ ۾.

www.sindhsalamat.com

پُڄڙومل : شريف ماڻهو جناور کي تنگ ڪندا آهن ڇا؟ جناورن کي به اِنسان وانگر دل هوندي آهي واسوُمل. هن کي پيار ڪپي پيار. منهنجو چيڪو آهي نه.

واسوُ : چيڪوُ؟ توهان جو پُٽ.

پُڄڙومل : نه چيڪو منهنجي ڪُتي جو نالو آهي، اُهو ۽ پنڪي گڏجي روٽي کائيندا آهن.

واسوُ : پنڪي توهان جي ڏيءُ جو نالو آهي ڇا؟

پُڄڙومل : پنڪي منهنجي ٻلي آهي. اِهو منهنجو پريوار آهي. منهنجو پريوار منهنجي جان آهي، منهنجي آتما آهي. هنن کي ڪو ستائيندو ته مان اُنهيءَ کي جيئرو ڪونہ ڇڏيندس. ڪاڏي ويو هوُ... هوُ...

واسوُ : پاڳوُ.

پُڄڙومل : ها ها اُهو ئي. اڇي ته مون وٽ موڪلجوس. مان ته ٻُڌو آهي هوُ روز هن وقت توهان جي گهر ايندو آهي. ٻئي واندا ملي واندڪائيءَ جون ڳالهيون ڪندا آهيو، پاڙيوارن جون ڳلائون ڪندا آهيو.

واسوُ : اِهو توهان کي ڪنهن ٻُڌايو؟

پُڄڙومل : انهي حرامخور ٻيو ڪنهن.

واسوُ : (پاڳوُءَ کي ڪن ڪان پکڙي اُڀارندي) تون پاڻ ته بدنام آهين، مونکي به سڄي پاڙي ۾ بدنام ٿو ڪرين. سيٺ پُڄڙامل هيءُ ئي آهي نه جيڪو تنهنجي ڪُتي کي...

پُڄڙومل : هن جو نالو چيڪو آهي.

واسوُ : جيڪو به آهي، رکہ پاڻ وٽ ڪُتو...

پُڄڙومل : خبردار جي منهنجي چيڪوءَ کي ڪُتو چيو اٿئي ته. سرڪار فرمان جاري ڪيو آهي ته جناورن جي سنيال ڪيو، اُنهن کي آوارا نه ڪُهڻ ڏيو. چو ڙي تنهنجي مِت مارجي ويئي آهي جو منهنجي چيڪوءَ جي پُٺيان پيو آهين.

پاڳوُ : غلطي ٿي ويئي.

واسوُ : پُڄڙامل تون پنهنجي چيڪوءَ کي گهر ۾ ٻڌي رکندو ڪر.

پُڄڙومل : چو پائي، گهر ۾ چو ٻڌي رکان؟ سرڪار چوندي آهي ته جناور به گهر جي پاتيءَ وانگر ٿيندا آهن.

واسوُ : پاڳوُ تون پنهنجي غلطيءَ جي معافي گُهريس نه ته هي پاشڻ ڏيئي ڏيئي مٿو کائي ويندو.

پُڄڙومل : معافيءَ سان ڪم نه هلندو. ڪن ڪوسي ڪرڻي پوندي ڏهہ دفعا.

واسوُ : جلدي ڪر بابا.

(پاڳوُ اُٺ ويهہ ڪري ٿو. پُڄڙومل ''هڪ ٻہ ٽي'' چئي ڀُڻي ٿو، وچ ۾ واسوُءَ سان ڳالهائي ٿو.)

پُڄڙومل : چيڪو جڏهن غلطي ڪندو آهي ته مان هُن کان ٻہ ڪن ڪوسي ڪرائيندو آهيان بس بس. هن دفعي معاف ٿو ڪيانءِ، ٻئي دفعي منهنجي پڪڙ ۾ آئي ته تنهنجي خير ناهي.

(پُڄڙومل وڃي ٿو.)

پاڳوُ : هي ته مونکي اُلو بڻائي ويو.

واسوُ : اُلو نہ ڪُتو ڪُتو، نالو ڪڻ نالو ڪڻ.

پاڳوُ : چيڪو چيڪو.

واسوُ : اڄ ٻہ اڇڻ ۾ دير لڳائيئہ؟

پاڳوُ : ڇا ٻُڌايانوَ، ڏئڊي پيپر ڇڏِن ئي نہ پيا. هنن کان جند ڇڏائي ته هن ميجر جي چڪر ۾ ڦاٿس.

واسوُ : پڙهہ پيپر ۾ ڇا لکيل آهي؟

پاڳوُ : (پيپر پڙهندي) آرٽڪ منتريءَ چيو آهي ته هن سال

جو بجيت ڈاڍو سترڪت ٿيڻ وارو آهي. (واسوُمل سان ڳالهائيندي) اڄُ ئي ڏسو گئس مهانگي ٿي ويئي، پيٽرول مهانگو ٿي ويو.

واسوُ : (پيپر وٺي پاڻ پڙهندي) اڙي ها، لکي ٿو اِنڪم ٽئڪس جي سلئب ۾ ڪوئي چينج نه اچڻ وارو آ. (خوشبو اندر اچي ٿي.)

خوشبو : (واسوُءَ کي) بابا مان آفيس ٿي وڃان.

پاڳوُ : (خوشبوءِ کي) خوشبو توکي ته ٽئڪس ڪونه لڳندي هوندي نه ڏِس، ايندڙ بجيٽ ۾ ٽئڪس جي ڇوٽ ۾ ڪو فرق نه اچڻو آهي.

خوشبو : بجيٽ پڙهندا آهن ٽئڪس پرڻ وارا ۽ ٽئڪس پريندا آهن چار ڏوکڙ ڪمائڻ وارا. توهان ٻئي ڪجهه ڪمايو ڏمايو ته ڪونه ٿا، پوءِ اجايو بحث ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟
(وڃي ٿي.)

پاڳوُ : اڃا ٿا چئو منهنجي ڏيءُ سان شادي ڪر. اهڙي چٽي ڇوڪريءَ سان مان شادي ڪندس؟

واسوُ : خوشبوءَ سان شادي ڪندي ته اسان ٻئي فائدي ۾ ٿيندا سين.

پاڳوُ : اِهو وري ڪيئن؟

واسوُ : پهرين ڳالهه ته مونکي ڪو ڇوڪرو نه ڳولهڻو پوڻن ۽ ٻيو ته توکي گهر ويني نوڪريءَ واري ڇوڪري ملي ويندي. هي ٻئي ڪم تي ويندين، اسان ٻئي هتي ويهي ڳالهيون ڪنداسين. (ڪلي ٿو.)

پاڳوُ : نه بابا، هن پيري ته مان اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪندس جيڪا پاڻ ۾ ڪمائيندي هجي ۽ سندس پيءُ ۾ ڪمائيندو هجي.

books.sindhsalamat.com

واسوُ : تون مونکي واندو ته نه ٿو چئين نه؟

پاڳوُ : جوڪ... جوڪ...
(ٻئي ڪلن ٿا. مائٽين وارو واڌوُمل ٻاهران اچي ٿو.)

واڌوُمل : واسوُ، آهين پائي گهر ۾.

واسوُ : ڪير، واڌوُمل؟ اڇُ پائي اڇُ، ڏاڍي وڏي عمر اٿئي. اڄُ صبح ئي توکي ياد ڪيو.

واڌوُمل : سچيءَ دل سان ياد ڪيئه ته پهچي ويس نه.

واسوُ : پر مان توکي گُهرايو ته ڪونه هئو؟

واڌوُمل : مونکي ڪوئي گُهرائيندو ٿوري ئي آهي، مان پاڻ ئي ماڻهن جي گهر پهچي ويندو آهيان.

پاڳوُ : اسان ته پائي بنا سڏ جي ڪنهن جي گهر نه ويندا آهيون.

واڌوُمل : منهنجو ڪم ئي اهڙو آهي، مان سوشل ورڪر آهيان، شل نه ڪنهن جي ڏيءُ يا پُٽ جوان ٿئي، اسان کي خبر ملي ويندي آهي.

پاڳوُ : جاسوُسي ڪندا آهيو؟

واڌوُمل : نه پُٽ، مان مائٽيون ڪرائيندو آهيان. (واڌوُمل جو موبائيل ٿو وڄي) هِڪ مٽ... هيلو... ها سائين... ها سائين... مائٽين وارو ڪير؟ پنجومل... ها... ها... تمام سُٺو گهر اٿوَ، ڇا چئيوَ ڇوڪرو پنج فوٽ ڏهه اِنچ آهي ۽ ڇوڪري پنج... پوءِ ته پاڻ سُٺو نه، ڇوڪرو هميشهه زال اڳيان ڪنڌ ڪُهڪائي هلندو، زال به خوش... توهان جي ڏيءُ راڄُ ڪندي... جيا پاييءَ کي ڏسو، اميتاب سان خوش لڳي ويئي آهي نه... ٻيو گهر... ڏسيانوَ؟... ڪلاڪ ڪن ۾ اچان ٿو... پرسنلي ٿو ڳالهاينوَ. (فون بند ڪري) ماڻهو به وسويا آهن. ها ته سيٺ واسوُمل، پُڌو آهي تنهنجي ڏيءُ

www.sindhsalamat.com

جوان آهي، خوبصورت آهي...

واسوُ : ۽ ڪمائي به ٿي...

پاڳوُ : اصلي ڳالهه ته چوڻ وسري ويئي.

واڏوُ : هڪ دفعو بايوڊيٽا ڏسندس ته سڀ ياد اچي ويندو. ها ته سيٺ واسوُمل، هڪ چوڪرو آهي خيال ۾، پڙس ڏنڊي ۾ آهي ۽ ماڻس نوڪري ڪندي آهي، چوڪري ايم. بي. اي. ڪئي آهي. سُهڻو آهي، ايماندار آهي.

واسوُ : گهڻو ڪمائيندو آهي؟

واڏوُمل : اڃا ٽائين ته خالي آهي.

پاڳوُ : يعني ته اسان جي برادريءَ جو آهي.
(واسوُمل ڏي تاڙي وڄائڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿو.)

واسوُ : پوءِ ته ڏاڍو مزو ايندو. (واڏوُءَ کي) هلايو مائٽي.

واڏوُمل : مائٽي هلاين ٿو پوءِ توهانجي ڏيءُ کي نوڪري ڇڏڻي پوندي.

واسوُ : ڇو؟

واڏوُمل : ڇو ڇا، ڏٺين کي گهريلو چوڪريِ ڪپي، جيڪا گهر سنياليِ ۽ ٻار ڇڻي بس.

واسوُ : نه بابا نه، منهنجي همٿ ناهي جو ڏيءُ کي چوان ته نوڪري ڇڏ.

واڏوُمل : ڏسو، اهڙو پڙهيل ڳڙهيل چوڪرو ڪٽي ڪونه ملندوَ (وري موبائيل وڄيس ٿو) هن گهنڊڻيءَ به ڪِڪ ڪري ماريو آهي ها برجلال. چئو سائين، بايوڊيٽا ڏِنو نه، چوڪريِ وڏي آهي، پوءِ ڇا ٿيو سائين وڏي ته پاڻ سُنو نه. اِنسان کي عمر سان ئي ته آزمودو ايندو آهي... هوءَ ڪهڙي هيروئن آ... پاڻ کان ڏهه سال ننڍي چوڪري سان شادي ڪيائين... خوش لڳي ويني

books.sindhsalamat.com

آهي نه... ٻيو بايوڊيٽا ڏيانوَ... چڱو اچان ٿو اڌ ڪلاڪ ۾. ها سائين...

واسوُ : توهان جوڙ ملائي مائٽي نه ڏسندا آهيو ڇا؟

واڏوُمل : جوڙ ته پڳوان وٽان جُڙي ايندا آهن، اسان ته اِنهن جا بندهه آهيون.

واسوُ : يعني ته نڀيءَ جا ڪم ٿا ڪيو. بي‌ايماني ٿا ڪيو. توهان کي ڇيو ڪنهن هِتي اچڻ لاءِ؟

واڏوُمل : توهان جي گهر ۾ جوان ڏيءُ آهي انهيءَ ڪري توهان تي قيام ڪائي هليو آيس.

واسوُ : توهان هِتان وڃو ته بهتر ٿيندو.

واڏوُمل : مون وٽ گهڻيئي پراڊڪٽس آهن، توهان ٻُڌايو، توهان جي چوائس ڇاهي؟

واسوُ : اسان جي ڪوئي چوائس ناهي.

واڏوُمل : توهان جي نه هلندي هجي ته ڏيءُ کان پُڇي ٻُڌائجو. تڪڙ ڪهڙي آهي، مان وري سياڻي ايندس.

پاڳوُ : ويندءُ ته ايندءُ نه.

واڏوُمل : ها بابا وڃان ٿو، اِئين ته ڏسڻ ۾ تون به جوان آهي، ڪنهن جو پُٽ آهين، چئه ته توکي به پرڻايان.

واسوُ : هن لاءِ چوڪريِ ڳولهي رکي آهي.

واڏوُمل : سڀ پاڻ ئي ڳولهيندا ته اسان جو ڇا ٿيندو.
(وڃي ٿو.)

واسوُ : ڪهڙيون ڪهڙيون مائٽيون ڪٽي آيو هئو. اصل ڪنهن نه ڪم جون.

پاڳوُ : اڃايو اسانجو ٽائيم خراب ڪيائين.

واسوُ : انهيءَ ڪري چوئين ٿو خوشبوءَ لاءِ ها ڪر. خوشبوءِ لاءِ توکان سُنو چوڪرو ڪونه ملنددو. ڏسين ٿو نه ماڻهو

www.sindhsalamat.com

کھڑا کھڑا گھر تا ڈسين. چوکرو ڊگھو، چوکريِ بندري، چوکرو ننڍو، چوکريِ وڏي.

پاڳوُ : مان خوشبوءِ سان شادي ڪيان ها پر مان ٻُڌو آهي تہ...

واسوُ : ڇا ٻُڌو اٿئي؟

پاڳوُ : توهان کي ٻُڌايان ٿو، پر ڪنهن کي چئجو نہ.

واسوُ : اصل نہ چوندس.

پاڳوُ : خوشبوءِ جو ڪنهن ٻئي سان چڪر آهي.

واسوُ : ڇا ٿو چئين؟

پاڳوُ : مان پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي، ڪلهہ ئي ڪانڪريا ليڪ تي هڪ چوڪري سان گڏ بيٺي هئي.

واسوُ : تون سچ ٿو ڳالهائين؟

پاڳوُ : ڀڳوان جو قسم.

واسوُ : اڇي تہ خبر ٿو وٺانس، نوڪريءَ جي ڀاني عشق ٿي فرمائي.

پاڳوُ : پاڙي ۾ جوان چوڪرن جي هوندي...

واسوُ : پاڳوُ تون اڇُ ئي ها ڪر...

پاڳوُ : پهريون مان پنهنجي ڀائيان حقيقت ڄاهي، مان وڃان ٿو.

واسوُ : ڪاڏي.

پاڳوُ : ڪانڪريا ليڪ تي. هوُ وري اڄ گڏجڻ وارا آهن، ڪلهہ مان پنهنجي ڪنن سان ٻُڌو.

واسوُ : ها ها وڃُ وڃُ. ڇڪيءَ طرح نگراني رکجانءِ ۽ پوءِ مونکي اڇي احوال ڏجانءِ.

پاڳوُ : توهان چنتا نہ ڪيو. پاڳوُمل پاڳچنداڻي ڏاڍو هوشيار ۽ سياڻو ماڻهو آهي. گُڊ باءِ.

(پاڳوُ وڃي ٿو.)

books.sindhsalamat.com

واسوُ : (پنهنجو پاڻ سان) هوُن، تہ اِها ڳالهہ آهي. (ڪجهہ سوچي) پر جانڪيءَ مونکي اِها ڳالهہ ڇو نہ ٻُڌائي؟ انهي ڪي تہ پڪ خبر هوندي. ٻئي ماڻُ ڏيءُ سڄو ڏينهن گٽرگوُن ڪنديون رهنديون آهن.

(ٻاهران پوسٹمين اچي ٿو.)

پوسٹمين : سائين اندر اچان؟

واسوُ : اڇُ اڇُ، سُنو ٿيو جو تون آئين.

پوسٹمين : موهني گدواڻيءَ جو گهر هيءُ آهي؟

واسوُ : نہ بابا. هي واسوُمل ميرچنداڻيءَ جو گهر آهي. ميرچنداڻين جو نالو ٻُڌو اٿئي نہ.

پوسٹمين : نہ ڪونہ ٻُڌو آهي.

واسوُ : سنڌ ۾ نوابشاهہ جا مشهور زميندار. مان انهيءَ خاندان جو آهيان.

پوسٹمين : موهني گدواڻي ڪٿي رهندي آهي؟

واسوُ : ڇو ڪهڙو ڪم اٿئي انهيءَ ۾؟

پوسٹمين : مان پوسٹمين آهيان، مني آرڈر ڪٿي آيو آهيان.

واسوُ : تہ پوءِ منهنجي گهر ئي ڇو؟

پوسٹمين : سڄي پاڙي ۾ پُڇيم، خبر نہ پيئي، هڪ ماڻهوءَ ڇيو هن گهر ۾ وڃ، هِڪ وندو وينو اٿئي.

واسوُ : مان راجنيتڪ پارٽيءَ جو ڪاريہ ڪرتا آهيان جو ووٽر لسٹ ڪٿي گهمندس؟

پوسٹمين : خبر هجيو تہ ٻُڌايو، ڪٿي نہ ٿو ملي.

واسوُ : گهر نہ ملیو تہ مني آرڈر جو ڇا ڪندا؟

پوسٹمين : موڪلڻ واري کي واپس موڪليندا سين.

واسوُ : واپس ڪڏهن موڪليندا؟

پوسٹمين : مهني کن کان پوءِ اسان مهنو کن انتظار ڪنداسين. متان کو ڪليم نہ ڪري.

www.sindhsalamat.com

واسوٗ : مهني جو وياج ڪير پريندو؟
پوستمين : مني آرڊر موڪلڻ وارو.
واسوٗ : جيڪا ڪميشن ورتوَ اُها؟
پوستمين : اُها واپس نه ڪندا سين.
واسوٗ : يعني ته ڪائي ويندوَ.
پوستمين : مان نه، ڊپارٽمينٽ ڪائيندو.
واسوٗ : سرڪاري ڊپارٽمينٽ، اِئين هلندا آهن؟
پوستمين : توهان کي موهنيءَ جو گهر خبر هجيو ته پُڌايو نه ته چڏيو انهيءَ ٻالهه کي.
واسوٗ : اِئين ڪيئن چڏيان، توهان سرڪاري ڪرمچارين ئي پرشناچار کي وڌايو آهي. ڪم ته ڪيو ڪونه مٽان وري ماڻهن جون ڪميشنون به ڪائي ويجو. توهان جهڙن کي ته نوڙيءَ سان ٻڌي، اونڌو لٽڪائي، لڪ سان مار ڏيڻ گهرجي، تڏهن ئي هيءُ ديش سُڌرندو.
پوستمين : سائين موهني...
واسوٗ : موهني تنهنجي ڏيءُ آ؟
پوستمين : نه.
واسوٗ : تنهنجي سالي آ؟
پوستمين : نه.
واسوٗ : پوءِ اِئين ڪيئن ٿو نالو ڪٽين، عزت سان نالو ڪڍ. موهني ديوي گدواڻي.
پوستمين : ڪاڻي اچي ڦاٽو آهيان، ڇڏو مان هلان ٿو.
واسوٗ : تون هتي ٽڪڙ آيو آهين؟
پوستمين : نه.
واسوٗ : مان تنهنجي روٽي موڪلائي آ؟
پوستمين : اَڙي يار... هي ماڻهو ته...
واسوٗ : بنا مطلب اچي عام ماڻهن کي پريشان ٿا ڪن، هاڻي

ماڻهن جون ائڊريسون به اسان ياد رکنداسين؟
پوستمين معنيٰ هوشيار. هڪ هڪ ماڻهوءَ جي ائڊريس رٽيل هجي هِن کي.
پوستمين : چڏيو سائين، توهان مان ڪوبه آسرو نه ٿو لڳي.
(پوستمين وڃي ٿو. ٿوري دير ۾ خوشبو ٻاهران اچي ٿي.)
واسوٗ : ڪاڏهان پيئي اچين؟
خوشبو : ڪم تان...
واسوٗ : ڪهڙي ڪم تان؟
خوشبو : جتي نوڪري ڪندي آهيان.
واسوٗ : اڃُ جلدي ڇو اچي وئينءَ؟
خوشبو : ساهيڙيءَ جو برٿ ڊي آهي، انهيءَ ڪري جلدي ڇُٽي وئي آيس.
واسوٗ : ساهيڙيءَ جو برٿ ڊي آهي يا ڪنهن ڇوڪري سان عشق فرمائڻ وڃڻو آهي.
خوشبو : بابا.
واسوٗ : ها، ها مونکي سڀ خبر آهي.
خوشبو : ڇا خبر اٿوَ؟
واسوٗ : اِهو ئي ته تون آفيس جي بهاني... هڪ ڇوڪري سان...
خوشبو : اِهو ڪنهن ٻُڌايو توهان کي؟
واسوٗ : پاڳوٗءَ...
خوشبو : اڇا ته هاڻي توهان هن بيوقوف جي چوڻ تي هلندا.
واسوٗ : هوٗ بيوقوف ناهي. سمجهدار آهي. مان هن سان تنهنجي شادي ڪرائڻ ٿو چاهيان.
خوشبو : زبان سنياليِ ٻالهايو بابا...
واسوٗ : چوا! ڇا ٿيو آ منهنجي زبان کي؟

خوشبو : هوُ طلاق شدھ آھي.

واسوُ : تہ پوءِ چاھي؟ آھي تہ شريف نہ. ويچاري کي زال چڏي ڀڄي ويئي تہ هوُ چا ٿو ڪري سگھي؟ ۽ تون بہ هڪ چوڪري سان پيار ڪندي آهين، اِهو ڄاڻي بہ پاڻُ توسان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

خوشبو : بابا؟

(جانڪي ٻاهران اچي ٿي.)

جانڪي : چا ٿيو خوشبو؟

خوشبو : ڪُجھ پنهنجي پتي پرميشور کان.

واسوُ : هيءَ چا پُڇندي؟ مان ٿو ٻُڌايانءِ. (جانڪيءَ کي) ڏاڏيون وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندي آهين نہ تہ اسان ٿا گھر سنياليون، خبر بہ اٿئي ڈيڊي نؤڪريءَ جي ڀاني ڪاڏي ڪاڏي وڃي عشق فرمائيندي آهي.

خوشبو : ممي اِهو سچ ناهي.

واسوُ : تہ چا سچ آهي؟ ٻُڌاءِ ٻُڌاءِ، چپ چو ٿي وئينءَ؟ ڪيئن ڳالهائيندينءَ؟ چوري جو پڪڑجي ويئي؟

جانڪي : خوشبو...

خوشبو : ممي، مون تي وشواس رک، مان اهڙو ڪوبہ ڪم نہ ڪندس جنهن سان منهنجي ماءُ جو نالو خراب ٿئي.

واسوُ : پيءُ جو نالو پلي خراب ٿئي. ماڻهو بدنام ڪن تہ ڈسو واسوُمل ميرچنداڻيءَ جي خاندان جو چراغ رستن تي عشق ٿو فرمائي. هي بدمانيءَ جو ٻوجھ مان ڪيئن کڻي سگھندس.

خوشبو : پهرين پنهنجو ٻوجھ کڻڻ سکو پوءِ ٻين کي ليڪچر ڈجو. گُڊ فار نٿنگ.

واسوُ : (غصي ۾ هٿ اولاريس ٿو) خوشبو.

books.sindhsalamat.com

خوشبو : ترسو... (واسوءَ جو هٿ رکجي ٿو وڃي.) توهان کي کهڙو حق آهي مون تي هٿ کڻڻ جو هان، کهڙي اڪار سان مون تي الزام ٿا لڳايو ڇئو؟ ڪڈهن ٻہ ويلا روٽي کارائي اٿوَ... ڪڈهن کا برٿ ڊي گفٽ ڈني اٿوَ تہ وٽ پُٽ اڇ تنهنجو جنم ڈينهن آهي، تنهنجي لاءِ ڊريس وٺي آيو آهيان. (روئڻهارکي) توهان تہ مونکي پڑهايو ٻہ نہ هان (جانڪيءَ جي ويجهو وڃي) هي تہ مميءَ گھر گھر وڃي ماڻهن جا ڪم ڪيا، روٽيو ناهيون، پاڻ بُڪ سهندي هئي پر منهنجي پڑهائيءَ لاءِ ڪتاب وٺي ايندي هئي... توهان کي تہ ڪا سُڌ ئي ڪونہ هئي تہ گھر ۾ چا هلي رهيو آ... سڄي دنيا جو ٻوجھ جو ڪُلهن تي کڻي وينا هئا.

جانڪي : بس ڪر خوشبو بس.

خوشبو : نہ ممي، تون وچ ۾ نہ ڳالهاءِ. هيءُ پيءُ ۽ ڈيءُ جو معاملو آهي. (واسوُءَ کي) دل تي هٿ رکي ڈسو... سوچيو... چا ڪيو اٿوَ زال ۽ ڈيءُ لاءِ؟ چرئي پاڻُ سان منهنجي شادي ڪرائيندا جنهن جي زال ڇڻ کي ڇهن مهنن ۾ انهيءَ ڪري ڇڏي هلي ويئي تہ هوُ ڪجھ ڪم ڈنڈو نہ ٿو ڪري.

واسوُ : زال کي بُڪ تي رکي پيو چا؟ هوُ نہ ٿو ڪمائي پٽس تہ ڪمائي ٿو نہ؟

خوشبو : توهان تہ پنهنجي آتما وڪڻي کائي وينا آهيو، نہ شرم نہ لحاظ.

واسوُ : خوشبو...

(خوشبوءَ کي چمات هڻڻ لاءِ هٿ مٿي کڻي ٿو.)

خوشبو : برداشت جي حد پار ڪري چڪا آهيو توهان، ٻہ پئسا

www.sindhsalamat.com

ڪمائي اچو پوءِ ڪٽجو ڏيءُ تي هٿ. مونکي به خوشي ٿيندي ته ڪمائوُ پيءُ جي هٿان مار کاڏي آهي. سنڌي ماڻهوءَ کي ڪڏهن خالي ڏنو اٿوَ. سنڌي اُهي آهن جيڪي محنت سان اڳتي وڌي ڄاڻن. توهان سنڌي ذاتيءَ تي ڪلنک آهيو، ڪلنک. هاڻي ڏيان سان ٻُڌي ونو. جنهن چوڪري سان مان ملڻ ويئي هئس اُهو اسان جي آفيس ۾ ڪم ڪندو آهي، اُنهيءَ جي ماءُ کي ڪينسر آهي، منهنجي باس انهيءَ لاءِ مدد جو چيڪ ڏنو هئو، اُهو ڏيڻ ويئي هئس... پر مان اِهو سڀ توهان کي چو ٿي ٻُڌايان. توهان تي ته ڪوبه اثر پوڻ وارو ڪونهي نہ، توهان اونچي خاندان جا جو آهيو، نوابشاهه جو ميرچنداڻي خاندان...

جانڪي : خوشبو. بس، گهڻو نہ ٻالهاءِ.

واسوُ : ٻالهائڻ ڏيس، اُڄ پهريون دفعو ڪنهن منهنجي ضمير کي جهنجهوڙيو آهي. اڄُ پهريون دفعو ڪنهن مونکي ٻُڌايو آهي ته اِنسان خاندان سان نہ، پر محنت سان سُڃاتو ويندو آهي. ساري پُٽ، مان تو تي شڪ ڪيو.

(ايترو چئي واسوُ اندر هليو وڃي ٿو.)

جانڪي : هي ڇا ڪيئہ خوشبو؟

خوشبو : ساري ممي، پاپا ٻالهہ ئي اهڙي چئي جو مونکي غصو اَچي ويو.

جانڪي : پڻهين جي سياڻُ جي ته خبراڻئي ته هوُ غصي ۾ ڪجهہ گهٽ وڌ نہ ڪري ڇڏي. هل هلي پڻهين کي سمجهاءِ.

(ٻئي اندر وڃن ٿيون. سين سماپت.)

سين نمبر چار

(ٻئي ڏينهن صبح جو نظارو. واسوُمل ڪوٽ سوُٽ پائي هٿ ۾ فائيل ڪڻي ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهي. جانڪي ۽ خوشبو کي سڏ ٿو ڪري.)

books.sindhsalamat.com

واسوُ : جانڪي، خوشبو. ڪاٿي آهيو؟ مان وڃان ٿو.

(جانڪي ۽ خوشبو اندر اچن ٿيون.)

جانڪي : ڪاڏي ٿا وڃو؟

واسوُ : نؤڪري ڳولهڻ...

خوشبو : پر... بابا...

واسوُ : بس، وڌيڪ ليڪچر ڏيڻ جي ضرورت ناهي... هي منهنجو آخرين فيصلو آهي. پهرين مان پنهنجن پيرن تي بهان پوءِ جيڪو چوڻو اٿئي چئجانءِ.

(باهران پاڳوُ اچي ٿو.)

پاڳوُ : چاچا، چاچا اڄوڪي پيپر ۾ هڪ زوردار خبر آئي آهي، هي ڏسو بالبوود ڏماڪا... (واسوُءَ کي ڏاڍن سان ڏسي) توهان ڪاڏي ٻاهر وڃي رهيا آهيو؟

واسوُ : بيوقوف... ڪو ڪم ڏنڏو اٿئي ڪِن نہ؟ صبح ساڻ بنا پُڇي ماڻهن جي گهر ٿو هليو اچين. هڪ چوڪريِ چڏي ويئہ تڏهن به عقل ڪونہ آيو اٿئي، وڃُ ڪجهہ ڪماءِ، ڏماءِ ۽ پنهنجن پيرن تي بيهہ ته ڪا چوڪريِ شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيئي. نہ ته ته اِئين ئي رهجي ويندين گُڊ فار نٿنگ.

(ايترو چئي واسوُ ٻاهر هليو وڃي ٿو. پاڳوُ خوشبو ۽ جانڪيءَ کي ڏسندو رهي ٿو.

خوشبو : (ڪلندي) گُڊ فار نٿنگ.

(پاڳوُ ڏيري ڏيري غصي ۾ ٻاهر وڃي ٿو. خوشبو ۽ جانڪي ڪلن ٿيون ۽ هڪ ٻئي کي پاکر پائين ٿيون.)

(سماپت)

www.sindhsalamat.com

2nd

3rd

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com